# اُنهن سنڌي ڳالهڙي

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جن جي

ٻي ورسي جي موقعي تي شايع ڪيل

# انهن سندي ڳالهڙي


سهيڙيندڙ

مخدوم جميل الزمان


Gul Hayat Institute


ڇپائيندڙ

طالب المولىٰ اڪيڊمي

ڇپجڻ جي تاريخ: جنوري ١٩٩٥ع
تعداد: هڪ هزار
ڇپائيندڙ: طالب الموليٰ اڪيڊمي
ڇاپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي فون ٧٧٣٧٢٩٠
ڪمپيوٽر لي آؤٽ: نياز حسين گبول

Gul Hayat Institute

هي سووينئر گل محمد "گل" سروري طالب الموليٰ اڪيڊميءَ جي پاران آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچيءَ وٽان ڇپائي پڌرو ڪيو.

# سهيڙيندڙ جو نوٽ

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين جن جي پهرين ورسي جي ڏينهن، تاريخ ١١ جنوري ١٩٩٤ع تي، طالب المولىٰ اڪيڊمي طرفان هڪ شاندار ادبي سيمينار منعقد ڪيو ويو هو، جنهنجي صدارت پاڪستان جي منتخب وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو صاحبه ڪئي. هن تقريب ۾ پهرين دفعي مخدوم مخدوم طالب المولىٰ ايوارڊ ۽ طالب المولىٰ اڪيڊمي ايوارڊ جاري ڪيا ويا.

مخدوم طالب المولىٰ ايوارڊ جيڪو اسان جي فيصلي موجب سال ۾ هڪڙو ۽ هڪ دفعه ڏنو ويندو، اهو وزير اعظم پاڪستان محترمه بينظير ڀٽو صاحبه کي ڏنو ويو ۽ اڪيڊمي ايوارڊ سنڌ جي ناميارين شخصيتن وصول ڪيا.

سيمينار ۾ سنڌ جي ڪيترن اديبن ۽ دانشورن حضرت قبلا مخدوم طالب المولىٰ جن جي ذات ۽ سندن علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتن تي روشني وجهندي پنهنجا ذاتي مشاهدا ۽ تجربا بيان ڪيا، جيڪي اڪيڊميءَ طرفان محفوظ ڪيا ويا هئا. البته چند تاثرات جيڪي تحريري شڪل ۾ نه هئا اُهي سنڀالي نه سگهيا سين. مذڪوره مضمون ۽ ٻيا اخباري مضمون سهيڙي "انهن سنڌي ڳالهڙي" جي صورت ۾ آندو ۽ اٿئون جيڪو بطور تحفه اوهان جي هٿن ۾ آهي.

١٢- جنوري ١٩٩٥ع تي طالب المولىٰ اڪيڊمي پنهنجي محسن ۽ رهبر عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي ٻي ورسيءَ جي ڏينهن تي وري هڪ ادبي سيمينار ڪراچي ۾ رکيو آهي، جنهنجون ڳالهيون آئينده ڪيون.

اڄ هيءَ نوٽ لکندي جڏهن پهرين ۽ ٻي ورسيءَ جو تذڪرو نڪتو ته دل ۾ بيساخته هڪ شعر تري آيو، جنهن تي هن نوٽ جو اختتام ڪريان ٿو:

آج اک اور برس بیت گیا اس کے بغیر
جس کے ہوتے ہوئے تھے زمانے میرے

مخدوم جميل الزمان
چيئرمين
طالب المولىٰ اڪيڊمي

٧- جنوري ١٩٩٥ع
٥- شعبان ١٤١٥ھ
ڪراچي

Gul Hayat Institute

# فهرست


3 سهيڙيندڙ جونوٽ: مخدوم جميل الزمان

7 حضرت مخدوم طالب المولىٰ جي شاعري
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

25 اميري ۽ فقيري جو متوازن امتزاج مخدوم طالب المولىٰ
محمد علي جوهر

28 ڏاڏا سائين ڏانهن لکيل تعزيتي خط
شبير هاتف

29 سائين وڏا
شبير هاتف

37 فقير طالب المولىٰ
محبوب سروري

42 ڪئمپس مان ڪالم
ملڪ نذير

46 پنهنجي پرين ڪاڻ، پاند پسايم روئي!
اصغر عطا شيخ

48 اڄ نه پسان سي
قمر شهباز

50 مخدوم طالب المولىٰ جون جون يادگيريون
سيد محمد شاه آف ڀاٽوٽ

54 جوڳي جيڪس ويا جبروت
عنايت بلوچ

60 محترم قبله سائين مخدوم طالب المولىٰ
نذير ناز

64 پورو پيرو
پروفيسر سيد ميرعلي شاهه

72 سڄڻ جا ساريو سانگ
نصير مرزا

82 لڏي ويا اڏي ويا سخن جي عمارت
غلام حيدر چنا

88 مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ
قمرالدين ابڙو

91 ڪوڙين ڪن سلام...!
"فقير" شهمير خان چانڊيو

93 ڪو ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
منير هالائي

100 مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ- انسان دوست ۽ ادب دوست
امر منظور هالا

104 مخدوم طالب المولىٰ ادبي سيمينار- اکين ڏٺو احوال
ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

110 مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو لاڏاڻو
الله بچايو ميمڻ

115 حصه نظم
نياز همايوني- منصور ويراڳي- پروانو ڀٽي- خادم حسين همدم- علي احمد شاهه ساقي- غلام رسول راز سروري- فضل الله فدا چانڊيو- علي محمد مجروح- الحاج رحيم بخش "قمر"- محمد علي جوهر- موسيٰ ڪليم- فقير محمد رمضان "مسڪين" سروري- سائل آزاد- امداد علي امداد سروري- شبير هاتف- خانزاده سميع الوري


Gul Hayat Institute

انهن سندي ڳالهين

# نثر

Gul Hayat Institute



عالیجناب حضرت قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ
۱۷ - سجاده نشین حضرت غوث الحق مخدوم علیه رحمة

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# حضرت مخدوم طالب المولىٰ

## جي شاعري

شاعري، انسان جي نفيس جذبن جي اظهار جو نالو آهي. فنڪار جي ذهن ۾ تخيل، خيال ۽ وجدان موجود هوندا آهن، جن جي پٺيان جذبهن شعور، لاشعور ۽ تحت الشعور عمل ڪندا آهن، تڏهن اهي جذبو بنجي پوندا آهن. ان ڪان پوءِ اهو جذبو لفظن جو روپ اختيار ڪندو آهي، ته لفظ وجود ۾ ايندا آهن. اهي لفظ پوءِ شاعريءَ جو روپ اختيار ڪندا آهن. مطلب ته ته شاعري اندر جي اڌمن جي اظهار جو نالو آهي. جيڪا شاعري اهڙيءَ طرح وجود وٺي، اها ئي فطري ۽ سچي شاعري آهي. اها ئي شاعري تخليقڪار جي شخصيت، مشاهدي ۽ اثر پذيري جي آئينه دار هوندي آهي.

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي شاعري به سندس شخصيت جي آئينه دار آهي. سندس شاعريءَ ۾ سندس جذبن، امنگن، خيالن، ويچارن ۽ مشاهدن ۽ زندگيءَ جي تجربن جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. سندس شاعري گهڻي قدر داخلي آهي، پر هن ڪن جاين تي وقت جي حالتن عڪاسي به ڪئي آهي؛ ۽ انسان جي ڏاڍ، ڏهڪاءَ ۽ غريب طبقي جي استحصال تي پنهنجي دردمندي به ڏيکاري آهي. سندس شاعري گهڻي قدر جمالياتي شاعري آهي. هن حسن ۽ جمال جو ذڪر ڏاڍي اثرائتي، دلڪش ۽ دل پذير انداز ۾ ڪيو آهي. هو پنهنجي عاشقانه جذبن جو اظهار، ڏاڍي ڪليل انداز ۾ ڪري ٿو، ۽ ان سلسلي ۾ اشاريت، لڪ لڪاءِ ۽ اهڃاڻ ڪان ڪم ڪو نه ٿو وٺي. هجر ۽ وصال جو بيان به ڏاڍي پرسوز طريقي سان ڪري ٿو.

هن وقت جي حالتن جي ڳالهه ڪئي چئني، ته ڪٿي اشاراتي انداز ۾ ڪئي آهي. ٻوليءَ جي لحاظ ڪان سندس شاعريءَ ۾ ٺيٺ سنڌي لفظن، ۽ عربي ۽ فارسي لفظن جو ڏاڍو سهڻو ميلاپ نظر اچي ٿو. هن پنهنجي عروضي شاعريءَ ۾ روايتي علامتن، گل بلبل، ميخاني ۽ مئي، مينا ۽ ساغر، شاهد ۽ ساقي جو ذڪر به آندو آهي. پر انهن ۾ به نواڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. ڪتاب 'چپر ۾ چڙيون' جي ٻئين ڇاپي جي مهاڳ ۾ پاڻ لکيو اٿس:

"ٻين ڪيترن ئي صاحبن جو آهي اعتراض، ته آئون شاعريءَ ۾ پنهنجي، بلبل ۽ گل، ميخاني ۽ مئي، مينا ۽ ساغر شاهد ۽ ساقي وغيره وغيره، جوئي ڪريان ٿو فڪر، حقيقت آهي هي

۽ مضمونن انهن جي پردي ۾ لاٽي وڃي ڪاٽي ڪل ابتي، آمرن ۽ ظالمن جي، ڪٽي ڪٽي ۽ ڪڍهن ڪڍهن مضمونن انهن کي خوبصورتيءَ سان لکڻ ٻه فن آهي عظيم ۽ شاعرانه آهي ڪمال" (ص. ت)

مخدوم صاحب سنڌي قديم توڙي جديد شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن قديم سنڌي شاعريءَ جي صنفن بيت ۽ ڪافيءَ ۾ طبع آزمائي آهي، پر انهن ۾ نئون رنگ ڀريو اٿس، ۽ نوان مضامين آندا اٿس. انهن سان گڏ عروضي صنفن، غزل، رباعي، مثنوي ۽ قطعه وغيره ۾ ڀرپور انداز ۾ پنهنجا تخليقي جوهر ظاهر ڪيا اٿس. هتي سندس شاعري جو فني ۽ فڪري جائزو پيش ڪجي ٿو.

بيت: هي سنڌيءَ شاعريءَ جي اهم بنيادي ۽ قديم صنف آهي. قديم زماني کان اڄ تائين بيشمار شاعرن سنڌي بيت چيا آهن، ۽ چوندا رهن ٿا. ابتدا ۾ سخين ۽ سورهين جي ساراهه بيت جو مک مضمون هو. ان کان پوءِ صوفي شاعرن تصوف جا اسرار و رموز بيتن ۾ بيان ڪيا. ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ علامتن ۽ تمثيلن کان ٻه ڪم ورتو، ۽ سنڌ جي ماحول مان اخذ ڪيل تشبيهون ٻه آنديون. خاص طرح سان سنڌ جي رومانوي داستانن کي تمثيل طور آندو ويو. ڪن شاعرن سڌي سنئين نموني تصوف ۽ ويدانت جي اپٽار ڪئي، ۽ ڪن وري تمثيلي طور سنڌ جي سورمين جي زباني پنهنجا خيال ۽ ويچار بيان ڪيا. تصوف کان سواءِ بيت ۾ مجازي مام، مجازي حسن، سونهن ۽ سينگار، وڇوڙي جي ورلاپن ۽ وصال جي واين جو اظهار ٻه ڪيو ويو. نه فقط ايترو، پر اشاراتي انداز ۾ توڙي ظاهر ظهور وقت جي حالتن جو ذڪر ٻه ڪيو ويو.

موجوده دور ۾ ٻه صوفي شاعر توڙي جديد شاعر، بيت جي ذريعي پنهنجا جذبات، احساسات، امنگ، ارمان، اميدون، مايوسيون ۽ محروميون بيان ڪري رهيا آهن. حضرت مخدوم صاحب جي شاعريءَ ۾ ٻه بيتن جو وڏو ذخيرو ملي ٿو. سندس ڪتاب "ڇپر ۾ چڙيون" جي پهرين حصي ۾ عنوانن هيٺ بيت آيل آهن، جيڪي ڪتاب جو تقريباً ٻه ڀاڱي ٽيون حصو والارين ٿا. ڪتاب آب حيات جو ٻه وڏو حصو عنوان وارن بيتن تي مشتمل آهي. انهن کان سواءِ ڪتاب "سدا وسين سنڌڙي" ۾ سڀ بيت آهن، جيڪي مختلف عنوانن هيٺ آيل آهن. هي ڪتاب "طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا" طرفان ڊسمبر ١٩٩٠ع ۾ ڇپيو. هن مجموعي جا بيت ١٩٥۴ع کان ١٩٧۴ع تائين مختلف وقتن ۽ مختلف هنڌن تي لکيا ويا.

مخدوم صاحب جي بيتن ۾ تصوف جي اپٽار ٻه آهي، ۽ حسن و عشق جو ذڪر ٻه آهي، وڇوڙي جا ورلاپ ٻه آهن، ۽ وصال لاءِ التجائون ٻه آهن، زماني جي حالتن جو ذڪر ٻه آهي، ۽ سياسي ۽ سماجي حالتن جي عڪاسي ٻه ڪيل آهي، پنهنجي وطن سنڌ جي ساراهه ٻه آهي، ۽ پنهنجي عاشقانه جذبن جو اظهار ٻه آهي، نه فقط ايترو پر نون ۽ انوکن موضوعن تي ٻه بيت چيل آهن. جن تي اڳ ڪنهن ٻه شاعر خيال آرائي نه ڪئي آهي. انهن مان ڪجهه هي آهن: "قومن تان قربان" عنوان هيٺ پيرن جو ذڪر، "گونگيون گوءِ ڪٽي وين" ۾ اڪين جو احوال، "جتيءَ

جوڙ ٻه جي ٽيان" ۾، جتي جي اهميت جو اظهار، "ڪُتو ڪتو نه ڇٽو" ۾ ڪتي جي خوبين جو بيان، سريتين ۽ سريتين جي خاصيتن جي ڀيٽ وغيره.

بيتن جي سلسلي "مرسل مٽيادار" جي هڪ بيت ۾ ٻنهي جهانن جي سردار جي ثنا ۽ صفت هن طرح بيان ڪري ٿو:

صورت سيرت سهڻي، محبوب سو مليح،
لطيف ڪان لطيف سو، صبحين ڪان صبيح،
مثل دل جي لاءِ ٿي، محبت سندس مسيح،
امي عربي ڄام ڪي، فائق ڪيو فصيح
سرور سو صبيح، طالب مولا ملڪ ۾.
(ڇپر ۾ چرڻيون)

ڪتاب "ڇپر ۾ چرڻيون" جي بيتن جي سلسلن "تقويٰ ري طاعت" ۽ "جي ڀائين جاني ملان" ۾ سلوڪ ۽ معرفت جون ڳالهيون ڪيون آهن، ۽ تقويٰ (پرهيزگاري) تي گهڻو زور ڏنو. هڪ بيت ۾ سلوڪ جي طالب کي هدايت ڪندي چوي ٿو:

عبادت الله جي ٿئي، تقويٰ ساڻ تمام،
الفت رک عظيم سان، آهي قرب ۾ ڪمام،
قالوا بليٰ قول جو، عاشق پار انجام،
نه اظهر الشمس ٿئي، ناسوت اندر نام،
طالب المولیٰ طعام، ڪاءُ تقويٰ جو طلب م.
(تقويٰ ري طاعت)

عشق جو ذڪر ڪيترن ئي شاعرن ڪيو آهي، ۽ پنهنجي انداز سان ان جي وصف بيان ڪئي آهي. شاهه لطيف چيو آهي: "عشق نه آهي راند" يعني "عشق" جي عنوان تي ڪيتري وقت کان شاعر لکندا اچن ٿا. مخدوم صاحب ٻه "عشق" جي تعريف ۾ گهڻو ڪجهه لکيو آهي. البت اسلوب بيان ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هو چوي ٿو: "عشق نه بيت المال" چوي ٿو:

عشق نه بيت المال جو ملي محتاجن کي،
عشق آهي اُن سندو، جنهن ڪيو قرب ڪمال،
طالب المولیٰ ۾، جو رکي خاص خيال،
جانب جو جمال، اهو ماڻيندو عشق سان.

بيت جي روايتي مضمون سان گڏ، مخدوم صاحب پنهنجي بيتن ۾ نوان مضامين ٻه آندا آهن، ۽ پراڻن مضمونن جي بيان ۾ جدت ۽ انفراديت پيدا ڪئي آهي. بيتن جي سلسلي "گونگيون گوءِ ڪني ويون" ۾ اکين جون خوبيون ۽ خصوصيتون نئين انداز ۾ بيان ڪيو اٿس.

Gul Hayat Instutute

وڇوڙي واري وقت ۾، وصال لاءِ واجهائيندي، اکين جي جيڪا ڪيفيت ٿئي ٿي، ان کي مخدوم صاحب هن طرح بيان ڪيو آهي:

پڇن پڇرن پاڻ ۾ ويچاريون وسن،
ڪڇن پڇن ڪينڪي، نه ڪي ڪجھ ٻڌن،
سدائين صبر جي، عادت آهي اکين،
طالب المولىٰ طلب ۾، گوءِ ڪٽي گونگين،
تڏهن لڙڪ اگهين، حبيبن هٽن سان.

مخدوم صاحب پهريون شاعر آهي، جنهن بيتن ۾ پيرن جو مضمون آندو آهي، ۽ پيرن جي ساراهه ڪئي آهي. اڳ ۾ ڪنهن به شاعر پيرن جي اهميت ۽ ڪيفيت بيان نه ڪئي آهي. مخدوم صاحب "قدمن تان قربان ٿيا". سلسلي جي بيتن ۾ پيرن جا ٿورا مڃيندي، ڪڏهن پيرن کي چمڻ جي طلب رکي ٿو، ته ڪڏهن قدمن تان قربان ٿيڻ جي سڌ رکي ٿو. ڪٿي ته هو پيرن کي اکين کان به وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته اکين تي پيرن جو احسان آهي، جو اهي پرينءَ وٽ پهچائين ٿا. هڪ بيت ۾ اکين پيرن جي ڀيٽ ڪندي چوي ٿو:

اکيون به اکيون آهن، پر پيرن سان نه پڄن،
هو روئن رت ڦڙا، هو ڦٽجو ٿا ڦٽجن،
هو بيوس آهن برهه ۾، هي هيجئون اٿيو هلن،
هو نهارين نجيب کي، هي تر نه ٿا ترسن،
هو اپاٽڪيون عجيب لئه هي رندن منجهه رلن،
احسان ڪيا اکين تي، پرت منجهان پيرن،
طالب موليٰ طلب ۾، چميو وري چمجن،
جهلئي نه ٿا جهلجن، هلندي پنهنجي حبيب ڏي.

بيتن جي سلسلي ۾ "جيڪر آئون هجان" ۾ مخدوم صاحب بلڪل نئون انداز اختيار ڪيو آهي. هنن بيتن ۾ هو پنهنجي سَڌَ بيان ڪري ٿو، ته جيڪر آءٌ "ڪارا ڪيس قريب جا هجان"، "پرينءَ جي پيشاني هجان"، "جي جانيءَ جي جبين هجان"، "جي عجيب جو ابرو هجان"، "جي محبوب جي اک جو ڇپر هجان"، "جي اکيون هجان عجيب جون"، "جي گل هجان"، "جي تير هجان"، "جي قريب جو ڪَنُ هجان"، "جي نجيب جو نڪ هجان"، "جي لالڻ جو لب هجان"، "جي دهن هجان"، "جي لالڻ جي لسان هجان"، "جي ڳِٽن ڀري ڳچي هجان"، "جي حبيب جو حلق هجان"، "جي آواز هجان عجيب جو"، "بولو بنجي جي پوان" وغيره. اهڙيءَ طرح شاعر پنهنجي تمنا به بيان ڪئي آهي، ته ان سان گڏ محبوب جي سراپا ۽ سينگار جو ذڪر به ڪيو آهي. اسلوب بيان به بلڪل نرالو آهي، ڇا آهي، جو مختلف بيتن ۾ ڄڻ محبوب جو ڪونه ڪو انگ، پنهنجي زباني پنهنجون وصفون ۽ سونهن بيان ڪري ٿو. اصل

طالب الموليٰ ڪٿن چوان، ٿيان جتي نہ جاڻن،
جتي ٿيان تہ ڀيو ڇا ڪپي، ڪتا ڀنهي جهانن،
جو ڀهتي ساڻ پرين، جتي عرش عظيم تي.

ڪيترن ئي بيتن ۾ محبوب جي سونهن ۽ سينگار جي ساراهہ ڏاڍي دلڪش انداز ۾ ۽ سهڻين تشبيهن ذريعي ڪئي ويئي آهي. يعني ڪتاب ”ڇپر جون ڇڙيون“ ۾ سنڌي بيت جي هڪ قسم ”سينگار“ جا ڏاڍا دلپذير نمونا ملن ٿا. اهڙو هڪ بيت هت ڏجي ٿو، جنهن ۾ شاعر محبوب جي مختلف انگن جي سونهن جي ساراهہ بيان ڪئي آهي. تشبيهون جيتوڻيڪ روايتي آهن، پر اسلوب بيان نئون ۽ نرالو آهي:

ڪارا ڪيس قريب جا، واسينگ جڻ وار،
پيشاني پرينءَ جي، چنڊ جيئن ڪري چمڪار،
اکيون هن عجيب جون نرگس جڻ نروار،
جهڙا گل گلاب جا، تن کان وڌ رخسار،
لعل لب لبيب جا، منڙا ڀئي من ٺار،
وجهي ڪونج ڳچيءَ ۾ ڇهرا چندن هار،
ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان، سجڻ جا سينگار،
جان ۽ جند نثار، طالب الموليٰ تن تان.

بيت جي ٻي مجموعي ”سدا وسين سنڌڙي“ ۾ بہ مختلف عنوانن هيٺ بيتن جا سلسلا ملن ٿا. پهرين ڪنڊيءَ جو عنوان ساڳيو ڪتاب جي نالي وارا ”سدا وسين سنڌڙي“ آهي. هنن بيتن ۾ سنڌ سان محبت جو اظهار ڪيو ويو آهي، سنڌ دشمن ڪان نفرت جو اظهار ڪيو ويو آهي، سنڌ جي ماڻهن ۽ وڻن ٽڻن جي واکاڻ ڪئي ويئي آهي ۽ سنڌ لاءِ دعائون گهريون ويون آهن. وڏي خوبي اها آهي تہ اڪثر بيتن ۾ وراڻ آهي. يعني گهڻن بيتن جي پوئين مصرع جو آخر بند ساڳيو ”سدا وسين سنڌڙي“ آهي. هڪ بيت نموني طور ڏجي ٿو:

ڇارئون ڪارئون ڪبڙيون، تنهنجون واهہ وٽيون،
صفتون تنهنجون سنڌڙي، ڳٽي ڇا ڳٽيون،
مارو تنهنجا محبتي، تن جي پيرن سنديون پٽيون،
وجهن ڪٽي ونن ۾، طلبون خوب ٽٽيون،
طالب موليٰ تهدليئون، آهن ذريئون ڏٺيون،
گهرجون آهن گهٽيون، سدا وسين سنڌڙي.

بيتن جي سلسلي ”پهرين چوان پاڻ کي“ ۾ حاجين ۽ حج جو ذڪر ڪيو ويو آهي ”هلو تہ هلئون چنڊ تي“ واري عنوان هيٺ چنڊ جو ذڪر آهي، چنڊ سان پيٺ، شاهہ لطيف جي بيتن ۾ ملي ٿي شاهہ لطيف چيو آهي:

چنڊ چَئين سچ، جي مٺي نہ پائين،
ڪڏهن ايرين سنهڙو، ڪڏهين ايرين ڳچ،
منهن ۾ ٻريئي مچ، تو ۾ ناھ پيشاني پرين جي.

اهو ساڳيو خيال مخدوم صاحب نئين انداز ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

ڪٿي چهرو چنڊ جو، ڪٿي منهن منٺار،
چائون ان جي منهن ۾، هي رمز پرٺو رخسار،
سچڻ سراپا سوهڻو، عجيب رڳو انوار،
هڪڙو پاسو چنڊ جو، اونده اندوڪار،
ڪٿي هن جي ڳالھ ٿي، ڪٿي پيرين پرين پار،
طالب موليٰ چيھ ٿيو، ڪٿي هجن چنڊ هزار،
جي پر هاٽا پيزار، تہ ٻہ هيٺاهون هنن ڪان.

اهڙيءَ طرح ٻين عنوانن هيٺ آيل بيتن ۾ بہ روايتي مضامين نئين انداز ۾ ملن ٿا. "ساقي" جو ذڪر غزل جي شاعري ۾ تہ عام ملي ٿو؛ پر مخدوم صاحب بيتن ۾ بہ ساقي ۽ شراب جو احوال آندو آهي. هن قسم جي بيتن ۾ ساقي ۽ شراب سان واسطو رکندڙ ساڳيا لفظ آندا ويا آهن، جيڪي عروضي شاعريءَ ۾ عام مستعمل آهن، جهڙوڪ: گل، گلفام، جام، آب حيات، پيمانو وغيره. هڪ بيت ڏجي ٿو:

ساقي ڏي شراب سو، گل بو ۽ گلفام،
اندر احسان جي، لاهي تاس تمام،
انهيءَ آب حيات مان، جوڙي ڏي ڪو جام،
چاڙهي نشا نينهن جا، صبح توڙي شام،
طالب موليٰ طلب ۾، ٻڌو عشق سندو احرام،
تنهنجو وٺي نام، پيئندس پيمانن ڪي.

مجموعي "آب حيات" جي بيتن تي جدا جدا عنوان ڪونهن، هن ۾ ڪل ٩٦ بيت آهن، جن جو هڪ ئي عنوان آب حيات چئي سگهجي ٿو. هي مجموعو مخدوم صاحب پنهنجي خادم ۽ تيماردار محمد حاجن ابڙيجو ڏانهن منسوب ڪيو آهي، جنهن مان مخدوم صاحب جي ماڻهپي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هڪ بيت ۾ ڪيس مخاطب ٿي چوي ٿو:

پنهنجي هٿن سان پيار تون، دلبر دوائون،
آخر پنهنجي امر سان، ڏيندو شافع شفائون،
مون کي موهيو ٿيون ڇڏين، تنهنجون ادائون،
آب حيات آئون، منهنجا ساقي ڏي پيان.

## ڪافي:

ڪافي، سنڌي شاعريءَ جي عام مقبول صنف آهي، جنهن مان سنڌ جو عام توڙي خاص ماڻهو حظ حاصل ڪندو رهيو آهي. تصوف، حسن و عشق، وڇوڙي جا ورلاپ ۽ اندر جا اڌما ڪافيءَ جا مضمون رهيا آهن. قديم توڙي موجوده دور جي بيشمار شاعرن ڪافيون چيون آهن، جن مان ڪيترا باڪمال شاعر ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ: سچل سرمست، قادر بخش بيدل، مصري شاهه، خوش خير محمد، دريا خان، نانڪ يوسف وغيره. انهن جون ڪافيون جڏهن ڳايون وينديون آهن، تڏهن ٻڌندڙ کي بي خود بڻائي ڇڏينديون آهن.

موجوده دور ۾ حضرت مخدوم طالب المولىٰ سائين ڪافيءَ جو بلند پايه شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جي ڪافين ۾ رس، رچاءُ ۽ موسيقيت بدرجه اتم موجود آهي. اهوئي سبب آهي، جو جڏهن سندس ڪافيون ڳايون وينديون آهن، ته روح کي راحت رسندي آهي ۽ قلب کي قرار حاصل ٿيندو آهي سندس ڪافين ۾ عرفان ۽ ايمان جا نڪتا به ملن ٿا؛ ته مجازي عشق جا جذبا به مؤثر انداز ۾ ملن ٿا. سندس ڪافيون ٽن ڪتابن ۾ ملن ٿيون: "ڇپر ۾ ڇڙيون"، "بي پير اڪيون" ۽ "آبِ حيات".

"ڇپر ۾ ڇڙيون" ۾ ٻه حصا آهن: پهرين حصي ۾ بيت آهن، ۽ ٻي حصي ۾ ڪافيون. هي ڪتاب پهريون ڀيرو ١٩٧١ع "بزم طالب المولىٰ" جي طرفان ڇپيو، ۽ ٻيو ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان ١٩٩٠ع ۾ ڇپيو. هن ۾ جيڪي ڪافيون آيل آهن، اهي مخدوم صاحب ١٩٥٥ع کان ١٩٦٨ع تائين مختلف جاين تي لکيون. مجموعي "بي پير اڪيون" ۾ صرف ڪافيون آهن، جيڪي مختلف هنڌن تي ١٩٦٨ع کان ١٩٨٧ع تائين لکيون ويون. ڪتاب مخدوم صاحب جي پنهنجن هٿ اکرن ۾ "بزم طالب المولىٰ" جي طرفان ١٩٨٧ع ۾ شايع ڪيو ويو. ڪتاب "آب حيات" جا ٻه حصا آهن پهرين حصي ۾ ١٢ ڪافيون آهن، ۽ ٻي حصي ۾ بيت آهن. هن مجموعي جون ڪافيون ١٩٨٠ع کان ١٩٩١ع تائين مختلف وقتن ۽ جاين تي لکيون ويون. هي مجموعو طالب المولىٰ اڪيڊميءَ طرفان ١٩٩١ع ۾ شايع ڪيو ويو.

مخدوم صاحب جون ڪيتريون ڪافيون ڳايون ويون آهن، ۽ عوام انهن کي ڏاڍو پسند ڪيو آهي. فن توڙي فڪر جي لحاظ کان ڪافين ۾ نواڻ ۽ انوکائي آهي. جمال جي جلوي جو ذڪر ڏاڍي پيار ۽ منفرد انداز ۾ ملي ٿو. شاعر پنهنجا جذبات، احساسات ۽ تجربات دلپذير انداز ۾ بيان ڪيا آهي. نه فقط ايترو پر شاعر پنهنجي مجازي محبوب جي ناز ۽ انداز ۽ پنهنجي والهانه محبت جو ذڪر ڪليل لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪافيون سندس زندگيءَ جو حقيقي رنگ ۽ روپ پيش ڪن ٿيون. ڇاڪاڻ جو شاعر پنهنجي عاشقانه هلت چلت جو ذڪر ڪرڻ وقت لِڪَ لِڪاءُ نه ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي، ته ڪافيون جدت ۽ انفراديت، فني پختگي ۽ موسيقيت جي لحاظ کان سنڌي ادب جو شاهڪار بنجي پيون آهن؛ مطلب ته موجوده دور جو ڪوبه ڪافي گو شاعر ساڻس برميچي نه ٿو سگهي. ڪن ڪافين ۾ عرفان ۽ ايقان جون

آهن، ۽ وصال لاءِ التجائون آهن. ڪافيءَ مان ٻه بند ڏجن ٿا:

ٿلھ: تو دلڙي يار! ڏتاري ڀو ير ڪا نه ڪئي ڀوٺواري

تنهنجا ڪيس پيارل! ڪارا، آهن پيچ انهن جا پيارا
ڪن ونگ وجهڻ لِيءِ وارا، پائن ڳٽ ڳچيءَ ۾ ڳارا
ڪن قيد سياٿا سارا، مهميرن تي سي مارا
ٿين وير ٻه ات ويچارا، ٿا شاهه ڀرن شوڪارا
منهنجي نرمل! آهه نيزاري.

تنهنجي قرب ڪريون ڪيهون، شب روز رئان ڪري ريهون
ڏنيون پرت پيارل! پيهون، ويون ورهن گذري ويهون
ٿي دلڙي چيهون چيهون، پيون لال لڱن ۾ ليهون
تنهنجي فڪر سڪايون ڦيهون، اڄ برهه ۾ گڏجي بيهون،
ڪٿي گوندر آ گلزاري.

عربي فارسي ۽ ٺيٺ سنڌي لفظن جي حسين امتزاج، تجنيس حرفي اندروني قافين جي خوبصورت بيهڪ ۽ موسيقيت ان ۾ ڪافي ۾ وڏي رنگيني رعنائي دلڪشي ۽ تاثير پيدا ڪيو آهي.

مٿيان مثال ڪتاب "چپر ۾ چڙيون" ۾ آيل ڪافين مان ڏنا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ ٻاويهن عنوانن هيٺ ڪافيون ڏنيون ويون آهن. پهرين عنوان: 'مالڪ جي مختاريءَ' هيٺ آيل ڪافين ۾ الله تعاليٰ جو حمد بيان ڪيل آهي؛ ٻي عنوان: "منهنجو محمد مير" وارين ڪافين ۾ نبي ڪريم ﷺ جي ثنا ۽ صفت بيان ڪيل آهي. ٽين، چوٿين ۽ پنجين هيٺ آيل ڪافين ۾ مسلڪ جي راهه جو ذڪر آهي. انهن عنوانن جا نالا آهن: 'تقويٰ سان ڪر طاعت طلب'، 'هت آهيان انسان' ۽ 'لالن لاءِ لوڙيون'.
ڇهون عنوان: "سوا عشق جي ٻيو ڪو مذهب نه ملت" ۾ عشق ۽ عاشقانه جذبن جو اظهار آهي. عنوان ستين کان پندرهين تائين محبوب جي حسن ۽ جمال، سونهن ۽ سينگار جو اظهار آهي؛ وڇوڙي جا ورلاپ آهن ۽ وصل لاءِ آزيون نيزاريون آهن. سورهين عنوان: "چريون چست ڇهريون" ۽ سترهين عنوان "گونگيون گوءِ ڪئي ويون" ۾ محبوب ۽ محب جي اکين ڪرشمه سازين جو ذڪر آهي. هيٺين بندن ۾ محبوب جي اکين جو ذڪر ڪهڙي نه نرالي پر دل پذير انداز ۾ ڪيو اٿس:

هميشه ڏسون ٿا گلابي گلابي، ڪڪوريل ڪڪوريل شرابي شرابي
الاجي ڪٿان ٿيون پين پُر پيالون!
ڏسڻ ۾ سدائين اياڻيون اياڻيون، نماڻيون نماڻيون، سياڻيون سياڻيون
سدائين ٿيون ڏسجن، نيون ۽ نراليون.

باڪمال شاعر آهي، ته غزل جو به بلندپايه شاعر آهي. ڪيس غزل جي چوند وڏن شاعرن مان ڳڻي سگهجي ٿو، جهڙوڪ: خليفو گل، سانگي، قليچ، ۽ نواز علي "نياز" وغيره. هو صاحبِ ديوان شاعر آهي. سندس ديوان "سروري پبليڪيشن هالا" طرفان ١٩٨٢ع ۾ ڇپجي چڪو آهي. هن ۾ سنڌي زبان جي سمورن آواز جي رديفن وارا غزل ملن ٿا. يعني نه فقط موجوده سنڌي صورتخطيءَ جي اکرن تي غزل ملن ٿا، پر سنڌي زبان ۾ انهن آوازن جا غزل به ملن ٿا. جيڪي سنڌي صورتخطيءَ ۾ موجود نه آهن؛ پر لکڻ وقت / ه/ ملائي لکيا ويندا آهن، جهڙوڪ: (ڙه)، (له)، (مه)، (نه) (ڻه)، (ڀ) ۽ (تنوين). انهيءَ لحاظ کان مخدوم صاحب جو ديوان سنڌي زبان جي ٥٩ اکرن تي مشتمل آهي. انهن "آوازن" تي غزل فقط ديوان گل ۾ ملن ٿا. ديوان جي "مهاڳ" ۾ مخدوم صاحب انهن حقيقتن جي وضاحت به ڪئي آهي. راقم الحروف به پنهنجي مقالي "ديوان گل" ۾ انهن ڳالهين جي ڇڻائي ڪئي آهي. مخدوم صاحب پنهنجي ديوان جي مهاڳ ۾ هن ناچيز جي ان تحقيقي مقالو جو حوالو ڏنو آهي. مخدوم صاحب پنهنجي مهاڳ ۾ پنهنجي ديوان واري الف- بي جي تختي ڏني لکيو آهي:

آخوند گل محمد پنهنجي ديوان ۾ مهاڳ جي جاءِ تي ڇڻائيءَ ۾ جيڪو الف- ب جو چارٽ ڏنو آهي، اهو به مٿين تختيءَ جي تائيد ڪري ٿو.

(ڏسو مهراڻ رسالو ٢- ١٩٧٢ع مضمون: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، صفحو ١٥٦ کان ١٧١ ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

مخدوم صاحب جي غزل ۾ عربي فارسي ۽ ٺيٺ سنڌي لفظن جو حسين امتزاج ملي ٿو. غزل جون روايتي تشبيهون ۽ علامتون به ملن ٿيون، سنڌ جي ماحول مان اخذ ڪيل تشبيهون به ڪتب آندل ملن ٿيون. فڪري لحاظ کان حسن و عشق، فراق و وصال جو احوال به آهي، ته تصوف ۽ سلوڪ جا مسئلا به بيان ڪيل نظر اچن ٿا، اخلاقيات جا نڪتا به نظر اچن ٿا، ته معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي عڪاسي به ملي ٿي. يعني مضمون جي لحاظ کان فقط روايتي يڪسانيت نه آهي، پر تنوع آهي ڪيترن ئي بيتن ۾ زماني جي حالت جو بيان نمايان نظر اچي ٿو. ڪجھ بيت هت ڏجن ٿا:

عمل ظاهر ۾ هڪڙو قوم جو باطن ۾ رمزون ٻيون
يلا ڪيئن روح پيدا ٿئي جو سڀ روح روان بدليا
اهو اخلاق، اها الفت، اها تهذيب ڪانهي ڪا
غريبن ۾ اڃا ڪجھ آهي، پر زردار مٽجي ويا.
سياست آهي ٿي وعدي خلافي جو ٻيو نالو
ڏسان پيو ٿي ويا اڄ مهربان نامهربان ڪجھ ڪجھ.

تصوف جي نڪته نگاهه کان مرڻ کان اڳ مرڻ يعني پنهنجو پاڻ فنا ڪرڻ جو ذڪر هن طرح ڪيو اٿس:

Gul Hayat Institute

مرڻ کان اڳ مري لاخوف ٿي ڇڏ موت کي
تون پنهنجي پاڻ لڳ پلپل خود پنهنجي قضا ٿي وڃ.

تغزل، غزل جي جان آهي، تغزل کان سواءِ غزل بي معنيٰ آهي مخدوم صاحب جي غزل ۾ تغزل جا ڪيترائي بهترين نمونا ملن ٿا. ڪجھ بيت نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

ڪيئن نہ گڏ سڏ ٿا رهن هي پاڻ ۾ ٿي چار مست
چشم مست و ناز مست و يار ۽ گفتار مست
سرخ ساڙهيءَ ۾ ڏنم سهڻي جا ڪارا وار مست
چڻ ڏنگڻ جي واسطي تيار آهن مار مست
رخسار و خال و زلفِ معنبر جي ياد ۾
دل جي اڱڻ کي رشڪِ گلستان ڪري ڇڏيم
ڇا رنگ ۽ ڇا ڍنگ ۽ ڇا جلوه گري آهہ
خمداري نہ زلف جيان مشڪِ ختن ۾ آهہ
ان جو اکيون ٿيون ياد پون ٿو جڏهن ڏسان
صحرا ۾ بيهي ڊوڙي نهارڻ غزال جو.

تصوف جي تعليم موجب خدا شناسي لاءِ خودشناسي يعني پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ضروري آهي، مخدوم صاحب پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

جڏهن ٿو زيور مان سون کي ڏسجي
تڏهن مون "هو پاڻ" سو بسو سمجهو
پاڻ پنهنجو سدائين "تو" سمجهو
ذهن ۾ توکي روبرو سمجهو

تصوف ۾ ذڪر سان گڏ فڪر کي وڏي اهميت آهي. مخدوم صاحب چوي ٿو:

فڪر کان ٿي وڻان ٿو ڪم هردم
مون وهڻ پنهنجو جستجو سمجهو.

"تون" ۽ "مون" جي حقيقت بيان ڪندي چوي ٿو:

فقط هي فرق آهي تو ۽ مون ۾، تون آهين باطن مان ظاهر آهيان
مگر اي پرده نشين آهيون جهان ۾ يڪتا ۽ يگانہ

محبوب حقيقي سان پنهنجي وابستگيءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

توسان وابستہ منهنجو هر دم آهہ
ذڪر ۽ فڪر تنهنجو هر دم آهہ

اهڙيءَ طرح هو عشق مجازي سان گڏ عشق حقيقي جون وارداتون ۽ ڪيفيتون بيان ڪري ٿو. غزل جي روايتي انداز ۾ محبوب جي جفائن جو ذڪر بہ ڪيو اٿس، پر اسلوب بيان ۾



Gul Hayat Institute

جدت آهي:

ڪري بسمل ڇڏئي عاشق، نهاريئي ڪينڪي ڀيهر
ته هن تنهنجي شهيد ناز جي سڪرات ڪيئن گذاري.
جفائن تي جفائن بعد حاصل ٿو ٿئي مقصد
سچڻ جي آهه هي رسم وفا اهڙي جو ڇا ڇنجي.

مثنوي: مخدوم صاحب عروضي صنف "مثنوي" ۾ به طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ٻه مثنويون ملن ٿيون: سنڌ جو سانوڻ، آءَ ڪانگا ڪر ڳالهه ۽ مثنوي عقل و عشق "مثنوي عقل و عشق" سندس شروعاتي دور جي شاعريءَ سان تعلق رکي ٿي، جيڪا ٢٢ نومبر ١٩٥٤ع تي لکڻ شروع ڪئي وئي، ۽ ٢٩ ١٩٥٤ع تي لکي پوري ڪئي ويئي. هيءَ مثنوي پهريون ڀيرو جنوري ١٩٥٥ع ۾ "اداره روح ادب سنڌ" طرفان ڇپائي شايع ڪئي ويئي، ٻيو ڀيرو مرڪزي بزم طالب المولىٰ هالا طرفان ڇپائي ويئي، هن مثنويءَ ۾ عشق ۽ عقل جي ڀيٽ ڏني ويئي آهي. شاعر مولانا روم ۽ علامه اقبال کان متاثر نظر اچي ٿو، ايتري قدر جو انهن جي مثنوي مان مثال به پيش ڪيا اٿس. چوي ٿو:

مثنوي رومي ڪٿي ويهي رهُيس
داستان عشق تي آخر رسُيس
پو وري اقبال تي آيس ادا
ڳالهه آخر ٿي وئي بلڪل صفا.

زندگيءَ تحرڪ جو نالو آهي. انهيءَ نقط نگاهه کان مخدوم صاحب پنهنجي مثنويءَ جي شروعات ئي هن طرح ڪري ٿو:

بي محترڪ زندگي بيڪار آ
بي عمل انسان جڻ بيمار آ.

عقل جي وصف بيان ڪندي چوي ٿو، ته عقل ٻن قسمن جو آهي:

عقل ٻن قسمن ۾ آ پيدا ٿيل
عقل جزوي ۽ ٻيو آ عقل ڪل.

وڌيڪ چوي ٿو، ته عقل ڪل ۽ عشق هڪ ڳالهه يعني جتان عقل جي انتها ٿئي ٿي، اتان عشق جي منزل شروع ٿئي ٿي:

عقل ڪل ۽ عشق هڪڙي ڳالهه تي
عقل جزوي کي اٿي هاٿي ونو.
عقل جي يارو ٿئي جت انتها
عشق جي ٿيندي اتان آ ابتدا

عقل جزوي کي هو ناقــص سمجهي ٿو ۽ عقل ڪل کي انسان جي لاءِ حقيقي رهنما سمجهي

Gul Hayat Institute

ٿو:

عقل جزوي آهہ ناڪسن ري ادا
عقل ڪل انسان جي لا رهنما

عقل ۽ عشق جي ٻيٽ ڪندي چوي ٿو:

عقل وٽ رهي ٿي خودسري
عشق آهي بي نياز برتري
عقل جو شيطان آهي همنشين
عشق جو دربان آ روح الامين
عقل تي آ عشق جو ئي اختيار
عشق جو الله تي آهي مدار
عشق رهبر، عقل آهي راهزن
عشق آ حق اليقين ۽ عقل ظن.

رباعيات طالب: هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب جون رباعيون آهن. پهريائين هي مجموعو ١٩٤٦ع ۾ سليم هالائي مرحوم ڇپائي پڌرو ڪيو. ان جو ٻيو ڇاپو ١٩٩٠ع ۾ طالب المولیٰ اڪيڊمي هالا طرفان ڇپيو. هنن رباعين مان ڪنهن به رباعيءَ جي آخر ۾ سن ڄاڻايل ڪونهي. جيئن تہ پهريون ڇپرو هي ڪتاب ١٩٤٦ع ۾ ڇپيو، ان ڪري معلوم ٿئي، تہ هي رباعيون ١٩٤٦ع يا ان کان اڳ ۾ لکيون ويون. ان مان ظاهر آهي تہ مخدوم صاحب رباعيون ننڍي عمر ۾ لکيون. ان مان مخدوم صاحب جي فني مهارت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ عروضي صنفن ۾ رباعي تمام مشڪل صنف آهي، ۽ ان تي طبع آزمائي ڪهنہ مشق شاعر ئي ڪندا آهن. رباعيءَ جو مخصوص وزن ٿيندو آهي. ان ۾ زندگيءَ جا حقائق فلسفيانہ انداز ۾ علامتي طريقي سان بيان ڪيا ويندا آهن. مخدوم صاحب بہ هي رباعيون فني قواعد و ضوابط مطابق لکيون آهن ۽ انهن ۾ رباعيءَ جي فڪري روايتن جو لحاظ رکيو اٿس. ان هوندي بہ جدت ۽ انفراديت بہ آندي وئي آهي. هڪ رباعي ۾ انسان جي حقيقت هن طرح بيان ڪئي اٿس:

دنيا آ مثل باغ ۽ انسان آ گل
آ جنهن جو هميشہ تہ هجڻ مشڪل
هڪ روز ٿيندو شاخ حياتيءَ کان جدا
هت هن جي فقط رهندي سدا بوئي گل.

مخدوم صاحب جي نظر ۾ محبت جواز قيمتي خزانو آهي، جنهن کي ظاهر ڪري وڃائي نہ ڇڏجي:

تون رازِ محبت کي عيان ڪج نہ ڪڏهن
هي مال وڃائي ڪو زيان ڪج نہ ڪڏهن

Gul Hayat Institute

پاڪستان جو گورنر، ان زماني ۾ مخدوم صاحب مسڪينن ۽ غريبن جو ذڪر ڪندي لکيو:

جو مسڪينن غريبن سان کهي ٿو،
گهڻي مدت نه سو حاڪم رهي ٿو،
پلي وزرا و امرا سو هجن پر،
فقط فرعون سان موسيٰ نهي ٿو.

انهيءَ ئي دور ۾ ١٩٦٨ع ۾ ايوبي صدارت جي حقيقت واضح ڪندي مخدوم صاحب صدارت ۽ امامت، ملوڪيت ۽ خلافت جي فرق کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

صدارت کي امامت ڪونه چئبو
حڪومت کي خلافت ڪونه چئبو
اها ڪا ڳالهه ڀي آ يارو
سياست کي صداقت ڪونه چئبو
ملوڪيت خلافت ڪانه چئبي
ڪسافت جيئن لطافت ڪانه چئبي
رڳي وڏ مائيپي ڪا شيءِ نه آهي
اها بدعت امامت ڪانه چئي.

١٩٥٨ع ۾ پاڪستان جي جيڪا سياسي حالت هئي، ان جي تصوير هن طرح چٽي اٿس:

سياست نانءُ ڏاڙهي پٽ آهي
فقط غدار جي هٿ ڪٽ آهي
نه ات ڪو جوڙ ضرب ۽ وند جو
رڳو هر ڳالهه ۾ ئي ڪٽ آهي.

---

* ڏڄڻو ۽ خيال ٿئي ٿو، بهادر ۾ خيال ٿئي ٿو.
* هيڻو ۾ خيال ٿئي ٿو، قوي ۾ خيال ٿئي ٿو.
* بيمار ۾ خيال ٿئي ٿو، تندرست ۾ خيال ٿئي ٿو.
* ٻچي ۾ خيال ٿو، وڙهي ۾ خيال ٿو.
* مچي ۾ خيال ٿو، ٻچي ۾ خيال ٿو.
* اچي ۾ خيال ٿو، وڃي ۾ خيال ٿو.

(حضرت مخدوم طالب المولیٰ)

Gul Hayat Institute



حضرت قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب
جن جي هڪ يادگار تصوير



حضرت قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب
جن جي هڪ يادگار تصوير

Gul Hayat Institute




حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين جن ريڊيو پاڪستان تي منعقد ٿيل ڀهرين مشاعري ۾
پنهنجو ڪلام ٻڌائي رهيا آهن، سندن ڀر ۾ پير شاهنواز عارف المولىٰ ۽ سيد اسدالله شاه
بيخود حسيني پڻ ويٺل آهن. (١٣- ڊسمبر ١٩٥٥ع)


Gul Hayat Institute

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب ريڊيو پاڪستان جي
مشاورتي بورڊ جي ميٽنگ ڪندي



حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب صدر پاڪستان
شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان گڏ (١٩٧١- ١٩٧٢ع)



Gul Hayat Institute

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب پنهنجي فرزند مخدوم خليق الزمان صاحب
جي شاديءَ جي موقعي تي پنهنجي فرزند، پوٽن ۽ احبابن سان گڏ (١٩٧٦ع)




۱۹۸۸ع ۾ مرڪزي بزمِ طالب المولي جي سالياني ڪنوينشن جي موقعي تي سيد غلام مصطفيٰ شاهه، قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولي ۽ غلام رباني آگرو



قبلہ مخدوم محمد امين فهيم، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سيد رشيد احمد شاهه ۽ ڊاڪٽر يعقوب مغل

Gul Hayat Institute

لاءِ پنهنجي خاص اندازِ بيان، فڪر و فهم ۽ ڪلام جي ذريعي سچي زندگي جو بلند ۽ روشن مينار رهيا.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحبِ علم و فضل هئا ۽ علم و فضل جي روشني کي ڦهلائڻ ۽ عام ڪرڻ جي منجهن خاص لڳن هئي. اهوئي سبب آهي ته انهن متعدد تعليمي ادارن ۽ علمي ادبي تنظيمن جي نهايت سرگرمي سان سرپرستي ڪئي، سندن قلم ۽ فڪر و عمل ماڻهن جي ذهنن کي منور ڪندو رهيو. مخدوم صاحب ماڻهن جي دلين تي حڪمراني ڪرڻ جو قائل هو. سندن ظاهر ۽ باطن هڪ جهڙو روشن ۽ قابلِ رشڪ هو. انهن پنهنجي قول و فعل ۾ مثالي توازن قائم رکيو ۽ خلوص ۽ محبت جي علامت بڻيا رهيا.

"شاعري جزوي است از پيغمبري" شاعري جي اها روايت مخدوم صاحب جن برقرار رکي ۽ پنهنجي شاعري جي ذريعي معاشري ۾ اعليٰ اخلاقي اقدار جي فروغ کي پنهنجي مسلڪ بنايو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي مزاج ۽ طبيعت ۾ درويشانه استغنيٰ ۽ بربادي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. احترام آدميت سندن رڳ رڳ ۾ رچيل هئي. سندن واقف احباب هن ڳالهه جي شهادت ڏيندا ته مخدوم صاحب جن پنهنجي ماتحت ملازمن ۽ ذاتي خادمن کي ڪڏهن به سخت لهجي ۾ مخاطب نه ڪيو. هو صاحب طبعاً هڪ فياض انسان هو، پنهنجي فياضي ۽ سخاوت جو اظهار زندگي جي هر شعبي ۾ ڪري چڪا آهن. سندن دل جي دامن هر شخص جي لاءِ ڪشاده هوندي هئي. سندس سوچ ۽ فڪر جي وسعت ۽ تنوع ۽ سندن فياضانه خصلت قدرت جي ڏنل نعمت هئي.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن ڪنهن به دور يا ڪنهن به مرحلي ۾ ڪڏهن به ڪا تنگ نظري ۽ تنگ دلي اختيار نه ڪئي، معاشرتي زندگي کي سندن ذات کان رهنمائي حاصل ٿي. پاڻ جنهن قسم جا رهبر هئا، مدبر، نگاهه بلند، سخن دلنواز، دردمند دل جا مالڪ هئا، ان جو مثال هن خطي ۾ ملڻ مشڪل ۽ محال آهي.

هڪ عظيم دانشور ۽ صاحبِ علم و فضل جي حيثيت سان پڻ سندن منصب ۽ مقام مٿاهون آهي. سندن بصيرت ۽ وسيع النظري فقيد المثال آهي.

مخدوم صاحب جي روشن خيالي ۽ رواداري اجوڪي دور ۾ غيرمعمولي اهميت جي حامل هئي.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ هڪ صاحبِ طرح منفرد شاعر هو. جنهن جي قادرالڪلامي هر صنفِ شاعريءَ ۾ پنهنجو اعجاز ڏيکاري رهي آهي.

پاڻ سنڌي، فارسي ۽ اردو زبانن ۾ هڪ جهڙا تخليقي جوهر ڏيکاريا اٿن. سندن شاعري ۾ انساني آدرش سان گڏ حب الوطني جي سگهاري سوچ نظر اچي ٿي ۽ شاعري ۾ ڪلاسيڪي روايت پنهنجي عروج تي آهي. محبت ۽ عشق جي آفاقي جذبن کي پنهنجي سهڻي نگارشات جي ذريعي نئين تازگي ۽ حسن بخشيو آهي ۽ پنهنجي صوفيانه مسلڪ ۽ صوفيانه خيالات کي شاهه

عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي طرح نوان مفاهيم ۽ مضامين عطا ڪيا آهن ۽ سنڌي شاعري جي خزاني ۾ بي بها موتين جو اضافو ڪيو آهي.

قومي رهنما جي حيثيت سان مخدوم صاحب جن جو ان چند هستين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو، جن جي اصول پسندي، مستقل مزاجي ۽ وفا شعاري جو مثال ڏئي سگهجي. پاڻ سڄي عمر تعصبات ۽ نفرتن جي خلاف برسرِ پيڪار رهيا ۽ صرف ۽ صرف انسانيت جي تصوير بڻيا رهيا. سندن سياست عام ڊگر کان هٽيل هئي. سندن سياست کي ايثار، قرباني ۽ خدمتِ خلق جي اوليت حاصل هئي. سندس رهنمائي کان محرومي کي قومي الميه سڏڻ غلط نه ٿيندو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن سنڌ جي هڪ اهڙي صوفي مسلڪ جي اهم ڪڙي هئا، جتان محبت ۽ رواداري جي روشني عام ۽ وافر انداز ۾ ملندي ڦهلجندي هئي، جتي هر فرقي سان تعلق رکڻ وارن کي بلاتخصيص فيض حاصل ٿيندو هو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي ذات اميري ۽ فقيري جو متوازن امتزاج هئي. مخدوم صاحب جي همه جهت شخصيت جي ڀرپور سرپرستي تمام فنونِ لطيفه خصوصاً علم و ادب شاعري ۽ موسيقي کي حاصل هئي. هو سنڌ جي اقدار، تهذيب ثقافت جي جيئري جاڳندي تصوير هئا. ڪين پنهنجي تمام تر تهذيبي روايات سان گڏ سنڌ جي علامت سڏي سگهجي ٿو. مخدوم صاحب پنهنجي صديءَ جي عظيم ۽ شانائتي شخصيت جو مالڪ هو. هو پنهنجي سيني خوبين سان گڏ ديس وارن جي دلين ۾ ذهنن ۾ هميشه زنده ۽ تابنده رهندو.

هرگز غيرد آنکه دش زنده شد بعشق-<br>
ثبت است بر جريديه عالم دوام ما<br>
(حافظ)

مَرڻا اڳي جي مئا- سي مري ٿيا نه مات،<br>
هونداسي حيات، جيئڻان اڳي جي جيئا.<br>
(شاهه)

ماهوار پيغام رسالو، فيبروري- مارچ ١٩٩٣ع



Gul Hayat Institute

# ڏاڏا سائين ڏانهن لکيل تعزيتي خط

پيارا سائين!

ڪجهه ڏينهن کان طبيعت هڪ نامعلوم خوف ۾ مبتلا هئي. اڄ حسب دستور پنهنجي پٽ رشوان سان فون تي ڳالهايم ته خبر پئي ته 'جي جيءَ ڪي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا' ۷ ڊسمبر تي لکيل سائين جن جو خط ڪجهه ڏينهن اڳ مليو هو، ان مان سندن خيريت جو پڙهي قدري اطمينان ٿيو هو پر اها خبر ڪانه هئي ته ايڏو جلد وڇوڙي ويندا. وڃڻ وارو پنهنجو وارو وڃائي ويو، پويان لکين آليون اکيون ڇڏي ويو. اوهان جو جيڪو نقصان ٿيو آهي ان جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي، هُو نه رڳو هڪ شفيق پيءُ هو پر رفيق ۽ رهبر به هو.

اڄ آئون پاڻ کي ايڏو مجبور پيو سمجهان جهڙو ۲۵ سال اڳ والده جي لاڏاڻي تي محسوس ڪيو هوم هاءِ پرديس ڏي ويهي وڃڻ وارن کي روڪڻ ته ممڪن ڪونهي پر سرتين سان سور پچار ته ڪري سگهجي ٿي. هت ڪوبه اهڙو ڪونهي جو سمجهي سگهي ته مون ڇا وڃائيو آهي. گهر وارا گهڻو آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر انهيءَ کي به منهنجي نقصان جو صحيح اندازو ڪونهي. هالا اڄي اوهان ڀائرن کي ڀاڪر وجهي رئڻ سان ڪجهه هنيو هلڪو ٿئي ها پر مجبوري اها ته ڪويت جا حالات بنهه غيريقيني آهن، جنگ جا هر وقت آثار آهن، اهڙي صورت ۾ ٻارن کي هت ڇڏڻ انهن سان ظلم ٿيندو، ان ڪري منهنجي غيرحاضري جي معافي ملي. مهرباني ڪري منهنجي جذبات کان خليق سائين، رفيق سائين، شفيق سائين، سعيد سائين، نويد سائين، جميل سائين کي آگاهه ڪندا. الله سائين طالب المولىٰ جي پوين کي سدا آباد رکي ۽ ٿڌي ڪوسيءَ کان پري رکي، سائين جن جي حاضريءَ جي نوڪرن خصوصاً حاجن، علي احمد، ڏٿي بخش، شيرل، فتح محمد، عمر ۽ رمضان کي منهنجا ارمان ڪجو.

اڄ توهان نوح سرور جي گادي تي وهندا. اِهو هڪ وڏو اعزاز آهي. پر منهنجي خيال ۾ ته ان کان به وڏو اعزاز آهي طالب المولىٰ جو جانشين ٿيڻ، منهنجو سائين طالب المولىٰ هڪ تمام وڏو ماڻهو هو ان جهڙا تاريخ ۾ ڪنهن ڪنهن پيدا ٿيندا آهن، الله سائين اهڙن ماڻهن کي خاص توجه سان ئي ناهيندو آهي. ڪا اهڙي خوبي جا سائين ۾ نه هئي. سندن گڻ ڳائڻ لاءِ فردوسي جهڙو شاعر کپي، مون کي پڪ آهي ته طالب المولىٰ سائين جي اولاد ۾ خصوصاً اوهان ۾ سائين وارا ڏاٽا موجود آهن، ۽ توهان هر طرح سان سندن جاءِ والارڻ جي قابل آهيو.

الله سائين اوهان جو اقبال بلند ڪري ۽ اوهان ڀائرن جي هڏي قائم ۽ دائم رکي.

15, January, 1993

توهان جو
شبير

P.O Box 24885
13109 Safat
Kuwait

Gul Hayat Institute

# سائين وڏا

اڄ هتي عيد جو ڏينهن آهي. پنهنجي وهڳر سان عيد ملهائڻ بہ ظاهر خوشي جو باعث هئڻ کپي، پر منهنجي دل خالي آهي، سائين وڏن کان سواءِ ڪهڙي عيد! گذريل رمضان جي عيد ساڻن گذاري هوم. طبيعت بيحد خراب هون، تڏهن بہ ڏاڍا پيار ڏنائون. ڏاڍيون ڪچهريون ٿيون. رشوان ۽ صفوان بہ گڏ هئا؛ انهن کي ان ڪري وٺي ويس تہ ياد ڪن تہ زندگي ۾ طالب المولىٰ جهڙي وڏي ماڻهو سان ملاقات ٿي.

منهنجي هٿن مان ڪئين پڪي اڏامي ويا. بابا، امان، ڀائر، ڀيڻ، دوست، يار، استاد، سيئي پنهنجي جدائي جا گهاءَ ڇڏي ويا آهن. پر جيڪو ڪاپاري ڌڪ سائين جن جي وڃڻ سان لڳو آهي. ان جو سور سال هلندو. ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ سنگ منهنجا ان هڪڙي شخص سان هئا.

منهنجي شخصيت تي ٽن ماڻهن گهرا نقش ڇڏيا آهن: بابا، چاچا ميران محمد شاهہ ۽ سائين وڏا. پر سائين وڏن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪريان! اسين اڄ جيڪي بہ آهيان، جنهن منزل تي آهيان، منهنجي ادبي ۽ سماجي حيثيت جيڪا بہ آهي سا سائين وڏن جي ڪري آهي. اسين تہ سندن ويجهو هوس، تنهن ڪري منهنجي بهتري لاءِ هٿ وندائي ڪين خوشي ٿي هوندي پر منهنجي اکين اڳيان ڪئين ماڻهو پيا ڦرن جيڪي اڄ وڏن وڏن درجن تي آهن يا هئا ۽ انهن جو نہ تہ پيري مريدي وارو رشتو هو نہ دوستي جو پوءِ بہ سندن پٺ ڀرائي ڪيائون ۽ ڪين ترقي جي راهہ تي گامزن ڪيائون، بنا لوڀ ۽ لالچ جي. انهن مان ڪي وقت آيو تہ منهن موڙي ويا.

سائين وڏن جهڙو گهڻ گڻو ماڻهو مون تہ ڇا پر گهڻن ڪونہ ڏٺو هوندو. جاميءَ، حضور صہ جن لاءِ چيو هو تہ "بعداز خدا بزرگ توئي قصہ مختصر" هي حضور صہ جن جو حبدار بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. بي عيب صرف الله جي ذات آهي، اهو چوڻ ۽ مڃڻ کان پوءِ اسين دعوىٰ سان چوندس تہ انسان جي هر خوبي منجهن موجود هئي، حسن، جمال، ثروت، شرافت، نهٺائي، نماڻائي، علم، دانش، اميري، فقيري، محبت ۽ مروت. سندن ڪهڙا ڳڻ ڳائي ڪهڙا ڳايان؛ منهنجي قلم ۾ اها طاقت ئي ڪانهي. اقبال اهڙن ئي ماڻهن لاءِ چيو هو تہ: بڙي مشکل سي هوتا هي چمن مين ديداور پيدا" سائين وڏن جهڙا ماڻهو صدين ۾ ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن.

سائين وڏن جهڙو بردبار ۽ مرنجان مرنج ماڻهو مون ڪڏهن ڪونہ ڏٺو. پاڻ هميشہ چوندا هئا: "اپني توڙ نباوين اُس دي او جاني" هيو پلي ڪيڏو بہ ڪو هلي پاڻ "ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا

سندن کو ٻہ واھر ۽ وسيلو ڪونہ ھو، جي ھُو ان منزل تي ھٿيار ڦٽا ڪن ھا تہ امڪان ھو تہ ون يونٽ اجا ٻہ قائم ھجي ھا ۽ جيڪي وڏيرا ون يونٽ کان پوءِ ڪرسين جا ڏٽي ٿيا ۽ اربين رپيا ڪمايائون سي شايد اجا تائين جھنگلن ۾ سُڪا زور پيا ڏين ھا. ان وقت حاڪم طبقي ۽ ان جي سياست سان واڳيل ھڪڙو ماٺھو سنڌ پاران وڙھندڙ اديبن جي فقرا لڏي جو خالص علمي ۽ ادبي مورچي تي پاسو جھليو بيٺو رھيو ۽ ڪڏھن سنڌ لاءِ جاڪوڙيندڙ ترقي پسند وطن دوست اديبن جو ساٿ ڇڏي ڪانئن منھن نہ موڙيائين“.

سھسين ساگر گجن، توءِ سھج نہ مٿي سھٽي

(شاھ)

”ھن جا ٻيا ھزارين لکين حبدار ۽ مداح سندس ٻيا انيڪ گڻ ۽ قرب ياد ڪندا پر جڏھن ٻہ مون کي اھو زمانو ياد ايندو آھي ۽ ان زماني ۾ سندس ڪردار ياد ايندو آھي، تہ آئون سوچيندو آھيان تہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي گونا گون زندگيءَ جا ٻيا سمورا ڪم ھڪڙي پاسي ۽ مٿي ذڪر ڪيل سندس وطن دوست علمي ادبي مؤقف ٻئي پاسي. وطن جي ماٺھن تي آيل ان ڏکيءَ مھل اھڙي اھم مورچي تي پنھنجن جو پاسو وٺي بيھڻ ڪري ٻہ سنڌ جي تاريخ ۾ ھميشہ ياد رھندو.

”شال رب جون مٿس دائمي رحمتون ھجن.“

ھرڻ ھٿيلا بيٺا سوچين

عبرت ١٥، جنوري ١٩٩٣ع

پليجو نہ تہ سندن مريد آھي نہ دوست؛ بلڪ ھو ھر ان شيءِ جو مخالف آھي، جنھن جي نمائندگي سائين جن ٿي ڪئي، پوءِ پليجي جي اھا راءِ فقط اھو ثابت ٿي ڪري تہ جڏھن ٻہ سنڌ تي ڏکيو وقت آيو تہ پاڻ پنھنجي طبقاتي ۽ سياسي مصلحتن کي ھڪ پاسي رکي سچ جو ساٿ ڏنائون. سنگت وارن موٽ ۾ جا ڏنو سو ڪنھن کان لڪل ڪونھي. ون يونٽ تھڻ وقت پاڻ کھڙي (ايوب) جي تمام ويجھو ھئا. ھڪ گروپ ھو. پر سنڌ اسيمبلي ۾ ون يونٽ جي پٺڀرائي نہ ڪيائون، ان ڪري مغربي پاڪستان اسيمبلي ۾ نہ چونڊجي سگھيا، اڳتي ھلي جي، ايم، سيد جڏھن ١٩٥٨ع ۾ ون يونٽ خلاف محاذ جوڙيو تہ سائين وڏا ان ۾ پيش پيش ھئا. ايوب خان ليفٽ، رائيٽ ڪري نہ اچي ھا تہ يونٽ ٽٽو پيو ھو.

١٩٦٢ع ۾ جڏھن تعليمي ڪميشن جي رپورٽ آئي تہ ان تي سخت احتجاج ٿيو. سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌي شاگردن بڪ ھڙتال ڪئي. آئون تڏھن شاگرد ھوس ۽ اڪثر وقت بڪ ھڙتالين سان گذرندو ھو. ان وقت مون کي ياد آھي تہ سنڌي سياستدانن ۾ مير رسول بخش ڄوڪرن جي ھمت افزائي لاءِ اڪثر ڪچھري تي ايندو ھو. پر بک ھڙتال کي ختم ڪرائڻ ۽ اڳتي ھلي رپورٽ مان اھي ھاڃيڪار حصا ڪڍائڻ ۾ سائين وڏي نھايت اھم ڪردار ادا ڪيو.

پاڻ غلام نبي ميمڻ (تڏهن کو وزير قانون ۽ سندن خاص مريد) سان گڏ شاگردن وٽ آيا ۽ انهن
کان مطالبا پڇيائون. بدقسمتي سان ان وقت جيڪي شاگرد ليڊر اُت موجود هئا، انهن رپورٽ
ڪانہ پڙهي هئي ۽ نہ نئون (University Ordinance) پڙهيو هو جنهن جي تنسيخ جو مطالبو سرِ
فهرست هو- پوءِ غلام نبي ميمڻ شاگردن کي (Ordinance) جا اهي باب ۽ رپورٽ جا اهي حصا
(جيڪي ڪيس زباني ياد هئا) ٻڌايا جن سان سنڌي ٻولي کي ڪُنو ويو هو. سچ پڇو تہ اسان ان
وقت گهوڙا گهوڙا تہ ڪئي پٺي پر اُن ڪاتي جي ڌار ڪيڏي تکي هئي، ان جو احساس اسان کي
غلام نبي ميمڻ ڪرايو. پوءِ سائين جن جي قيادت ۾ غلام نبي ميمڻ، ميران محمد شاھ ۽ مير
رسول بخش وائيس چانسلر رضي الدين صديقي ( ڪميشن جو مک ميمبر) ۽ ڪمشنر نياز سان
مليا ۽ ڪانئن مناسب واعدا وٺي بک هڙتال ختم ڪرايائون. سائين جن ٻين سياستدانن وانگي
ڳالھ کي اتي نہ ڇڏيو. غلام نبي ميمڻ ۽ ميران محمد شاھ کان هڪ جامع (Petition)
لکرايائون جنهن ۾ سنڌي ٻولي جي اهميت، رپورٽ ۽ (University Ordinance) جا
نقصانڪار پهلو، سنڌين جو ردعمل ۽ پاڪستاني سياست تي ان جا دوررس منفي اثرات واضح
ٿيل هئا. اها پٽيشن ايوب خان ۽ نواب ڪالاباغ ۽ ٻنهي صاحب کي پيش ڪيائون ۽ ان جي
نتيجي ۾ ئي سنڌي ٻولي وارو مسئلو حل ٿيو. پر سائين وڏن حسبِ معمول نہ بيان بازي ڪئي نہ
دادِ تحسين طلب ڪيائون. خاموشيءَ سان پنهنجو ڪم ڪيائون. سائين جن جا اهڙا ٻيا بہ
ڪئين ڪارناما آهن پر پاڻ ان جي ڪڏهن بہ تشهير نہ ڪيائون.

سائين وڏو ماڻهو تہ وڏو هو، ماڻهپ جي اوچي معيار جو مثال بہ هو، ان سان گڏ شاعر بہ
تمام وڏو هو. اهو بلڪل مبالغو ڪونهي تہ ويجهڙائي ۾ شاھ سائين کان پوءِ گهٽي ۾ گهٽو طالب
المولیٰ کي ڳايو ويو آهي. ڏنارن جي ڏرڻئن تي ۽ صاحب لوڪن جي ڊرائنگ رومن ۾ هڪ ئي
طالب المولیٰ شوق ۽ چاھ سان ڳايو ۽ ٻڌو ويندو هو. بدقسمتي سان اڄ جي نوجوان کي وهم آهي
تہ پراون شاعرن کي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان سندن ترقي پسندي مشڪوڪ ٿي پوندي. پر هو اِهو
سمجهڻ ئي ڪونہ ٿا چاهين تہ جيڪي اڄ آهي سو ڪلھ جو تسلسل آهي ۽ جيڪي سڀاڻ ٿيندو
سو اڄ مان ڦٽندو. اهو حشر اياز سان بہ ڪيو اٿن. گذريل سال جڏهن سائين وڏا ڪراچيءَ ۾
اسپتال ۾ هئا تہ سنڌ جو ٻيو وڏو ماڻهو اياز بہ اتي داخل هو. سائين جن سان ملڻ کان پوءِ اياز سان
ملڻ ويس. اها منهنجي اياز سان پهرين ملاقات هئي. ڏاڍي پاڀوھ سان مليو، اڪيلو اڪليو-
وساريل، وساريل- چند گهڙين جي ان يادگار ملاقات مان ڇنو نظر آيو تہ ڪيس پنهنجن وساري
ڇڏيو آهي، الله شل اسان جي نوجوانن کي ساجھ ڏي.

طالب المولیٰ کي پراڻي شاعري جو نمائندو سمجهي وسارڻ سنڌي ادب سان زيادتي آهي، آئون
نقاد ڪونہ آهيان جو سندن شاعري جو مُلھ ڪٿ ڪري سگهان، منهنجي راءِ شايد Biased
جانبداري لڳي تڏهن بہ آئون پنهنجي پوري ايمانداريءَ سان چوندس تہ طالب المولیٰ سنڌي ڪافي ۽
غزل کي نئون رنگ روپ ڏنو. ڪيترا نوان خيال ۽ رجحان پيش ڪيائون، جن مان هڪ مون کي

هميشہ وڻندو آهي ۽ مون اهو رجحان گهڻ ۾ گهڻ اردو، سنڌي، انگريزي ۽ فارسي شاعري ۾ تہ ڪونہ ڏٺو آهي. پاڻ اهو ٻڌايو اٿن تہ عشق ٻہ طرفو ٿيندو آهي، عاشق ساڳئي وقت معشوق ٻہ آهي، معشوق ٻہ پنهنجي عاشق لاءِ اهين ئي تڙپي ٿو جئين عاشق. اها ئي اڪثر ڪري حقيقت ٻہ آهي پر شاعرن هميشہ عاشق جي واتان ئي آهہ و زاري ڪرائي آهي پوءِ اهو مرد هجي يا عورت.
سائين طالب المولىٰ ڀِهريون ماڻهو آهي، جنهن اها روايت ٽوڙي. سائين طالب المولىٰ بلاشڪ پنهنجي دور جو جديد شاعر هو ۽ وڏو شاعر هو جن آزاد نظم لکيو تہ هائيڪو ٻہ لکيو، ٽيڙو لکيو. اُهي جديد شاعرن جي صف ۾ شامل ٿيا، ساڳي طرح نور محمد خستہ جهڙا جن پهرين غزل لکيو اهي ٻہ جديد شاعر هئا. حافظ حامد جنهن نج سنڌي ۾ غزل لکيو اهو ٻہ جديد شاعر هو، حافظ شاهہ جنهن ڪافي ۽ غزل کي Blend (غزل کي نئين ترڪيب سان گڏيو) ڪيو اهو ٻہ جديد شاعر هو ۽ طالب المولىٰ جنهن ڪافي ۽ غزل کي نئين حيثيت ڏني اهو ٻہ بلاشڪ جديد شاعر هو. منهنجي خيال ۾ طالب المولىٰ تي ڪنهن سچي ۽ بلندپايہ نقاد کي ضرور لکڻ کپي. منهنجي نظر ۾ امداد حسيني اهڙو ماڻهو آهي جنهن جي راءِ کي نئين ٿهي وڃ مانُ آهي ۽ جيڪو نہ رڳو معاصر جي ڪاوشن جو معترف آهي پر پاڻ خود ٻہ وڏي رياضت ۽ محنت ڪان پوءِ پراڻي رنگ جي شاعري مان ارتقا ڪري موجوده منزل تي پهتو آهي، طالب المولىٰ جي ميخاني جو رند ٻہ رهيو آهي. اميد تہ منهنجي اها گذارش قبول ڪندو. طالب المولىٰ سائين لطيف جذبن جو شاعر هو. جيسين انسان ۾ محبت جو جذبو آهي تيسين طالب المولي زنده رهندو.
سائين وڏن سان منهنجي پهرين ملاقات مئي ١٩٥٤ع ۾ ٿي. پوءِ ملاقاتون ئي ملاقاتون هيون. رات ڏينهن گڏ، سفر ۾، شيلن شڪارن ۾، راڳ رنگ ۾، شعر شاعري ۾، ڪل يوڳ ۾ سدائين گڏ. اهو دؤر ٻہ هڪ عجيب دور هو- ان تي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. اُن سنگيت ۽ ساٿ مان گهڻو سکيوسين، گهڻوئي پرايوسين. ان دور جا مشاعرا، راڳ جون محفلون لطيفي لاڙن، سگهڙن جون ڪچهريون سڀ سائين وڏن جي سرڪردگيءَ ۾ ٿينديون هيون. ڪو شهر، ڪو ڳوٺ ڪو واهڻ اهڙو نہ هو جتي ڪا ادبي محفل، ڪو مشاعرو، يا راڳ رهاڻ نہ ڪئي هوندي سون. جواني ۾ سفر گهڻو ڪندا هئا پوءِ جت پهچندا هئا اُتِ خودبخود ميلا لڳي ويندا هئا، تر جا راڳيندڙ، شاعر سگهڙ اچي گڏ ٿيندا هئا- "نڪو رات نہ ڏينهن سڀ ڪا پسي پرين کي" وارو سمان هوندو هو. اهي محفلون ۽ مجلسون راتين جون راتيون ۽ ڏينهن جا ڏينهن هلنديون هيون. اسان جهڙا ٿوري ڪئين دفعا ٿنگون ساهيندا هئا پر پاڻ وينا هوندا هئا. قوتِ برداشت جي کهڙي ڳالهہ ڪجي. بيحد ٿڪ جي باوجود محفل مان نہ اٿندا هئا تہ متان ڪنهنجي دل آزاري ٿئي، پاڻ نهايت سريلا هئا. ڪارو آواز ڪونہ وڻندو هونِ پر ڪو اهڙو ڳائڻوآيو تہ ان کي ٻہ ٻڌندا هئا ۽ همت افزائي ڪندا هئا. اهوئي رويو سندن سکيڙاڻ شاعرن سان ٻہ هو. اهي محفلون تربيت گاهون هيون. جتان پڙهي ۽ ڪڙهي ڪئين اڳتي هلي نالي وارا شاعر ۽ اديب ٿيا ۽ ريڊيو ۽ ٽي وي جا فنڪار ٿيا.

"سنڌي ادبي بورڊ واري معاملي ۾ پڻ پاڻ سخت بيماري جي باوجود، ذاتي انا کي هڪڙي پاسي رکندي هر قسم جي معاونت ۽ مفاهمت لاءِ هروقت تيار رهيا. بدقسمتي سان سندن صحت ان ڏينهن ۾ بيحد خراب رهي. جنهن سبب ان مسئلي جو ڪو خاطرِ خواهه حل نڪري ڪونه سگهيو. ورنه پاڻ هر طرح ان معاملي کي خوش اسلوبي سان نپٽائڻ لاءِ بي چين هئا. نفيس ۽ نرم دل رکندا هئا، ان ڪري ادبي بورڊ تان استعفا ڏيڻ کان پوءِ ڏکويل ۽ ملول رهڻ لڳا؛ زبان تي شڪايت ڪڏهن ڪونه آندائون پر مون کي لڳندو هو ته ان واقعي کان پوءِ ماڻهن جي ناقدري ڏسي سندن اندر اڌ ٿي پيو هيو. سچ پڇو ته علم ۽ ادب جي هڪ پر خلوص پانڌيڙي سان حياتي جي آخري ڏينهن ۾ اهڙو زوراوريءَ وارو ورتاءُ سنڌين جهڙن غيرتمند ۽ سڄاڻ قوم جي منهن تي ڪنهن به ريت نه ٿو سونهين. بهرحال الله تعاليٰ اسان سڀني کي پنهنجي محسنن جي عزت ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري".

منهنجي اها بدقسمتي هئي جو انهن زور آورن ۾ جن جو ذڪر قمر ڪيو آهي، هڪ منهنجو پيارو به شامل هو، مون کي سچي حياتي اهو سور رهندو ته سائين جن کي منهنجن پنهنجن جي هٿان تڪليف پهتي، ڪاش سندن زندگي ايڏو جٽا ڪري ها جو آئون ان ڪوتاهي جي تلافي ڪري سگهان ها. افسوس اهو آهي ته اسان جي سنڌي سڄڻ هن سنڌ دوست انسان سان اهو سڀ ڪجهه ان وقت ڪيو جڏهن هو سفر جو سانباهو ڪريو ويٺا هئا، رڪاب ۾ پير پيو هو رڳو لانگ ورائڻ جي دير هئي. ڪجهه وقت صبر ڪن ها ته محسن ڪُشي جي طعني کان بچي وڃن ها.

سائين وڏن سان جيڪي زندگي جو گهڙيون گذريون، اهي حياتي جي پونجي آهن، انهيءَ کي ساهه سان سانڍي رکڻ ئي زندگي جو مقصد رهندو. سائين ويا ته منهنجي لاءِ هر خوشي بي معنيٰ ڪري ويا. آئون ته جهڙوڪ راهه هلندي ڦرجي ويو آهيان.

هاتف ڦريو ته خير پر اي سنڌ واسيو!
احساس ڪو اٿو ته اوهان ڇا وڃائيو؟

---

Gul Hayat Institute

* هي دور عوامي غلامي جو آهي.
* هن دور ۾ پنهنجي پاڻ کان به ڏڄبو.
* انسان سهڻ تي اچي ٿو ته سڀ سهي ٿو نه سهڻ تي اچي ٿو، ته ڪجهه نٿو سهي.

گستاخي طرفين لاءِ نيٺ عذاب ٿيو پوي.

(حضرت مخدوم طالب المولىٰ)



حضرت مخدوم طالب المولىٰ جي مزار تي قبله مخدوم محمدامين فهيم، مخدوم خليق الزمان
۽ مخدوم سعيدالزمان صاحب جن جي حاضري



درگاهه حضرت نوح سرور رح جو سترهون جانشين مخدوم محمد امين فهيم صاحب جن پهرين ورسيءَ
جي جلسي کي مخاطب آهن.



پهرين ورسيءَ جي موقعي تي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو صاحبه حضرت مخدوم محمد زمان
طالب المولي جي مزار تي حاضري ڏني.



وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو صاحبه حضرت مخدوم نوح سرور رح جن جي مزار تي
گلن جي چادر چاڙهي رهي آهي.




وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ کي طالب المولىٰ ايوارڊ- ٩٣ع پيش ڪيو پيو وڃي



وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ طالب المولىٰ اڪيڊمي جي پاران ڇپايل ڪتاب عقيدت جا گل جي رونمائي ڪري رهي آهي. ساڻس گڏ قبلہ مخدوم محمد امين فهيم، مخدوم جميل الزمان ۽ سنڌ جو وڏو وزير سيد عبدالله شاهہ بيٺل آهن.

Gul Hayat Institute



ڀرين ورسيءَ جي موقعي تي وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پنڊال ڏانهن اچي رهي آهي.



آزاد ڪشمير جي وزيراعظم جناب ممتاز حسين راٺوڙ هالا ۾ قبلہ مخدوم محمد امين فهيم
سان عذر خواهي ڪئي.

Gul Hayat Institute

## حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي چاليهي جي موقعي تي ورتل ڪجھ تصويرون



قبله مخدوم محمد امين فهيم ۽ گورنر سنڌ محمود اي هارون



Gul Hayat Institute

وفاقي وزير سردار آصف احمدعلي ۽ علامه عرفان حيدر عابدي مخدوم جميل الزمان سان گڏ



قبلہ مخدوم محمد امين فهيم، ۽ پير سيد صبغت الله شاهہ راشدي



قبلہ مخدوم محمد امين فهيم، ۽ مير ظفر الله جمالي

Gul Hayat Institute



قبلہ مخدوم محمد امين فهيم ۽ مولانا ڪوثر نيازي



مولانا عبدالستار نيازي، گورنر محمود اي هارون، مولانا ڪوثر نيازي، مير اعجاز ٽالپر ۽ حاجي قاسم پٽيل

©Gul Hayat Institute



١٩٧٦ع ۾ مخدوم خليق الزمان جي شاديءَ جي موقعي تي قبلهٔ حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ، وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو، قبلهٔ مخدوم محمد امين فهيم ۽ وزيراعليٰ سنڌ غلام مصطفيٰ جتوئي




١٩٨٨ع ۾ سروري تنظيم جي ڪنوينشن جي صدارت قبلهٔ حضرت مخدوم طالب الموليٰ جن فرمائي. کاٻي طرف مخدوم خليق الزمان ۽ ساڄي طرف مخدوم جميل الزمان ويٺل آهن.

پر حيرت جي ڳالھ آهي تہ ڀنهين بزرگن سان ملڻ حاتم طائي جا ست سوال سر ڪرڻ جهڙو مشڪل ڪم آهي. ڇو تہ ٻئي بزرگ اڪثر نظربند رهن ٿا. سائين جي، ايم، سيد هر دور جي برسراقتدار سرڪار طرفان ڪافي ڀيرا نظربند رهيو آهي ۽ سائين طالب الموليٰ سندس مسلسل علالت باعث ڊاڪٽر حضرات جي هدايات هيٺ هر سال ڪافي وقت نظربند رهي ٿو. راقم الحروف ٢٧ آگسٽ ١٩٨۴ع تي ڪٺين مرحلا طئي ڪري سائين جي ايم سيد سان سن ۾ ٻہ ڪلاڪ ملاقات ڪئي ۽ ٢٠ مارچ ١٩٨٧ع تي هالا ڪراچي حيدرآباد جا چار ڏينهن چڪر ڪاٽڻ بعد سائين طالب الموليٰ سان بمشڪل ملاقات ڪئي. انهن ڀنهين ملاقاتن جي ڏاڍي دلچسپ روداد منهنجي آئينده مضمون ”ٻن بزرگن سان ملاقات“ ۾ پيش ڪندس.

اسان جهڙا مَ چڏ ماڻهو تہ سائين جي ايم سيد جي دربان شهداد پليجي ۽ سائين طالب الموليٰ جي دربان قاسم ڪيريئي جون اڙيون ۽ اڙدايون، تڙيون ۽ تابشون سهي، حاضري جي نوڪرن ۽ خليفن جي ڪٽ پٽ جي باوجود بعض اوقات ملاقات ڪري وٺن ٿا. پر هر ماڻهو جو انهن سان ملڻ مشڪل ۽ هر ماڻهو سان انهن جو ملڻ ممڪن ناهي. ڇو تہ سندن لاتعداد مشتاقان ديد برصغير جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهن ٿا. ريڊيو ۽ ٽي وي هن دور جا بهترين ذريعا آهن جن طرفان اهڙن بزرگن جي اقوال ۽ ارشادات کي سندن آستانن تي وڃي بار بار رڪارڊ ڪري عوام آڏو پيش ڪري اها گهرج پوري ڪري سگهجي ٿي. جنهن لاءِ شاھ لطيف جا ٻہ بيت مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون پر افسوس جي ڳالھ آهي جو ڏنا منا ناچو مسخرا ۽ ڳائڻا بعنوان ”فنڪار“ انهن قومي ادارن طرفان بار بار پيش ڪيا وڃن ٿا، جيڪي ”هما هما“ جي ڏماچوڪڙي مچائن ٿا ۽ نئين نسل جو ذهن خراب ڪن ٿا، باقي اهڙن بزرگن جي اقوال، ارشادات، تجربات، هدايات، فيض ۽ برڪت سان قوم کي فيضياب ڪرڻ جو ڪوبہ جامع پروگرام نہ آهي.

اسان انهن ڀنهي عالي مرتبت بزرگن کي هن مختصر صفحن ۾ سميٽي نٿا سگهون. جن تي لکڻ لاءِ ڪيئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. هن مضمون ۾ في الوقت هالا واري پاڳاري پير حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سجاده نشين (نمبر ١٧) درگاھ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رح جو مختصر ۽ انوکو احوال ڏينداسون.

اولا لذکر بزرگ سائين جي ايم سيد جي بي ريا راءِ مطابق مخدوم صاحب جي سنڌي ادب ۽ ثقافت کي زنده رکڻ جي ڪوشش اهم درجو رکي ٿي.

سنڌي ڪلچر اتحاد، انساني، امن، عالم جو پيغامبر آهي. سنڌ جا درويش ۽ بزرگ انهيءَ پيغام جا حامل هئا. سنڌ جي اديبن کي گهرجي تہ مخدوم صاحب جي سياسي مجبورين کي درگذر ڪري سندس ادبي ڪوششن جي پٺڀرائي ڪن. خدا ڪيس عمر دراز بخشي ۽ ڪائنس سنڌ، ادب ۽ ثقافت جي خدمت ڪرائيندو رهي.“

(”جنب گذاريم جن سين“ جلد پهريو صفحو ٣۴٧)

سائين طالب الموليٰ جي تفصيلي سوانح حيات يار خاطر، جنب گذاريم جن سين، مهراڻ جا

موتي، چپر ۾ چڙيون، سماهي مهراڻ جو شاعر نمبر ۽ سوانح حيات نمبر، ديوان طالب الموليٰ وغيره ڪتابن ۾ قارئين پڙهي سگهن ٿا. اسان هتي صرف "فقير طالب الموليٰ" جي عنوان ڪي پيش ڪريون ٿا. طالب الموليٰ دوستن کي پنهنجي لاءِ بيقدري جو ڏوراپو هينئين ڏي ٿو:

ڪندؤ ياد يارو گهڻو پنهنجو طالب،
چڏي ويندو جنهن دم هو فاني جهان کي.

اها محبوب ۽ جامع صفات شخصيت جنهن جا مريد، معتقد، دوست ۽ احباب پوري هند و پاڪ ۾ پکڙيل آهن، جنهن کي دين ۽ دنيا جون سيئي نعمتون ميسر آهن. تنهن هوندي به سندس طبيعت ۾ ڪنهن به قسم جي ڪنهن به وقت وڏائي نظر نه ايندي. پاڻ فرمائي ٿو:

باوجود ان جي خاڪسار آهيان،
سر تي دستار "سروري" آهي.

مان ته ڪجھ ئي نه آهيان اي دوست
مون سان ڪنهن جي نه همسري آهي.

پاڻ نهايت حليم طبع، رحمدل عفو و درگذر ڪندڙ، صابر شاڪر، قانع، سخي، ساده لباس، خوش خلق، خوش مزاج، سدا بهار طبيعت، نيڪ نيت، پاڪ طينت، مساوات جو مجسمو ۽ دشمن نواز شخص آهي. "هتان حبيبن ڪڏهن ڪونه ڏڪوئيو" پاڻ ڪنهن به وقت ڪنهن به دشمن لاءِ انتقامي ڪارروائي جو نه سوچيندو آهي. انتقام جي برعڪس احسان ۽ عنايات، خيرخواهي ۽ خير سگالي جي جذبي سان مخالفن کي مانوس ۽ مطيع ڪندو آهي. طالب الموليٰ هر ڪنهن لاءِ حفظ مراتب جو خيال رکندڙ ۽ دشمنن کي به سهڻن نالن سان ياد ڪندڙ آهي. غصي ۾ غلط زبان استعمال نه ڪندو آهي. پنهنجن نوڪرن سان به ناراضگي واري وقت ترش ۽ تلخ ڪلامي نه ڪندو آهي. عوام لاءِ سندس بي انداز ۽ بلاامتياز علمي ادبي ثقافتي، سماجي ۽ فلاحي خدمات ڪنهن کان ڳجهيون آهن؟ بهرحال هي قصو ڊگهو آهي. المختصر طالب الموليٰ ۾ هڪ باشريعت بزرگ جي سجاده نشين هئڻ جا اهي سڀ ڳڻ موجود آهن جيڪي قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ مؤمنن جون صفتون هونديون آهن. پيري ۽ مخدومي واري نت نانگر عالمن زاهدن جي ظاهري بناوٽ ۽ سجاوٽ، من مستي، هٺ تڪبر، مڪر و ريا جي بيحد برخلاف آهي. هو مرد فقير آهي مگر دنيا جي ٻنڌڻن ۽ وقتي ضرورتن هن کي سياست ۽ دنيا سان ڳنڍيل رکيو آهي. اسان هڪ مخدوم کي فقير لکڻ جي جسارت ته ڪئي آهي، پر شايد ڪي (سطحي علم وارا) ماڻهو اهو انداز بيان برداشت نه ڪري سگهندا. حالانڪ فقير جو لفظ سيني القاب کان جامع صفات آهي. تاهم اچو ته "ديوان طالب الموليٰ" ذريعي طالب الموليٰ کان ئي پڇون ته هو ڇا آهي، ڇا ٿو چوي، ڇا ٿو چاهي ۽ ڪيئن صحيح طريقي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.
طالب الموليٰ پاڻ به چوي ٿو ته:

اوهان جي طالب الموليٰ کي سمجهڻ جي ڪجهه هردم
سندس ظاهر جي شانن شاهڪارن تي متان ڀلجو

جهان کي جن جي اڄ نقشِ قدم تي فخر حاصل آهه
اهي الله جي لئي بي سرو سامان ٿي نڪتا.

تجارت جي سٽي سان جي ويا مڪّي مديني ۾
خدا جي گهر مان اهڙا ڪيئي بي ايمان ٿي نڪتا
(ديوان طالب الموليٰ صفحو ۲)

هي الحاجي ڀلحاجي ڪا شي نه آهي
طبيعت ۽ طينت ڪپي طاهرانه
عبا و قبا و عصا و مصليٰ
رڳي ڍنگ آهن رڳي ٿي بهانه.
(ديوان طالب الموليٰ صفحو ۲۵)

چو جنسي ڪشش کي ٿو زمانو سڏي الفت
هي واعظي رمز آهه مگر حق جي ندا ناهه
رندن ته تڏهن پنهنجو ڪيو طالب الموليٰ
ان وٽ جو ريا واري عبا ناهه قبا ناهه.
(۳۵۷)

سجادہ عمامه و دستار ۽ عصا
هي بدعتي ڪتاب جو هڪ اقتباس آهه
هي تجربي ٻڌايو ته مخدوم، پير اڄ
هڪ بي تپاس آهه ته ٻيو بي قياس آهه
هي خرقا و عبا و قبا سڀ فريب جاڻ
نفرت ڀريو هي طالب۔ مولا لباس آهه.
(۳۵۳)

خرقا، عبا قبا ۽ عمامه ڀلائون سڀ
پوءِ ڪيئن چوان هي طالب مولا گزيده ناهه؟
(۳۵۳)

ڪذب وريا سان روزا، نمازون، تباه ڪُن
ان ڪان ته صرف نيڪ ٿي نيّت ڪتّان ليي
آهن ته هونئن طريقت ۽ معرفت به خوف
ليڪن حقيقت آهه شريعت ڪتّان ليي.
(۲۵۔ ۴۲۴)

مخدومي ۽ پيري مون ترڪ ڪيون تهدل
هي عشق و محبت ۾ ٻئي بار نظر آيا.

عصا و جبہ و دستار زيب۔ تن نہ ٿي سگهيا
خرافاتِ جهان سان منهنجو ڪو مطلب تہ ڪونهي ڪو

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت طالب الموليٰ
تہ پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.
(صفحو ٢٦_ ٢٢٥)

گنهگارن جي عظمت ڪي فقط الله ٿو ڄاڻي
جو آهي رحمت۔ عظميٰ بہ هر جُرم و خطا سان گڏ
لباس۔ پيري مخدومي ٿيا ناجنس منهنجي لاءِ
گذاري ڪينڪي سگهيس عبا سان گڏ قبا سان گڏ.
(صفحو ٨٢)

زيور نہ، زيبور ٿا لڳن بي نظير کي
سينگاري سگهبو ڪيئن ڀلا ماهِ منير کي
خرقا عبا قبا نہ ٿهن ٿا امير کي
هي زيب ٿا ڏين رڳو مصنوعي پير کي
(٤٤٩)

اسان جي ملڪ ۾ حاذق سڏائڻ وارا ڪئين آهن
مگر افسوس جو آهي شفا سستي دوا مهنگي
مبارڪ طالب الموليٰ عبا ڇڏيئي قبا ڇڏيئي
ريا هرجا وڪامي ٿو طبيعت بي ريا مهنگي
(٤٥٣ _٥٤)

گڏ ڪين هلي سگهيون هي رندي ۽ مخدومي
ٿي ڪانہ پڇي هرگز مئي نوشي ڪان محرومي
سجاده نشيني کي رک رِهن ۾ اي ساقي!
پيمانہ پياري ڀج هي ظاهر واري معصومي
(٤٣٧)

مان ڄاڻان فقط رندي، ۽ پيري نہ مخدومي
سجاده نشيني پڻ مون لاءِ ٿي محڪومي
جت آهي عبا سازي، جت آهہ قبا بازي
جت جبہ و دستاري ماحول سو مذمومي
(٤٣٧)

”پريت پبليڪيشن“ ٽاٽو بولاخان، سال ١٩٨٨ع



Gul Hayat Institute

ملڪ نديم

# ڪئمپس مان ڪالم

حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ مون ٽي وي تي ڏٺو، ها گهڻو وقت اڳ، ننڍي هوندي گشتي گاڏي وارن جا فلم ڏسندا هئاسون، جنهن ۾ دستاويزي ۽ اشتهاري فلم ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ڏيکاريا ويندا هئا. انهن ۾ ڀٽائي جي ميلي، ادبي ڪانفرنس ۽ موسيقي جي محفل جا منظر ٻه هوندا هئا. ميلي جي منظر ۾ روبينه قريشي (مون کي دير سان معلوم ٿيو ته اها روبينه قريشي هئي) پنهنجي منفرد سريلي آواز ۾ "يار سڄڻ جي فراقون ماري" ڳائيندي ڏيکاريندا هئا. ان وقت کان وٺي اها سٽ مون کان ڪڏهن نه وسري آهي. ساڳي محفل جي منظر ۾ وينلن مان هڪ وچولي عمر واري مردانگي حسن جي علامت جو چهرو ڪلوز اپ ۾ ڏيکاريندا هئا، جيڪو مون کي هڪ ته ان سٽ جي حوالي سان ۽ ٻيو خوبصورت ۽ حشمت واري چهري طور اهو منظر سدائين منهنجي ذهن ۾ رهيو. ڪڏهن ڪڏهن اهو پوري جو پورو منظر ياد ايندو رهندو هو. مان تمام گهڻي وقت کان پوءِ اهو اندازو لڳايو ته اهو وڻندڙ چهرو طالب الموليٰ جن جو هو؛ ڇاڪاڻ ته ڀٽائي جي ميلي تي منعقد ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۽ موسيقي جو گهڻو ڪري زندگي جي پڇاڙڪي ڏهاڪي تائين روح روان مخدوم طالب الموليٰ جن هوندا هئا.

ادبي ۽ صحافتي شوق ۾ اچڻ کان پوءِ اهو چهرو مون ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ مخدوم طالب الموليٰ جي نالي مٿان ڏٺو ۽ پوءِ ٽي وي تي ان صورت سان صفا هڪ جهڙائي محسوس ٿي. اسان ادبي دنيا ۾ ان وقت داخل ٿياسون، جڏهن ترقي پسند ۽ رجعت پسند يا جديد ۽ قديم جو جهيڙو چوٽ تي هيو. اول ته اسان ٻنهي سڌي ڳالهين تي هڪڙن کي پنهنجو ۽ هڪڙن کي پرايو سمجهو ۽ ٻيو ته اسان وٽ شروع کان وٺي اڄ تائين الائي ڇو سنڌ دوست سياست ۽ پيپلزپارٽي جي جدوجهد کي الڳ الڳ سمجهيو ويجي ٿو، جڏهن ته ٻنهي کي الڳ قرار ڏيڻ وارن وٽ ڪو به وزندار دليل ڪونهي.

سنڌ دوست سياستدانن وٽ سنڌ جا جيڪي به مسئلا ۽ معامرا آهن، اهي پ پ وٽ به آهن ۽ انهن جو حل به آهي. پ پ پنهنجي اقتدار جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ جي بي حد ڪوشش ڪئي ۽ ڪيتري قدر ڪامياب به وئي. پ پ پنهنجي اقتدار ۾ سنڌ کي معاشي سگهه ان عمل ذريعي ڏني ته هن هزارين نوجوانن کي نوڪريون ڏنيون، زمينون ڏنيون، قرض ڏنا ۽ روزگار جا موقعا ڏنا. رستا ٺهرايا، ڪاليج ڪولرايا يونيورسٽيون ۽ اسپتالون قائم ڪيون، ثقافتي سونهن ان

Gul Hayat Institute

طورزن بادشاھ چوائيندڙن وقت جي واڳوڻ جي دھمان دڙڪي ۾ دٻ تي گوڏا کوڙيا ۽ لالچ جي لونڊي اڳيان واڄ گودو ڪري ٻيھي رھيا. طالب المولىٰ ڪي ڀٽائي جي ھن سٽ ”ڪوڙين ڪن سلام، اڇيو آسڻ ان جي“ جي معنيٰ ۽ مفھوم جي چڱي طرح خبر ھئي ۽ ڦاسي جي تختي تائين عوام سان گڏ رھڻ وارن جي عوام طرفان محبت عقيدت، قرب ۽ قرباني ٻہ مخدوم صاحب ڏٺي ھئي. پاڻ مختصر حياتي جي عياشي ۽ اقتدار مٿان شھيد ذوالفقار علي ڀٽي وانگر ھزارين سالن جي عزت ۽ عقيدت واري حياتي ماڻڻ کي ترجيح ڏيندي، پنھنجي دل ۽ دماغ سان پڇاڙي تائين شھيد جي ساٿ جو ساٿي رھڻ جو وچن ڪري ڇڏيو ھو ۽ اھو نڀايائين.

اڄ توڙي جو سندس طبعي لاڏاڻو ٿيو آھي پر لوڪ سندس وڇوڙي تي سڏڪا ڀري رھيو آھي. ۽ سندس بيماري جي واڌاري ۽ پيڙا جو سبب مظلوم عوام سان مارشلائن ۾، غير مارشلائي مارشلائن ۾، ڏکن ۾، جمھوري جاکوڙن ۾ سنڌ جي سورن ۾ ھمسفر رھڻ سمجھن ٿا. لوڪ مخدوم صاحب جي ڏکھي فطري پيراڻي حياتي کي عوام جي غمن سان گڏ رھي گھڻائڻ واري عمل کي پنھنجي ڏيھ ۽ ڏوٿيئڙن لاءِ قرباني سمجھن ٿا. ان ڪري مخدوم طالب المولىٰ جن لاءِ عوام جي عقيدت فقط روايتي نہ پر انتھائي محبت، قومي اڳواڻ ۽ ھيرو واري رھندي. ان ڪري ٻہ جو ھو شھيد ذوالفقار علي ڀٽي جو بھادر رفيق ھجڻ گڏ سنڌ جي عوام لاءِ درد رکندڙ شاعر ٻہ ھيو. سنڌ جي عوام انھن سان بي حد محبت ۽ عقيدت جو اظھار ڪيو آھي، جيڪي روايتي پيرو مرشد ھجڻ سان گڏ قوم جي نجات لاءِ جاکوڙيندڙ عوامي شاعر بہ رھيا آھن. (عشق بنا انسان جھڙو تھڙو ناھي اڻ ڪتابن جا ڪو پڙھندو تہ بہ نسورو نادان- عشق بنا انسان- ڪافي طالب المولىٰ) ھا، مخدوم صاحب جي پنھنجي منفرد شاعرانہ حيثيت ھئي، سچل سرمست مصري شاھ ۽ بيدل کان پوءِ شاعري جي صنف ”ڪافي“ جو وڏو شاعر ھو. ”ڪافي“ جي صنف تي ڪتاب بہ لکيائون. دنيا جي اڄوڪي ادبي ۽ سياسي وايومنڊل ۾ روحانيت ۽ ماديت گڏجي وئي آھي. سوچون تبديل ٿي رھيون آھن. نظريا بدلجي رھيا آھن. اڄ ڪلھ شيخ اياز اھا شاعري ڪري رھيو آھي، جيڪا طالب المولىٰ شروعاتي دور يا وقت بوقت ۽ آخري عمر تائين اھا بہ شاعري ڪئي جيڪا شيخ اياز قوم، عوام ۽ وطن جي حوالي سان شروعاتي دور ۽ وچين عمر ۾ ڪئي اڄڪلھ گھڻن شاعرن جا خيال گڏجي ويا آھن. فرق فقط فني خوبين ۽ فڪري گھرائي جو ڪري سگھجي ٿو. طالب المولىٰ بہ بيت گيت ۽ نظم لکيا تہ جديد شاعر بہ لکي رھيا آھن. طالب المولىٰ جي شاعري ۾ بہ سنڌ جا سور ۽ پنھوارن جا پور آھن تہ جديد شاعرن وٽ بہ اھي درد ۽ دوائون آھن، جديد شاعر بہ پاڻ کي سنڌ سان محبت ڪرڻ وارا چوائن ٿا تہ طالب المولىٰ بہ سنڌ جي عوامي سياست سان وابستہ رھيو. عشق و محبت وصل ۽ وڇوڙي جا گيت سريلي ۽ سولي ٻولي ۾ طالب المولىٰ جھڙا شايد تمام ٿورن، جديد يا ترقي پسند شاعرن لکيا آھن. صوفيانہ اظھار بہ ھڪ جھڙو آھي، مطلب تہ فرق گھٽجي ويا آھن.

طالب المولىٰ جن جون سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي سان ڪيل خدمتون وسارڻ جھڙيون نہ

Gul Hayat Institute

آهن، سڄي سنڌ ۾ زميندار ۽ گادي نشين گهرائن مان هڪڙو ئي ته اهو خاندان آهي، جيڪو پنهنجي دماغ ۽ ڌن جو چڱو حصو سنڌي ادب کي تخليق ڪرڻ ۽ ان کي ڦهلائڻ تي خرچ ڪري ٿو. جڏهن ته ٻيا وسيلن وارا وڏا ماڻهو ان جي ابتڙ پنهنجن عجيب و غريب شوقن، شغلن، شڪارن شرابن تي ڌن لٽائن ٿا. سنڌي ادبي بورڊ لاءِ هر دور جي حڪومت کان فنڊ وٺڻ جي سگهه به مخدوم خاندان رکي ٿو. سنڌي ادبي بورڊ سرڪار جي ٻين ادبي ادارن کان وڌيڪ مالدار به طالب الموليٰ جي صدقي رهيو آهي. اسان جي ٻين علمي ۽ ادبي ادارن جي سربراهن جي پهچ ته کاتي جي سيڪريٽري تائين به نٿي ٿئي. هتي چيف منسٽر کان وٺي پرائيم منسٽر تائين سلامي ٿين ٿا. ڇا اهڙي ماڻهو يا خاندان جو سنڌي ادبي بورڊ ۾ هجڻ سنڌي ادب لاءِ ضروري ۽ فائديمند ناهي؟ ڇا ان خاندان کي ذاتي خواهشن جو ميدان بنائڻ قومي ڪارنامو آهي؟ جڏهن ته قومي جدوجهد ۾ هر طبقي جي امير ۽ غريب کي گڏ هلائڻ جي گنجائش آهي ۽ مخدوم خاندان ته سنڌي ادب جو خدمتگار ۽ سنڌي قوم جو مددگار آهي. ان حڪومتي حلقن ۾ رهندڙ سنڌي ادب ۽ ٻولي کي پنهنجي زندگي جو حصو سمجهندڙ ۽ ان لاءِ پنهنجي وس آهر ڪم ڪندڙ خاندان کي پنهنجي ذاتي يا گروهي سوچ جي پس منظر ۾ اُنوٽ ڪرڻ پنهنجي ان بهترين اداري کي ٻين ادارن وانگر لاوارث ۽ يتيم بنائڻ جي برابر نه ٿيندو؟

ها باقي ان جي ڪم ۽ ڪارڪردگي تي تنقيد ڪري سگهجي ٿي. خرچ پکي جو حساب ڪتاب پڇي سگهجي ٿو. سڌاري ۽ واڌاري لاءِ مطالبو ڪري سگهجي ٿو. نفيس احمد ناشاد، طارق عالم ابڙي ۽ ٻين سان جي ناحق ٿيو آهي ته ان خلاف آواز اٿاري سگهجي ٿو، اسان به ان جا حمايتي آهيون، پر ان سلسلي ۾ احتجاج پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ جهڙو نه هجي، هن وقت سنڌ جي لاوارثي جهڙي حالت ناهي؟ ان صورت ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جا اثر رسوخ ۽ طاقت وارا دوست وڃائڻ چڱي ڳالهه ڪونهي ۽ وري سامهون مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جهڙو قلندر ۽ درويش اديب ۽ شاعر هجي ته ان جي بي قدري ڪرڻ سنڌ جي سڃاڻپ ناهي. ڇاڪاڻ ته جيڪي پاڻ کي سنڌي ادبي بورڊ جا سڄڻ سڏائن ٿا طالب الموليٰ انهن کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ سڄڻ ڪونه هو. اڄ ڪلهه ڪيترا اديب آهن جيڪي بنگلن ۾ ويهي لکن ٿا، ڪيترن اديبن سرڪار کان اعزاز ورتا آهن، ڪيترن اديبن پنهنجو نالو ڪيش ڪرائي وڏيون نوڪريون حاصل ڪيون آهن ۽ ڪيترا ڪوششون ڪري رهيا آهن. ان سان ٻيا ڪيترا علمي ادبي ۽ ميڊيا جا ادارا آهن، جنهن جو احتساب اول ڪرڻ گهربو هو، جن سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌي تعليم ۽ سنڌي پروگرامن لاءِ مليل پيسا هضم ڪري ڇڏيا آهن، ذهانتون ۽ اهليتون قتل ڪري ڇڏيون آهن، طالب الموليٰ کي اهليت قتل ڪرڻ ۽ دولت هضم ڪرڻ جي ضرورت نه هئي، ڇاڪاڻ ته هو پاڻ علم جو امير ۽ ڌن جو ڌڻي هو، جيڪو قلندرن وانگر رهڻ پسند ڪندو هو.

عوامي آواز ۱۹۹۳ـ ۱ ـ ۲۷

چيئرمين رهيو. هو ٻه ڀيرا بورڊ جو چيئرمين چونڊيو ويو. ٻهريون ۱۹۶۱ع کان ۱۹۷۷ع تائين ۽ ٻيهر ۱۹۸۹ع کان ۱۹۹۲ع تائين رهيو. مخدوم صاحب جي ڏَس سان بورڊ، علم ادب جي اشاعت، ٻوليءَ جي ترقي، بورڊ جي ڪارڪنن جي پرگھور ۽ قلم ڌڻين جي واهر ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ان دؤر ۾ بورڊ کي سٺا وسيلا مهيا ٿيا. مخدوم صاحب جي ڪوشش سان ۱۹۸۹ع ۾ تڏهن جي وزيراعظم بورڊ کي ۱۰ لک رپيا ڏنا هيا. مخدو صاحب ڄام صادقي عليءَ کان ٻه هن پڙٻانگ اداري کي هڪ ڪروڙ رپيا ڏياريا. پر ان ڳالھ جو هر ڪنهن کي افسوس رهندو ته مخدوم صاحب پنهنجي حياتيءَ جي پوئين حصي ۾ مايوسيءَ جا ڏينهن ڏٺا. هن جي خدمتن جو ايترو قدر ۽ اعتراف نه ڪيو ويو جيترو هئڻ گھربو هو. وقت ته پاڻهي ان جي خدمتن جو ڪنهن کان اعتراف ڪرائيندو پر پنهنجي حياتيءَ ۾ هن بي قدريءَ جون چيتيون دل ۾ چپيندي محسوس ڪيون هيون. سندن وفات کان پوءِ هاڻي اخبارن ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي ۽ رسمي تقاضائون پوريون ڪيون پييون وڃن. وقت کان پوءِ سوچڻ جي اسان جي قوم کي ڪا لولي مليل آهي. ڪاش! سنڌي ماڻهو پنهنجي محسنن جو انهن جي حياتيءَ ۾ قدر ڄاڻن.

اسان هن ڏک جي موقعي تي مخدوم صاحب جي گادي نشين محترم محمد امين فهيم ۽ سندس ڀائرن سان ان غم ۾ شريڪ آهيون ۽ ڌڻيءَ در دعاڳو آهيون ته مرحوم کي بُلند درجا عطا فرمائي. ساڳي وقت اسان حڪومت اڳيان اهو مطالبو رکون ته مخدوم طالب المولىٰ جي ڪيل خدمتن جي اعتراف ۾ ڪو يادگار ادارو اڏيو وڃي، ڪي ادارا، علاقا ۽ روڊ سندس نالي سان منسوب ڪيا وڃن. هڪ ٽرسٽ قائم ڪري مخدوم صاحب جي مشن کي جاري رکيو وڃي. بزم طالب المولىٰ ان ڏس ۾ سگھاري وک کڻي.

نئين سوچ، فيبروري ۱۹۹۳ع

---

* طامع جي صحبت کان رب پناھ ڏي.
* طامع سان گھرائي رکڻ عذاب وٺڻ آهي.
* طامع نوڪر رکڻ عظيم گناھ آهي.
* طامع دوست جو معمولي تحفو به قبول نه ڪجي.
* نيازمندي ۽ اخلاق زندگي جي جان آهن.

(حضرت مخدوم طالب المولىٰ)

Gul Hayat Institute

قمر شهباز

# اڄ نہ پَسان سي

## مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جي وفات تي خاص ليک

روايتي سنڌي رواداري، رک رکاءُ، محبت، خلوص ۽ شفقت جو اهم باب پورو ٿيو.
علم ۽ حلم، صبر ۽ تحمل، قرب ۽ ڪچهريءَ جو در هميشہ هميشہ لاءِ بند ٿي ويو.
مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ لاڏاڻو ڪري ويو.
سنڌي سماج، علم ۽ ادب، شعر ۽ سخن، هڪ بي حد سچار، هڏ ڏوکي ۽ غريب پرور انسان کان محروم ٿي ويو آهي. سنڌي عوام جو اڳ ئي بک، بدحالي ۽ محروميءَ جي احساس کان مجروح آهي، تنهن جي آخري اميد بہ ويندي رهي. مخدوم صاحب جي رحلت ڏک درد، غم ۽ اندوهہ جي صورت ۾ هر دردمند دل اندر چيت جيان چُپي رهي آهي. اَٽڻ اداس آهن، مڙهيون مارن ٿيون. جي ايوان موسيقي، ادب ۽ فن جا گهوارا هئا، سي ويران ۽ ويڳاڻا آهن. لاهوتي لڏي ويا. وينجهار اونهي ۾ اوهري ويا.
شل خدا اسان کي اهو صدمو سهڻ جي همت عطا ڪري. شل سنڌ ۾ سنڌواسي ان خواب جي تعبير اکين سان ڏسي سگهن، جيڪو مخدوم صاحب جي زندگيءَ ڀر جي تمنا بڻيو رهيو. شل هالا کان هليل پيار، محبت ۽ نهٺائيءَ جي هوا، سڄي سنڌ کي خوشبو، قرار ۽ تازگي بخشي.
مخدوم مرحوم پنهنجي سڄي ڄمار سنڌي ادب جي خدمت ۾ گذاري. وس آهر زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين نور نچوئي علمي ۽ ادبي پورهيو ڪندو رهيو. سنڌ جي روايتي پيرن ۽ گادي نشينن جي نفسيات جي بلڪل برعڪس، هو هڪ خالص عوامي سوچ رکندڙ، کلٽو ملٽو ۽ ڀاڄهارو انسان هو. اڪثر وقت مطالعي ۽ تصنيف ۾ گذاريندو هو يا وري ماڻهن جا مسئلا حل ڪندو رهندو هو.
مان پنهنجي ذاتي تجربي ۽ مشاهدي جي آڌار تي ڪنهن بہ ترديد يا ندامت جي خوف کان سواءِ، نهايت ايمانداريءَ سان چئي سگهان ٿو تہ مرحوم بي حد خوبين جو مالڪ هو ۽ مذهبي توڙي سياسي يا سماجي اعتبار کان معتبر حيثيت ماڻڻ جي باوجود اول ۽ آخر عوامي ۽ خالص سنڌي جذبا رکندڙ انسان هو. ڪنهن کي بہ سندس ذات کان ايذاءُ يا رنج رسڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. سندن گفتگو ۾ جيڪا نهٺائي، ميٺاج يا پنهنجائپ هئي، سا سخت کان سخت دل موهڻ لاءِ ڪافي هئي. ادب ۽ شائستگي سندن شخصيت جا ٻہ اهم ستون هئا. ناراضگيءَ جو اظهار بہ اهڙي شائنتي پيرائي ۾ ڪندا هئا جو اڳلو شرمندگيءَ کان بچي وڃي. پاڻ کان ننڍن توڙي ملازمن سان سندن گفتگو جو انداز ٻڌڻ وٽان هوندو هو. ڪڏهن بہ ڪنهن تي حڪم نہ هلايائون. التجا وارو انداز اختيار ڪندا هئا. ننڍي ڏي کي عزت ۽ احترام ڏيندا هئا. پوين ڏينهن ۾ پاڻ اٿي نہ سگهندا هئا تہ مهمان مڙي کي رخصت ڪرڻ يا وٺي اچڻ لاءِ پنهنجي صاحبزادن يا خاص خدمتگار کي تلقين ۽ تاڪيد ڪندا هئا. گفتگو جي

دوران مهمان نوازيءَ ۽ شرافت جا سڀ اصول احسن طريقي ساڻ نڀائيندا هئا. سنڌي ادبي بورڊ، واري معاملي ۾ پڻ پاڻ سخت بيماريءَ جي باوجود، ذاتي انا کي پاسيرو رکندي، هر قسم جي معاونت ۽ مفاهمت لاءِ هر وقت تيار رهيا. بدقسمتيءَ سان سنڌن صحت انهن ڏينهن ۾ بي حد خراب رهي، جنهن سبب ان مسئلي جو ڪو خاطر خواهه حل نڪري ڪونه سگهيو، نه ته پاڻ هر طرح ان معاملي کي خوش اسلوبيءَ سان نباهڻ لاءِ بي چين هئا. نفيس ۽ نرم دل رکندا هئا، ان ڪري ادبي بورڊ تان استعفيٰ ڏيڻ کان پوءِ ڏکويل ۽ ملول رهڻ لڳا. زبان تي شڪايت ڪڏهن ڪونه آنداڻون پر مون کي لڳندو هو ته ان واقعي کان پوءِ، ماڻهن جي ناقدري ڏسي سنڌن اندر اڌ ٿي پيو هو. سچ پڇو ته علم ۽ ادب جي هڪ پرخلوص پانڌيڙي سان حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ اهڙو زورآوريءَ وارو ورتاءُ سنڌين جهڙي غيرتمند ۽ سچاڻ قوم جي مُنهن تي ڪنهن به ريت ٺهڪ ٺٺو سونهين، بهرحال، الله تعاليٰ اسان سڀني کي پنهنجي مهربان محسنن جي عزت ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

مرحوم جي پونيئرن ۾ علم ۽ ادب جو چاهه ۽ شناس اتم درجي موجود آهي. اهو سڀ مرحوم طالب الموليٰ جي تربيت ۽ تعليم جو اثر آهي جو مخدوم امين فهيم ۽ جميل الزمان جهڙا شاعر ان گهراڻي جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ اسان ۾ موجود آهن. اميد آهي ته هُو پڻ علم ۽ ادب، سماج ۽ سياست جي ميدان ۾ قوم جي ساڳيءَ طرح رهنمائي ۽ مدد ڪندا رهندا. جهڙيءَ طرح جناب طالب الموليٰ جن فرمائي. سنڌن گَنن ۽ خانداني روايتن کي سامهون رکندي اها ئي توقع ڪري سگهجي ٿي ته هو سچائي ۽ پيار جي ان شمع کي هرگز وسامڻ نه ڏيندا، جيڪا سنڌن خاندان صدين کان روشن رکي آهي.

”عبرت“ ٣٠ جنوري ١٩٩٣ع

---

ماڻهوءَ جي نيت پرکڻي هجي ته ان سان راند ڪجي.

ڪنهنجي طبيعت سمجهڻي هجي ته ان سان گڏ شڪار ڪجي.

ڪنهنجي فطرت معلوم ڪرڻي هجي ته ان سان گستاخ ٿجي.

ڪنهنجي ايمانداري جاچڻي هجي ته گڏجي واپار ڪجي.

ڪنهن دوست جو نڀائڻ ڏسڻو هجي ته وٽس پيسا امانت رکجن.

ڪنهن دوست جو اعتماد پرکڻو هجي ته ان کان اڌارا پيسا وٺجن.

ٿي سگهي ته پنهنجي خاندان يا قوم مان شاديون ڪريو.

گهڻيون شاديون گهڻا فتور.

(حضرت مخدوم طالب الموليٰ)

سيد محمد شاهه آف پاٽوٽ

# مخدوم طالب المولىٰ جن جون يادگيريون

محترم مرحوم مغفور طالب المولىٰ صاحب جن سان منهنجو ڪيئن تعلق ٿيو ۽ ڪيئن گهڙيون گهاريون، ڪچهريون ٿيون محفلون ڇيون، اُهي يادگيريون بس يادگيريون ٿي رهنديون جن کي پنهنجي حال آهر پيش ڪريان ٿو.

"جن جي هٿان ويڙا سڄڻ تن ڪنئون هڏ سڏ سوا جي"

آئون هت هي عرض ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته هي جو ڪجهه به پيش ڪري رهيو آهيان، اهو سڀ ڪجهه منهنجا پنهنجا ذاتي تاثرات ۽ مشاهدات آهن. جن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا ملاوت، خوشامند مخالفت يا منافقي نه آهي.

مرحوم مخدوم طالب المولىٰ جن سان منهنجو تعلق بي غرض دوست جي حيثيت سان رهيو. مون کي ان ڳالهه تي به فخر آهي ته مون پنهنجي ساڻن تمام ويجهي واسطي هئڻ جي باوجود ڪانئن پنهنجي ذاتي مفاد ۽ غرض خاطر دنياوي ڪم نه ورتو ۽ نه مون ڪا حجت ڪئي يا بي حجاب رهيس ادب ۽ حجاب جي دائري اندر پاڻ کي مقيد رکيم سدائين مون وٽ سندن هستي هڪ اعليٰ معزز ۽ محترم جي حيثيت سان ميجيل رهي. مون کي ان ڳالهه تي به فخر آهي ته مون پنهنجي حال ۽ حيثيت آهر ساڻن بي غرض دوستي جو ناتو نڀايو پر بقول مرحوم پير حسام الدين راشدي ته دل جو چاڪ جڏهن چڪي چڪي ناسور ٿي پوي تڏهن شڪايت ڪٿي نه ڪجي پر ان حڪايت جو حق هئڻ گهرجي.

هر مفڪر، اديب، شاعر، فلسفي، تاريخ دان ۽ قومن جي تقديرن جو مصلح اهي سڀ حسرتون ۽ اميدون پنهنجي دل ۾ ڪٿي اوڇتوئي اوچتو اسان جي اوطاقن مان هميشه لاءِ هليو ويندو آهي ۽ اسين پويان رهيل ذرتي تي انسان، روايتن ۽ رسمن کي جيئرو رکي ان ۾ جنبي ويندا آهيون ۽ پوءِ آهستي آهستي ٿڏا ٿيندا ويندا آهيون تان جو بلڪل وساري وهندا آهيون.

نه سي تڙ اوطاق، نه وايون وڻجارن جون!

مرحوم و مغفور مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن سان پنهنجو تعلق ڪيئن ۽ ڪڏهن کان ٿيو سو ٻڌائڻ ضروري آهي.

هالا نوان جي مخدوم نوح عليه رحمت جي خاندان جا اسان پاٽوٽ جي سادات سان ورهين کان پاڙيسري ۽ خانداني تعلقات رهندا آيا آهن، اسان جي وڏن جو واسطو مخدوم خاندان سان

Gul Hayat Institute

ملايو نڪي پاڻ پڇائون ته ڪير آهيان ۽ نه ڪي مون پنهنجو تعارف ڪرايو اهو وقت شايد ٥٠_١٩٤٩ع جو هو. مرحوم گرامي صاحب جي اسرار تي آئون مرحوم طالب المولىٰ صاحب جن سان پنهنجي منهن ملڻ ويس مون کي ياد آهي اهو وقت ۽ گهڙي پاڻ ان وقت جتي مخدوم غلام حيدر صاحب ويهندا هئا، اتي ويندل هئا منهنجي اطلاع ڏيڻ تي مون کي پاڻ وٽ گهرايائون تمام عزت ۽ پابوهه سان مليا پر ٻنهين طرفن کان ان طرح جي اوچتو ملاقات ۽ ملڻ سبب تمام ٿورو وقت ڳالهائڻ ٿيو ترت موڪلائي اٿيس. مرحوم گرامي صاحب پوءِ مون کي ٻڌايو ته پاڻ گرامي صاحب کي منهنجو وٽن وڃڻ ملڻ جو لکيو ۽ پڻ چيائون ته طرفين تي حجاب حاوي هو. تنهن ڪري مزيد ڳالهه ٻولهه ٿي نه سگهي. پر پوءِ اها شناسائي وڌندي گهاٽي ٿيندي وئي. منهنجا مقامي تعلقات مخدوم صاحب جن سان طيب ڪرڙ جي محنت جو نتيجو چئجي. مخدوم مرحوم طالب المولىٰ جن سان منهنجا ذاتي تعلقات ڏاڍا وڌيا ۽ ويجهيا. ٥٦_١٩٥٥ع ۾ ٻوڏيون ٿيون، اسان جو ڳوٺ پاٽوڻ ۽ ٻيا ڳوٺ فتح پور شاخ ۽ بچاءَ بند جي وچ ۾ ٻڏي ويا. مخدوم صاحب جن پنهنجي مريدن سان رات ڏينهن بند جي حفاظت ۾ رڌل رهندا هئا مون کي پنهنجي گهرو ڀاتين سميت ڳوٺ مان حفاظت سان ڪڍڻ ۽ هالن ۾ مختصر عرصي لاءِ رهڻ لاءِ جاءِ ڏنائون.

مخدوم مرحوم طالب المولىٰ صاحب جن منهنجي غريباڻي ڪکن تي اچڻ ۾ ڪڏهن به هٻڪ محسوس نه ڪئي مون وٽ راتيون رهيا صوفيانه راڳ ۽ سندن ڪلام جون محفلون ۽ ڪچهريون ٿيون جن ۾ مرحوم گرامي صاحب جن جو هجڻ بهرحال لازمي ۽ ضروري هوندو هو. پاڻ شڪار جا ڏاڍا شوقين هوندا هئا، اسان جي ڳوٺ جي پرپاسي هر سال تترن ۽ پاڙيءَ جي پکين جي شڪار جو تعلق مون سان هوندو هو ساڻن گڏ ڪڏهن ڪڏهن سندن وڏو فرزند ۽ هن وقت گادي نشين مخدوم محمد امين فهيم جن به هوندا هئا. مرحوم طالب المولىٰ جن سان ڪچهريون ۽ رهاڻيون سندن هالا بنگلي تي، راهوند، سندن زمين مارڪ واهه واري اوطاق هيرآباد وارو بنگلو، گاڏي کاتي واري جاءِ، ڪنٽومينٽ وارو بنگلو، بچاءَ بند تي ٻبر جي چانوَ، فتح پور شاخ تي لوڻ جي چانو هيٺ زمين تي پاٿاريون کل پوگ، چرچي جي پر لطف ماحول ۾ ٿينديون هيون.

پر باوجود انهن مصلحتن ۽ تقاضائن جي مرحوم طالب المولىٰ صاحب منهنجي خيريت ۽ حال احوال جي پڇا ڪندا رهندا هئا، ساڻن ملڻ جلڻ جو سلسلو ۽ سماجي طرح شادي غمي ۾ اچڻ وڃڻ جو رستو ختم ٿي چڪو هو، تنهن هوندي به مون کي پاڻ وساريائون ڪونه.

ان ۾ ڪوبه وڏاءُ نه ٿيندو ته قدرت هن ملنگ صفت هستيءَ کي ايڏي سهپ، تحمل ۽ تدبر جي قوت عطا ڪئي هئي، جنهن جو انت ٿي پئجي نه سگهيو. مرحوم مخدوم صاحب جي پنهنجن مريدن، علمي ۽ ادبي دنيا ۾ هڪ وڏي وٿ هئا، سندن شخصيت جي بلندي ۽ احترام ئي ته آهي، جنهن سيني فڪر وارن کي سندن وفات ٿيڻ ڪري لوڏي ڇڏيو آهي!

اها دعوىٰ ڪرڻ ۾ اجا به آئون حق بجانب آهيان ته جيڪي مهلون، گهڙيون ۽ ڪچهريون

مون مخدوم صاحب جن سان گهاريون ۽ ڪيون تن جو ميٺاج ۽ لطف وسارڻ جهڙو نہ آهي ۽ نہ ڪي وسرندو.

ههڙي ڪُلمک مهانديءَ جي مالڪ، اخلاص ۽ محبت جي پتلي، صابر ۽ قانع هستي تي آئون ڇا ڇئي ۽ لکي سگهان ٿو!

"رنديا روڙهيا جن، تن جو صرافن وٽ اڻ توريو ٿي اگهيو."

"عبرت" ٣ فيبروري ١٩٩٣ع

---

* عورت جو ضد خوش اسلوبي ۽ پيار سان ختم ڪرڻ گهرجي.
* غير صوبائي عورت سان شادي ڪرڻ زندگي تائين پڇتائڻ ٿيندو.
* گهٽ ۾ گهٽ پنهنجا وارث پيدا ڪرڻ گهرجن.
* جنسياتي جذبات تي ڪنٽرول نہ ٿيو تہ تباهي.
* عشقبازي ٻي شي ۽ عيشبازي ٻي شي ٿيندي آهي.
* نقصان پرائڻ بعد ٿي نصيحت ڪئي ويندي آهي.
* ارادن جو پتو لفظن مان پوندو آهي.
* ذهني ڪيفيت چهري مان معلوم ٿيندي آهي.
* هر لطف ذهني سڪون ۾ آهي.
* پيڻ وارن سيني شين مان پاڻي بهترين شيءِ آهي.
* سيني ذائقن مان سٺو ذائقو زبان جو آهي.
* مجتهدن ذاڪرن قوم کي رناڙي رناڙي بزدل ڪري ڇڏيو آهي.
* اها دير چڱي، جنهن ۾ خير.

(حضرت مخدوم طالب الموليٰ)



Gul Hayat Institute

عنايت بلوچ

# جوڳي جيڪس ويا جبروت

توڙي جو ٻارنهن مهينا گذري ويا آهن، پر نه دل تسليم ٿي ڪري، نه دماغ قبول ٿو ڪري ته قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پنهنجن هزارن پرستارن جي اکين ۾ لڙڪن جا واهڙ وهائي، لکين دليون مغموم ڪري، اسان کان هميشه واسطي وڇڙي ويو آهي... ها! فقط ظاهري طرح وڇڙي ويو آهي، مگر ذڙڪن کان ڌار نه ٿيو آهي. پرين پاسيرو ضرور ٿي ويو آهي، پر دل جي دائري منجهه موجود ۽ موجزن آهي. اکيون کوليون ٿا ته اوجهل جي ٻوٽجن ٿيون ته سونهن ڀري صورت واري مکڙي تي ساڳي مٺي مرڪ سان ساڳيو ساجن سامهون آهي. نهاري ٿو، مرڪي ٿو ۽ ڳالهائي ٿو، ساڳي ئي پيار ۽ پاٻوهه مان، ساڳي نرم ۽ نفيس لهجي سان ۽ لطيف ۽ نازڪ جذبن سان.

مخدوم طالب المولىٰ جن جهڙي شخصيت ورهين ۾ نه پر شايد صدين ۾ پيدا ٿيندي آهي. اهڙي شخصيت جنهن ۾ دلبري ۽ دلنوازي جون بيشمار خوبيون موجود هجن، اهڙي شخصيت جنهن ۾ انسانيت جو مهراڻ موجزن هجي- ونس خلوص ۽ محبت جا خزانا هوندا هيا، ۽ هي مٺيادار شخص، پيار، محبت ۽ خلوص جي خزاني مان سڄي ڄمار ونڊ ورهائيندو رهيو. ڪڏهن به ٻاڙا ٻول نه ٻوليائين. سندس زبان ۾ الله تعالىٰ ڪي مٺين مٺايون ۽ مصريون ملائي ڇڏيون هيون جو جنهن سان به گفتگو ڪندا هيا ته دل چاهيندي هئي ته ماڪيءَ لار لفظ سندس زبان مان نڪرندا رهن، ڪنن تائين پهچندا رهن ته دل ۽ دماغ ۾ رس ۽ رچاءُ پيدا ٿيندو رهي.

ڪي ماڻهو لاڏاڻو ڪندا آهن ته گهر خالي ٿي ويندو آهي. ڪن جي وڃڻ سان اوڙو پاڙو سڃ ٿي ويندو آهي، پر طالب المولىٰ سائين جي لاڏاڻي سان ڄڻ سڄي سنڌ سنسان ٿي وئي آهي. پاڪستان ۽ هندستان ۾ جتي سندن لکين مريدن ۽ عقيدتمندن ماتم ڪيو آهي، اتي سڄي سنڌ جي ادبي گلشن ۾ ڄڻ خزان ڇانئجي وئي آهي. محفلن جو مور، مشاعرن جو مير، سنگت جو ساٿ ڏٽي سرواڻ، ادب جو روح رواڻ، اسان کان هميشه واسطي جدا ٿي ڏورانهين ڏيهه هليو ويو آهي. اکيون چؤطرف واجهائين ٿيون، ڳولين ٿيون ته سندن ڪو مٽ نه ئي سهي، وصفن ۾ ڪو ويجهڙو ئي هجي ته من ڪجهه مونجهي ۽ موڳي من کي آٿت اچي، اندر جي آنڊ مانڊ من ڪجهه سانتيڪي ٿئي پر.

"سوڍا هجن سؤ، ته به مٽ نه ڀانيا مينڌري"

قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن سان منهنجي نيازمنديءَ جو رشتو اٽڪل ٢٠ سال پراڻو آهي. ايترن سالن ۾ ڪيئي ڀيرا مون کي سندن نجي ۽ ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ جي سعادت ملي ۽ هر دفعي وري ملڻ جي آس رهي ته سائين جن جي صحبت ۾ ويهي ڪي گهڙيون گهارجن، ڪجهه پرائجي، ڪجهه حاصل ڪجي، ۽ سندن قربائتن قولن ۽ محبت ڀريل ٻولن مان ڪجهه ونڊ وٺي اچجي.

١٩٦٣ يا ١٩٦٥ع جو سال آهي، جڏهن جيڪب آباد جو مشهور ميلو 'هارس اينڊ ڪيٽل شو' منعقد



Gul Hayat Institute

ٿيو. سائين قبلہ طالب المولیٰ صاحب جن کي مشاعري جي محفل جي صدارت لاءِ گذارش ڪيل هئي، ميلي ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ جيڪب آباد جي مشهور شخصيت ۽ هڪ درويش صفت انسان قبلہ مير سڪندر خان کوسي جي بنگلي "قصره سڪندر" ۾ قيام ڪيائون، جتي مان اڳ ئي ترسيل هوس. جيڪي ماڻهو مير سڪندر خان کوسي کي ڄاڻندا هوندا تہ کين خبر هوندي تہ مير صاحب جن هڪ فقير تن، زنده دل، درويش ۽ هڪ بلند پايي جا شاعر هئا. (سندن شعري مجموعو جو ڪتاب "سڀ ۾ پنهون پاڻ" شايع ٿي چڪو آهي) مير صاحب جن مون تي بيحد مهربان هوندا هيا، سندن قربن جا قصا، خلوص ۽ محبت جي محفلن جا ڪيترائي عڪس چٽيءَ طرح سيني ۾ سانديل آهن، ڪنهن مناسب موقعي تي انهن عڪسن کي مهربان پڙهندڙن آڏو ضرور آڻبو.

هڪ ٻہ راتيون محفل جو عجيب رنگ هو، ڪڏهن کل خوشي تہ ڪڏهن سوزو گداز، ڪڏهن مُنهن تي مرڪ تہ ڪڏهن ڳلن تي ڳوڙها. هيڏانهن قبلہ مخدوم طالب المولیٰ جن جي مِٺي، محبت واري اديبانہ ۽ شاعرانہ گفتگو، هوڏانهن قبلہ مير سڪندر خان جن جي زنده دلي ۽ گريہ زاري. مون کي وري ننڍپڻ کان وٺي لاڪيٽي لطيف سان عشق، سو رکي رکي موقعي ۽ موضوع جي لحاظ کان ڪو پٽ ڌڻيءَ جو بيت پڙهان ۽ مخدوم صاحب ۽ مير صاحب جن کان آهون ۽ دانهون نڪري ٿي وڃن ۽ ٽمر ٽمر نيڻ ٽمن، واري ڪيفيت هئي.

ڀيئي وينا رون ڏکي ڏونگر پاڻ ۾
ڪنهن کي ڪين چون منجهن جو پريتڙو.

ٻہ راتيون اهي روح پرور ڪچهريون جاري رهيون. ٻي رات جڏهن روح رهاڻ اوج تي هئي تہ قبلہ مخدوم صاحب جن هيٺيان لفظ چيا جيڪي اڄاتائين منهنجي دل تي اڪريل آهن.

"هي ٻہ راتيون گڏجي پاڻ ۾ جيڪي روح رهاڻيون ڪيون اٿئون، اهي راتيون اسان کي مليل زندگيءَ جو حصو نہ آهي، پر انهن کان واڌاريون آهن." محفل ۾ ويٺل هڪ دوست وضاحت چاهي تہ "قبلہ سائين، اهي راتيون واڌاريون ڪيئن آهن؟" تہ پاڻ فرمايائون، "بابا زندگي معنيٰ تہ پٽ کوهہ، ڏچا، ذهني کوفتِ ۽ آزار ۽ هي ٻہ راتيون جيڪا روح کي راحت، سرير کي سرور ۽ قلبي قرار مليو آهي، اهو اسان جي روزمره زندگيءَ ۾ اڻ لڀ آهي، ان ڪري هي ٻہ راتيون جڻ اسان کي واڌاريون مليون آهن."

نومبر ١٩٦٧ع ۾ مان Sea Customs ۾ اگزيمننگ آفيسر مقرر ٿيس ۽ ڪراچيءَ ۾ پوسٽنگ ٿي. ڪراچيءَ ۾ رهائش دوران مهيني ۾ هڪ ٻہ دفعا قبلہ مخدوم صاحب جن جي بنگلي تي وڃڻ ٿيو ٿيندو هو. ڪڏهن ادبي ڪچهري نصيب ٿي ويندي هئي تہ ڪڏهن ڪم ڪار سانگي ماڻهن جي پيهہ لڳي ويندي هئي تہ ڪچهري بي مزي ٿي ويندي هئي. هڪ دفعي مون کي فرمايائون "عنايت صاحب مون کي سنو نہ ٿو لڳي تہ اوهان اچو ۽ ڪا ادبي روح رهاڻ نہ ٿئي، تنهنڪري اڳتي واسطي جيڪڏهن اوهان اڳواٽ ٽيليفون تي ڏينهن مقرر ڪري اچو تہ هڪ ٻہ دوست ٻيا بہ گهرائي وٺجن تہ ادبي روح رهاڻ بہ ٿئي ۽ ان ڏينهن تي ڪم ڪار لاءِ ايندڙ ويندڙ ماڻهن کان بہ ڪٽي معافي وٺجي." سائين طرفان اهڙي عنايت ڪرڻ تي بيحد خوش ٿيس، پر دل ئي دل ۾ سوچيم تہ نہ ماڻهن جي اچ وڃ ختم ٿيندي ۽ نہ ڪا قربن ڀري ڪچهري قائم ٿي سگهندي. بهرحال مون هفتي گذرڻ بعد فون ڪيو، سائين موجود هيا، ڏينهن ۽ وقت مقرر ٿيو ۽ مان عين ان ڏينهن ئي وقت تي حاضر ٿيس تہ وڃڻ شرط بنگلي جي خدمتگار ٻڌايو تہ سائين طالب المولیٰ صاحب جن منهنجو انتظار پئي ڪيو ۽ ڪين (خدمتگارن ۽ خادمن

مَنايان مٿو گهٽو، ڪرڻو ناهي ڪلام،
سُڪوت ٿي سلام، پريان سندي پار جو.

۱۹۸۸ کان وٺي ۱۹۹۰ع جي عرصي دوران شهرن ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا ڪنهن کان ٻ ڳجها نه آهن، خاص طرح حيدرآباد شهر جي حوالي سان، اهي ڏڪائيندڙ ڏينهن هاڻي ٻ تصور ۾ ايندا آهن ته خوف، هراس ۽ نحوست سڄي وجود کي وڪوڙي ويندي آهي. انهن ئي ڏينهن ۾ مون فيصلو ڪيو ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان هڪ وڏي پيماني تي مشاعرو ڪجي جنهن ۾ اردو ۽ سنڌي جا ناميارا شاعر شرڪت ڪن. مقصد اهو هو ته ٻنهي ڌرين جي اوچي ذهنن (Intelectuals) جي اديبن ۽ شاعرن کي براڊ ڪاسٽنگ هائوس ۾ ڪٺو ڪري، نشرياتي لهرن ذريعي ذهني هم آهنگي ۽ ڀائيچاري جو مظاهرو ۽ پرچار ڪجي ته من نفرتن جي وڳوڙيندڙ راڪاس کي ڌرتيءَ تان تڙي ڪڍڻ ۾ ڪاميابي ٿئي ۽ امن ۽ سلامتيءَ جي سنڌ امن، چين، سک ۽ آرام جو ساهه کڻي سگهي. ايڏي وڏي مشاعري جي صدارت لاءِ ڪراچيءَ سميت سڄي سنڌ مان جيڪڏهن ڪو نالو ذهن تي ايو ته بس قبله مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جو ئي هيو. ساڳي وقت اها سڌ هئي ته سائين جي طبيعت ناساز آهي، خبر ناهي مشاعري جي صدارت لاءِ راضي ٿيندا ٻ يا نه. ٽيليفون ڪري ملاقات جو وقت ورتم ته جيئن خدمت ۾ روبرو وڃي عرض ڪريان ۽ سڄي حقيقت سربستي وڃي سمجهايان. وقت ۽ ڏينهن طئي ڪري جڏهن پوري وقت تي حويليءَ ۾ سندن خدمت ۾ پنهنجي آمد جو اطلاع موڪليم ته فوراً بنا دير جي گهرايائون. مخدوم زاده جميل الزمان صاحب جن ٻ موجود هيا. ملڻ شرط جيڪو پهريون جملو فرمايائون سو هي هو "عنايت صاحب مان ڪيتري عرصي کان اهو محسوس ڪري خوش ٿيندو آهيان ته اوهان وقت جا ڏاڍا پابند آهيو. اها اهڙي خوبي آهي، جيڪا اڄڪلهه ناياب ٿيندي پئي وڃي." مون سندن نفيس جذبن ۽ وقت جي احساس ڪرڻ لاءِ سندن ٿورا مڃيا ۽ موٽ ۾ فقط ايترو عرض ڪيم ته "قبله سائين وقت جي پابنديءَ جي احساس جو جذبو جنهن جو هينئر هينئر سائين ذڪر ڪيو آهي، اهو خود ڪيترو نه اٿلي ٿي ويو آهي. سائين جن جي اها عظمت آهي جو وقت جي پابنديءَ جو احساس ايڏي شدت سان رکن ٿا." پوءِ مقصد جي ڳالهه تي آيس. شروع ۾ ته طبيعت جي ناسازي ۽ صحت جي ڪيفيت ڪڏهن تولو ته ڪڏهن ماسو هئڻ سبب ڪين هائو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳو، وري اهو سوچي ته مشاعري جي محفل ۾ گهٽ ۳_ ۴ ڪلاڪ ويهڻو پوندو ته هيڪاري معاملو ڏکيو ٿي نظر آيو، پر پوءِ وڏا وڙ ڪندي مخدوم جميل الزمان صاحب ٻ سائين کي عرض ڪيو ته پاڻ مشاعري ۾ شرڪت ڪرڻ قبول فرمائين. نيٺ پنهنجي مٺڙي زبان مان مٺڙا، نرم ۽ نفيس لفظ هن طرح فرمايائون.

"صحت ٺيڪ نه هئڻ جي باوجود ٻ اوهان کان ڪنڌ نٿو ڪيرائي سگهان." منهن تي مرڪ آڻيندي ۽ ڪجهه خوش طبعي واري موڊ ۾ وڌيڪ فرمايائون "هاڻي اها ذميواري جميل سائينءَ جي هوندي ته منهنجي صحت کي ٺيڪ رکڻ ۾ منهنجي مدد ڪندا رهن ته جيئن مشاعري تائين ته ٺيڪ رهجي." مون ۽ جميل سائين هڪ ئي آواز ٿي قبله سائين جي صحت جي باري ۾ دعا ڪئي، مان ايترو ته خوش ٿيس جنهن جو بيان ڪري نٿو سگهان. خوشيءَ ۽ سرهائيءَ ۾ حيدرآباد موٽيس.

۹_ مارچ ۱۹۸۹ع جي رات هئي، معتدل ۽ خوبصورت موسم، هلڪڙي هلڪڙي هٻڪاريندڙ هوا رات کي وڌيڪ مڌم ۽ معطر ڪري ڇڏيو هو. براڊ ڪاسٽنگ هائوس جي ڪليل ميدان ۾ شامينن ۽ رنگ برنگي روشنين جي زيبائش هيٺ مشاعري جي محفل جو اهتمام ٿيل هو. قبله مخدوم طالب الموليٰ



Gul Hayat Institute

ٻني ڏينهن تي سنڌي توڙي اردو اخبارن ۾ "ڪل سنڌ، سنڌي، اردو مشاعري" تي واهه واهه جون واڌايون شهه سرخين ۾ ڇپجي ويون. مشاعري جي تعريف ۾ ايڏي وڏي پيماني تي ان کي منعقد ڪرڻ لاءِ منهنجي ڪوشش کي پڻ ساراهيو ويو ۽ دوستن بعد ۾ ٻڌايو ته گڏيل مشاعري نشر ڪرڻ جي باعث شهر جي ماحول تي خوشگوار اثر پيو هو ۽ ماڻهن ان جذبي کي ڪافي ساراهيو.

ان کان پوءِ به ڪيئي ڀيرا مون کي قبلہ سائين جن جي صحبت ۾ ويهڻ جي سعادت ملي. منهنجي خوشنصيبي هڪ اها به آهي ته مون کي قبلہ سائين جي جنم مبارڪ جي تاريخ درست ڪرڻ جو به اعزاز حاصل آهي، جنهن تي بجا طور تي فخر اٿم. هڪ دفعي پاڻ فرمايائون ته "منهنجي جنم جي تاريخ متعلق عيسوي ۽ هجري سن جي ڀيٽا ۾ ڪجهه مغالطو آهي، جيڪو ٺيڪ ٿي وڃي ته بهتر ٿيندو."

اتفاق سان مون کي هڪ اهڙو نسخو هٿ لڳي ويو هو، جنهن جي ذريعي جيڪڏهن عيسوي سن جي تاريخ ۽ سن هٿ اچي وڃي ته هجري سن جي تاريخ آسانيءَ سان ملي سگهي ٿي. جڏهن مون قبلہ سائين جن کي سندن جنم جي باسعادت تاريخ بابت هجري سن ۽ تاريخ ٻڌائي ته ڏاڍو خوش ٿيندي زوردار نموني ۾ فرمايائون "اها ٿي تاريخ ۽ سن مون کي گهڻو اڳ ۾ ڪنهن دوست ڪڍي ڏنو هو، پر پنو ڪٿي وڃائجي ويو هو، پر ذهن ۾ ڪجهه يادگيريءَ جا ڏندلا پاڇولا محفوظ هيا، جن کي اوهان ڇنڊ ڪري ڇڏيو ۽ مغالطو دور ٿي ويو. بس هاڻي جيڪا تاريخ اوهان ٻڌائي آهي، ان کي مستند سمجهو ۽ ڪتابن ۾ به آئنده لاءِ اهائي هجري تاريخ ۽ سن لکبا". ان سڄي قصي جي مخدوم جميل الزمان صاحب جن کي خبر آهي جن سان قبلہ مخدوم طالب المولیٰ سائين جو بيحد پيار هو ۽ ڪين تمام گهڻو پائيندا هئا.

ان کان پوءِ قبلہ مخدوم صاحب جن پنهنجن ڪيترن ئي بزرگن جي تاريخن ڪڍڻ لاءِ هڪ طويل فهرست مون ڏي جميل سائين جن هٿان ڏياري موڪلي ۽ مون کي خوشي آهي ته تقريباً سڀ هجري تاريخون مون ڪڍي موڪلي ڏنيون، جن تي قبلہ سائين ڏاڍا خوش ٿيا.

آخري ڏينهن ۾ گهڻو وقت اڳ جو سندن ئي ترتيب ڏنل ڪتاب "ياد رفتگان" جي نئين ايڊيشن ڪڍڻ ۾ مصروف هئا ۽ جميل سائين جن به ان سلسلي ۾ ڪافي سرگرم هئا. مون کي به هن سلسلي ۾ ڪجهه حڪمن ملڻ جو انتظار هو پر عالم، بالا ۾ وري شايد قبلہ طالب المولیٰ جن جو محبوب سان وصال ڪرڻ جو شدت سان انتظار هو.

آ ديسي آ ديس، هتان ڪري هليا،
ڪا پڙين قلب ۾ ڪيو ڏورانهون ڏيس،
ويراڳي نئون ويس، رانول ڏکي رمئا.

قبلہ طالب المولیٰ سائين جن جون ايتريون ته ڳالهيون اندر ۾ سانڍيل آهن، سندن بيشمار وصفن، قربن ۽ گڻن جا ايترا ته داستان سيني ۾ محفوظ آهن جو انهن تي لکبو ته هڪ چڱو خاصو ڪتاب تيار ٿي ويندو. دعا اٿم ته قبلہ مخدوم طالب المولیٰ جن جو اولاد جيڪي خود به نہ رڳو نيڪنامين جي بلندين تائين پهتل آهي ۽ پاڻ به وڏا اديب ۽ شاعر آهن، سائين جي ورثي کي زنده رکيون ايندا ته جيئن لاٽ مان لاٽ ٻرندي رهي، روشني مدم نہ ٿي ۽ اها روشني، باقي بچيل تاريڪين کي به هميشه واسطي منور ڪري ڇڏي. آمين.

"خدا رحمت ڪن اين عاشقان، پاڪ طينت را"

## ۱۹ صدي جو عظيم انسان

# محترم قبلہ سائين مخدوم طالب المولىٰ

ڪتابن جا پنا اٿلائيندي ڪنهن انگريز شاعر جون هي سٽون پڙهيون هيم

Lives of great men all remind as
We can make our lives sub lime
And departing leave behind us
Foot prints on the sands of time.

يعني ”عظيم انسانن جا جيون اسان کي يادگيري ڏيارين ٿا تہ اسان پنهنجون زندگيون شاندار بڻايون ۽ جڏهن هن دنيا مان لڏي وڃون. تڏهن وقت جي واريءَ تي پنهنجا نشان ڇڏي وڃون.“ شعر مطابق تہ:

جي پنهنجو نور نچوئي ويا
۽ ڇا، ڇا موتي پوئي ويا
پر تنهنجي منهنجي ڏيئي ۾
هوءَ پنهنجي جوت جلائي ويا.

سنڌ جي هن عظيم ڌرتيءَ تي هزارين انسان آيا ۽ پنهنجو نورنچوئي ويا ۽ هن ڌرتيءَ کي سونهن ۽ سندرتا بخشي. جڳ ۾ نانءُ ڏنو، لوڪ آڏو پنهنجو نانءَ وٺڻ جي قوت ڏني. اهڙن ئي هيرن منجهان محترم سائين قبلہ طالب المولىٰ جو نالو ڪنهن کان وسرڻ جوڳو ناهي.

موت جنهن زندگين کي شڪست ڏني، انهيءَ موت کي بہ قبلہ سائين طالب المولي شڪست ڏني ۽ امر بڻجي ويا. امرتا ڪنهن ڪنهن کي ملندي آهي ۽ اها امرتا خود محترم قبلہ سائين ڏانهن آئي آهي.

اڄوڪو هي ميڙ محترم قبلہ سائين جي ياد جو ڏينهن آهي. ڪنهن چيو آهي تہ:

ياد پرين اڄ آيا آهن
اکڙين مينهن وسايا آهن
ياد ڪري اڄ تن جون ڳالهيون
نيڻن نير وهايا آهن.“

محترم قبلہ سائين جي ياد، هڪ دور جي ياد آهي. تاريخ ورائي ڏسو، حضرت آدم عليه السلام کان وٺي حضرت محمد مصطفيٰ صلعم تائين سوا لک نبي آيا. جن انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهتر سيرت جو درس ڏنو. ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين جا ڏک دُور ڪرڻ جو پيغام ڏنو. سک سلامتي جو اعلان ڪيو ۽ اسلام جي روپ ۾ ۽ قرآن مجيد جي موجودگي ۾ هڪ روشن راهه ڏني ۽ منزل جو ڏس ڏنو.

نبي آخرالزمان حضرت محمّد مصطفيٰ صلعم فرمايو ته: منهنجي امتن مان ڪي اهڙا به هوندا جيڪي بني اسرائيل جي رسولن جي مٽ هوندا.

يعني گل جي خوشبوءِ ڏيڻ لاءِ عطر ۽ عرق موجود هوندو، دنيا کي خوشبو ملندي رهندي ۽ دنيا کي بدبوءِ دار ٿيڻ نه ڏيو..... وقت جو ڦيٿو ڦرندو رهيو، انسان ذات جي ڀلائي لاءِ خدا جا نيڪ بنده ايندا رهيا ۽ پنهنجي ايمان جي جوت جلائيندا رهيا. اهڙن لکن هيرن منجهان محترم قبلہ سائين طالب المولىٰ به پنهنجو وارو وڄايو سندس ذات انسانيت لاءِ وقف هئي.

انسان جو درد سندس درد هيو. دوستن تي مهربان ۽ شفيق هيو ۽ وري دشمن تي نوازشَ قبلہ سائين ۾ سچائي به هئي ته وفاداري به، نهٺائي به هئي ته نماڻائي به. سندس نظر ۾ اميري ۽ غريبي ۾ ڪو فرق ڪونه هيو. سندس در تان هر ڪنهن کي انصاف پلئه پيو.

محترم قبلہ سائين جو هڪ طرف نه وسرندڙ ڪردار هيو ته ٻي طرف لازوال روپ هو. علم و ادب جو رهاڻيون هجن.

ثقافتي ۽ سماجي ميڙ هجن. هر طرف قبلہ سائين جي آواز جو پڙاڏو هوندو هو.

آهي تنهنجو قسم تنهنجو آهيان صنم
مان، تو لئه ورتو يار جنم
(طالب المولىٰ)

واقعي هو اسان جو هو ۽ اسان جي لئه هن عظيم شخصيت جنم ورتو هو، محترم قبلہ سائين ادب جي جنهن ريت خدمت ڪئي آهي، سا صدين تائين وسارڻ جوڳي ناهي. سندس سوچن ۽ خيالن جي ڇا ڳالهه ڪجي؟ سندس شاعريءَ نواڻ ڏني، نيون تشبيهون ڏنيون، نيون معنائون مليون ۽ نوان خيال مليا. سچ ته سنڌي زبان کي جلا بخشيندڙ هو ۽ نظم ۽ ڪافي کي هڪ نئين سگهه بخشي هئائين.

سندس ڪلام ۾ ظاهري خوبيون به آهن ته معنوي وصفون به آهن سنڌي زبان جون ترڪيبون، جملا، پهاڪا، محاورا اهڙي ريت پنهنجي ڪلام ۾ سنواري ڪم آنديون اٿس جو هڪ پڙهندڙ جي دل ۾ گهر ڪيو وڃن، هڪ شعر جي خوبي هن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي جو ٻڌندڙ يا پڙهندڙ تي ان جو پورو، پورو اثر پئجي نه سگهي پاڻ فرمايو اٿن ته:

محب آهي منهنجو ماڪيءَ کان به مٺو
اينهين ڪنهن نه ڏٺو
جيئن مون ڏٺو محبوب کي.

**پروفيسر سيد ميرعلي شاه**
مسلم ڪاليج- حيدرآباد

# پورو پير

مان وارا سائين:

هن علمي ادبي گلدستي ۾ ڪجھ اهڙا گل به شامل آهن جن جي سُرهاڻ لامحدود ۽ گنڀير آهي هن سُرهي سَٽَ ۾ مون جهڙي ادنيٰ ۽ احقر ماڻهوءَ کي پنهنجي خيال جي اظهار جو موقعو ملڻ هڪ اعليٰ اعزاز ۽ وڏي سعادت آهي. سمجھ ۾ نٿو اچيم ته هن افضل ۽ اعليٰ مجلس ۾ ڪهڙا لفظ ۽ ڪهڙي لغت استعمال ڪريان جيڪا هن ڪامل سَٽَ جي شايانِ شان هجي.

مهراڻ جي مالا ۾ نگاه وجهبي ته انيڪ ۽ انمول موتي پُوتل ڏسبا. وادي مهراڻ جي سرزمين شاداب ڌرتي سنڌ وقت بوقت اهڙين بزرگ هستين کي جنم ڏنو آهي. جن پنهنجي مذهب، ملت ۽ پنهنجي ڌرتي تي رهندڙ انسانن لاءِ وڏيون خدمتون انجام ڏنيون آهن تاريخ جي ورقن مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ سونهاريءَ اهڙن ڪامل وَلين، ڪُتبن، قلندرن، غوثن، صوفين، صالحن، سيدن، اصحابن، مخدومن، محدثن، پير ۽ فقير، درويش ۽ دردمند، اهلِ عالم، اهلِ فڪر، اهلِ قلم، فڪر، فاضلن، فياضن، مهمان نواز ۽ محبت ڪندڙ سُگهڙ، سمجهدار، قرباني ڏيندڙ، ليڊر ۽ مذهبي ۽ روحاني پيشوا پيدا ڪندي پئي رهي آهي ۽ هميشه ڪندي رهندي.

اهڙي بزرگ هستين مان سروري خاندان به هڪ برگزيده خاندان آهي. هن خاندان جي بزرگ هستين هڪ طرف سنڌ ۾ علم ۽ عرفان جي فيض جا سرچشمه جاري ڪيا ته ٻئي طرف سنڌي زبان ۽ سنڌي علم و ادب، مذهبي، سماجي، مِلي ترقيءَ ۾ نمايان حصو ورتو. جنهن مان حضرت محسن سنڌ عالي مترتبت اعليٰ مقام الحاج مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ قريشي صديقي رحمه الله، جنهن جا وڏا عربستان مان هجرت ڪري سنڌ ۾ اچي رهائش پذير ٿيا.

مخدوم قبله سائينءَ جن جي نسبت جو سلسلو ٤٩ هين پيڙهيءَ ۾ حُضور مقبول آنحضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي وڏي خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جن سان ملي ٿو. سروري خاندان سهروردي طريقي جي مکيه شاخ خلافت نوحاني سان تعلق رکي ٿو. جنهن کي خلافت سروري به چئجي ٿو.

مخدوم سائينءَ جن جي پيدائش ٢٦ سيپٽمبر ١٩١٩ع تي هالا نوان ۾ ٿي. پاڻ سروري درگاهه جا ١٧ نمبر ڳديدار سجاده نشين ٿي گذريا. سندن ٻيو نالو محمدعلي، ڪوڏاڻي جو نالو

Gul Hayat Institute

پيرل سائين، مريد ۽ عقيدت مند مخدوم صاحب جن کي "پورو سائين/ پير" چوندا هئا.

مخدوم سائين جن ننڍي هوندي کان ئي طبع سليم، ڪم گو، وڏن جو ادب ڪرڻ، ماڻهن سان مروت سان پيش اچڻ، بزرگن جي صُحبت ۽ مطالعي سندن فڪر ۽ فهم ۾ نور ۽ شعور پيدا ڪري ڇڏيو هو. ٥ سالن جي عمر کان پنهنجي بزرگ چاچي حضرت الحاج مخدوم غلام حيدر قريشي صديقي جن جي تربيت هيٺ رهيا. سروري خاندان جي روايتن موجب سندن تعليم خانگي طور تي ٿي. سنڌي، اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي جي تعليم ورتائون.

سنڌي ۽ اردوءَ ۾ سندن استاد آخوند حاجي عبدالرحمان انجم. قرآن شريف عربي ۽ فارسيءَ ۾ سندن استاد حافظ رب ڏنو ۽ انگريزيءَ ۾ جناب رضا محمد پُنّي کان حاصل ڪيائون. ننڍي عمر ۾ ئي قرآن مجيد، ديوانِ حافظ، گلستان، تحفت الڪرام پڙهي حفظ ڪيائون. ان کان سواءِ اسلامي تصوف جا ڪتاب سندن مطالعي هيٺ رهيا. سندن خط لکڻ جو انداز فارسي نموني جو هو. سندن اکر صاف ۽ دلڪش، تحرير سانڍڻ جهڙي آهي.

مخدوم قبله سائين جن ١٨- سالن جي عمر ۾ اُچ شريف جي عزيزن مان شادي ڪئي. سندن پهرين رفيق حيات جي لاڏاڻي بعد ١٩٤٢ع ۾ مولانا فضل احمد غزنوي جن وٽان ٻي شادي ڪيائون. ٢٥ سالن جي عمر ۾ حضرت مخدوم غوث الحق نوح سرور جن جي گاديءَ جا سجاده نشين ٿي، پيري، فقيري ۽ اميري ٽنهي نعمتن مان سرفراز ٿيا.

مخدوم صاحب جن جي شخصيت کي هيٺين خدمتن جي ڪري هميشه ياد رکيو ويندو سندن سماجي خدمتن جو مختصر جائزو هن ريت آهي:

١- تعليمي ادارا قائم ڪرڻ.

٢- ادبي ادارن جي سرپرستي ڪرڻ.

٣- مختلف موضوعن تي سندن يادگار تصنيفات.

٤- صحافت جي بي باڪ سرپرستي.

٥- لوڪ ادب ۽ سنگيت جي سرپرستي.

٦- شعر و شاعريءَ ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

٧- روحاني فيض عام ڪرڻ.

٨- مذهبي خدمتون.

٩- ملي اتحاد ۽ بين الاقوامي ادبي ۽ سماجي خدمتون.

١٠- صوفيانه تصوف جي خدمت.

هڪ يوناني دانشور جو چوڻ آهي ته "سمنڊ ڌرتيءَ جا زخم ڌوئيندو آهي پر پاڻ اندر ۾ پيو لڇندو ۽ ڦٿڪندو آهي." مون هميشه قبله سائينءَ جن کي پنهنجي ديس جي ماڻهن جا زخم ڀرڻ لاءِ ڪوشش ڪندي ڏٺو.

سنڌ جي سانورن، سهڻن، سهاجهڙن، مارُوئڙن ماڻهن ۽ جيجل ماءُ جي ٽَج جهڙي مٺڙي ٻولي

جي خدمت ڪندي تمام گهڻو سرگرم ڏٺو.

سندن هن شعر ۾ مخدوم سائين جي مزاج جو روح ۽ عرق سمايل آهي:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب الموليٰ،
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

سنڌ جي پاڪيزه سرزمين هميشہ پاڪيزه هستيون پيدا ڪيون آهن جن سونهن، سچ، پيار ۽ پريت، حق ۽ انصاف ۽ اصول جو هميشہ ساٿ ڏنو آهي ۽ سجاڳ قومون پنهنجي اهڙن رهبرن ۽ محسنن کي هميشہ ياد رکنديون آهن. مخدوم صاحب انسان دوست، پاڪ طبيعت، نفيس، سنجيده، بُردبار، حليم، شفيق، ملنسار، همدرد، بي لوث روادار، ايثار، وسيع نظر، وسيع خيال ۽ رحمدل انسان هئا. پاڻ هڪ گلستان وانگر هئا ۽ پنهنجي شخصيت ۾ مڪمل انجمن مثل هئا. جنهن جو واضح ثبوت سندن محفل ۾، مريدن ۽ عقيدت مندن ۾ هر مذهب ۽ هر نسل جو ماڻهو شامل هو.

سنڌ ڌرتيءَ تي شاهہ لطيف، سچل سائين، سامي ۽ طالب الموليٰ جهڙيون عظيم ۽ برگزيده شخصيتون پيدا ٿيون جن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي ۽ انهن هستين جي ڪري ئي سنڌ جي سڃاڻپ سڄي دنيا ۾ روشناس ٿي، ۽ سندن سيرت، شاعري ۽ دانشوريءَ متعلق ڏيهي ۽ پرڏيهي اهلِ قلم هڪ ئي راءِ رکن ٿا.

مخدوم صاحب جن جو شعر و شاعريءَ ۾ ادب برائي زندگيءَ جو تاثر تمام گهڻو ملي ٿو. سندن خيالات جو مرڪز شيشي جا محل نہ پر عوام جون جهوپڙيون ۽ غريبن جون دليون آهن. پاڻ سڀاجهن سنگهارن کي سکيو ستابو، آسودو ۽ خوشحال ڏسڻ جا آرزومند هئا ۽ پنهنجي ڪلام ۾ عشق جي ان حد تائين پهتل هئا جتي محبوب جو هر ستم ڪين لطف بخشي ٿو ۽ پاڻ هردم محبوب کي دعائون ڪن ٿا.

منهنجو تہ وار وار ٿو هر هر دعا ڪري،
ڪوسو لڳي نہ واءُ سڄڻ کي خدا ڪري.

هڪ سرُ هو سو تہ يار جي قدمن ۾ مون رکيو،
هن کان وڌيڪ بندهِ ناچيز ڇا ڪري.

مخدوم صاحب جن جي فن ۽ فڪر تي ايترو ئي تبصرو ڪافي آهي تہ پاڻ حسن ۽ عشق، جديد ادب ۽ ترقي پسند سوچ ۽ لوچ جا ترجمان هئا.

حُسن جو ناز ۽ انداز، عشق جي آهَ ۽ دانهن، حسن جو جوڀن ۽ جلوو، بي پرواهي ۽ بي نيازي، عشق جو ناز ۽ انداز، نياز ۽ نوڙتِ، حسن جو ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ، عشق جي آزي ۽ نيازي، لئون لڳائڻ جا لوازمات، ڪڏهن قرب جون ڪچهريون، ڪڏهن وڇوڙي جون وايون، ڪڏهن دلبر جي دل نوازين جا داستان، ڪڏهن سندن بي رُخي ۽ بي وفائيءَ جا بيان ۽ ڪڏهن عشق جي خودداري، ڪڏهن حُسن جي شڪست، جهڙيءَ طرح مخدوم صاحب جن صاف ۽ سليس ٻولي

Gul Hayat Institute

قدرت ۽ قوت سان بيان ڪيا آهن جديد دور جي گهڻ شاعرن ۾ اهو انداز ملندو.

مخدوم سائينءَ جو ڪلام روحانيت، تصوف، فلسفي، اخلاق، حسن ۽ فطرت جو بي بها خزانو آهي.

سندن سارو ڪلام رَسَ ڀريو، سوز وارو، پختو ۽ پُر اثر آهي. سندن غزل پختا ۽ معياري جن ۾ قديم ۽ جديد تغزل جو رنگ نمايان آهي. سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ فارسي ۾ سندن غزل نهايت عمدو ۽ دل نشين آهي. سندن ڪلام مقبول، شاعرانہ مستقبل نهايت روشن ۽ خوش آمد، سلاست، جاذبيت، رنگيني ۽ شائستہ زبان استعمال ٿيل آهي.

مخدوم صاحب جن کي سندن ادبي ۽ سماجي خدمتن جي عيوض "تمغہِ پاڪستان" ١٩٦٥ع ۾ عطا ڪيو ويو ۽ ١٩٩٢ع ۾ ادب جو وڏو اعزاز "هلالِ امتياز" عطا ڪيو ويو.

مخدوم سائين جن جون قابلِ ذڪر علمي ۽ ادبي تصنيفات لکيل آهن جن جو تفصيل هن ريت آهي:

**(الف) نثر:**

١ـ اسلامي تصوف ١٩٥١ع
٢ـ شيطان ١٩٥١ع
٣ـ خود شناسي ١٩٥٢ع
٤ـ امام غزاليءَ جا خط ١٩٥٣ع
٥ـ ڪافي ١٩٥٨ع
٦ـ مصريءَ جون ترُون ١٩٩٢ع

**(ب) نظم:**

١ـ بهارِ طالب ١٩٤٦ع
٢ـ رُباعيات طالب ١٩٤٩ع
٣ـ مثنوي عقل و عشق ١٩٥٥ع
٤ـ ڪچڪولِ طالب ١٩٥٥ع
٥ـ يادِ رفتگان ١٩٥٣ع
٦ـ شانِ سروري ١٩٦٢ع
٧ـ ڇپَرَ ۾ ڇڙيون ١٩٧١ع
٨ـ ديوان طالب المولىٰ ١٩٨٧ع

**اڻ ڇپيل تصنيفات**

١ـ سنڌ جو شڪار

Gul Hayat Institute

غلام حيدر چنا

# لَڏي ويا، اَڏي ويا سخن جي عمارت

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، مخدوم نوح رحہ جي پندرھين سجاده نشين، مخدوم ميان غلام محمد قريشيءَ جي گهر ۾ سورهين سجاده نشين جي حيثيت سان تاريخ ۹ محرم ۱۳۳۸ﮬ مطابق ۱۶ سيپٽمبر ۱۹۱۹ع جي هالا ۾ ڄاوا. سندن جنم اهڙي گهر ۾ ٿيو، جيڪو هر طرح سان شاعري، موسيقي، بزرگي، دولت ۾ مالا مال هو. سندن زندگي ايڏي ته قدوقامت ۽ گهڻ پاسائي هئي جنهن تي لکڻ لاءِ ايڏي وڏي مرتبي جي گهرج آهي. مٿن حياتي توڙي مماتيءَ تي گهڻو ڪجھ لکيو ويو آهي، سندن اهڙو ڪوبہ ڳجهو يا ظاهر پهلو رهيل نہ آهي، جنهن تي قلم جي قدرت رکندڙن نہ لکيو هجي، اخبارن تہ واقعي پنهنجو فرض ۽ حق مڪمل طرح نڀايو آهي. ٽي وي وارن ڪي پڻ ڏٽي چڱا اجورا ڏيندو جن ڏاڍن ڏيرن جي هوندي بہ مٿن بهترين پاڻ موڪايو. قوي اميد آهي تہ سنڌ جا رسالا پڻ سندن شان ۾ گهڻو ڪجھ لکندا، خاص طور تماهي مهراڻ پنهنجي محسن لاءِ خاص نمبر شايع ڪندو. اسين بہ يوسف جي خريدارن ۾ نالو ڳڻائڻ واسطي سُٽ جو نِنڍڙو ڦورو ڪٽي پيش ٿيا آهيون. شال قبول پوي.

مخدوم نوح جي گادي سنڌ جي مکيہ گادين مان هڪ آهي، سندن پيري مريديءَ جو سلسلو سواءِ سرحد صوبي جي باقي تمام صوبن ۾ آهي، ايستائين جو هندستان جي ڪيترن پرڳڻن ۾ سندن مريد رهن ٿا. مريدن جي ايتري تہ گهڻائي آهي، جو جيڪر سڄو سال مريدن جي شفقت لاءِ وڃن تہ مريد نہ کٽن. ڊاڪٽر اسدالله شاه حسيني لکن ٿا تہ: ”هڪ تہ مريدي جو ڳاٽاٽو تمام گهڻو هو، ان کان سواءِ شروع کان ئي کين مسافري تي نڪرڻ پسند نہ هوندو هو، تنهن ڪري مريد جي ميڙ منٿ جي باوجود پاڻ اتي وڃي نہ سگهندا هئا ۽ مريد خود درگاه تي حاضري ڀريندا هئا.“ سنڌ اندر پيري مريدي ۽ گادين جي پڻ ڊگهي تاريخ آهي. سنڌ جو ڪوبہ اهڙو ٽڪرو ڪونهي جتي ڪنهن پير فقير جي گادي يا مزارَ نہ هجي ۽ سنڌ جي هر گادي ڪنهن نہ ڪنهن فڪر ۽ ذڪر، رسم ۽ رواج سان منسلڪ آهي ۽ هر گاديءَ جون پنهنجون الڳ ۽ انوکيون ريتون ۽ رسمون آهن. اهي ريتون ۽ رسمون، دستور ۽ فڪر، اٽل ۽ اٽمٽ آهن، جيڪي زمانن کان ساڳي نوع ۽ انداز ۾ چالو آهن، وقت جي ڪابہ وَهڪ مٿن حاوي ٿي نہ سگهي آهي. دور بدليا، حالات بدليا، پر سنڌ جي گادين جا انداز ۽ انواع ساڳيا رهيا شاه لطيف جو راڳ. جيڪو ارڙهين صديءَ

### مخدوم طالب الموليٰ جي ياد ۾

# ڪوڙين ڪن سلام...!

هن فاني ماڳ مان جڏهن ٻه ڪا مهان شخصيت، ماڳ مٽائيندي آهي، ته اسان جا دانشور، اديب، مفڪر، شاعر ۽ سگهڙ عقيدت جي اظهار طور، ان مهان شخصيت کي پنهنجي ذات ۾، انجمن ۽ ادارو ڪوٺيندا ۽ لکندا آهن. پر ان سلسلي ۾ هن حقير جي راءِ يا خيال ذرا مختلف آهي. ملاحظ فرمائيندا:

دراصل اهڙيون مهان شخصيتون پنهنجي ذات ۾ بلاشبہ هن جنسار جي سونهن طور هڪ سدابهار چمن هوندا آهن، جنهن ۾ قسمين- قسمين ٻوٽا، ميويدار وڻ، ڇانو ڏيندڙ وڻ ۽ قسمين گل هوندا آهن، جن ۾ مگريو، موتيو، چنبيلي، سوسن، سنبل، ٽانگر، ٽٽرا، جنگي جرقل ۽ سيني ڪان مٿانهون گل گلاب جو، ذهن ۽ قلب کي معطر ڪندڙموجود ۽ ٽڙيل نظر ايندا آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي ذات ۾ نرالي خوشبوءِ سان سرشار هوندا آهن، پر سونهن، سوڀيا ۽ من موهيندڙ ۽ سڄي چمن جي رونق ۾ اضافو ڪندڙ هو هڪ گلاب جي گل وانگر اڄ ٻه ٽڙيل ۽ فضا کي معطر ڪرڻ ۾ نمايان نظر ايندو.

پر اڄ چمن ۾ رونق نہ هئي ۽ نہ پکين جي مٺي لات هئي، ڇاڪاڻ تہ چمن ۾ رونقدار گلاب جو گل، سن ١٩٩٣ع جي سج طلوع ٿيڻ سان مرجهائجي ويو هو. ڪيس عيسوي سن راس نہ آيو هو. دراصل هو اسلامي هجري سن جو شيدائي هو، جيڪو محرم الحرام جي ڪربلا جي ڪيس سان ياڊن سان منسوب ٿيل آهي، ان جو بنيادي سبب اهو هو جو سندن وڏڙن جون روايتون ٻه هجري سن سان وابستہ رهنديون پيون ايون.

اڄ جڏهن ماضيءَ جا ورق، ڪتاب جي ورقن جيان اٿلائبا، تہ تصور ۾ ڦليلي ڪنارا، مهراڻ جي طغياني جيان موجزن نظر ايندا، ڇاڪاڻ تہ اڄ اُهو گل، ڀيڙي ڪنيار جي اڱڻ ۾ ٽڙيو هو. چئني پاسي فضا ۾ خوشبوءِ ئي خوشبوءِ ڦهليل هئي. هر هڪ چهرو گل وانگر ٽڙيل هو. انهن کي روح جي غذا ملي ويئي هئي.

اُهو مخصوص گل، هڪ مخصوص ڪرسيءَ تي براجمان هو ۽ سندس چئني پاسي شمع وانگر پتنگ بنجي، پوئنرا، پيرا ڏيئي رهيا هئا. اسان تي تارن جي جهرمر ۾ جيئن چنڊ جي چانڊاڻ سڄي ارض کي روشني بخشيندي آهي، تيئن سندس شخصيت، ان سڄي مجلس کي رونق بخشي رهي آهي. ان گهڙي سندن سدابهار چهري تي، سدابهار مرڪ هئي.

جيئن جيئن رات پنهنجي شباب تي ايندي ويئي، تيئن تيئن، سدابهار سهاڳڻي پيروي عروج تي ايندي ويئي. ان ڪان پوءِ راڳ جو اڻ ڪٽندڙ سلسلو، رات جي خاموشيءَ کي چيريندو، محفل کي مست ڪندو، قافلي جي صورت ۾ اڳتي وڌندو ويو.

راڳ جو آغاز، يمن ڪلياڻ ڪان وٺي، راڻي ۽ مومل، سسئي پنهون، سورٺ، راءِ ڏياچ ۽ فجر جي

"پرياتي" ۽ "آسا" تي اختتام پذير ٿيو هئو. ان دوران سڄي محفل مٿان وجد جي ڪيفيت طاري ٿيل هئي. ائين پئي لڳو. ڄڻ وقت بيهي رهيو آهي ۽ دنيا سڄي ساڪت ۽ جامد ٿي ويئي آهي.

اهڙن روح پرور موقعن تي، جڏهن به هن حقير کي خبر پوندي آهي ته اڄ فلاڻي هنڌ، مجلس جو مور اچڻو آهي، ته ان گهڙي هڪ عجيب قسم جو سرور محسوس ٿيندو هو ۽ ڪيئي راتيون، ان محبوب جي ديدار پسندي وهامي ويندڙيون هيون. اهي گهڙيون لمحا، روح ۾ تازگي پيدا ڪندا هئا. اُن من موهيندڙ صورت، ايترو ته متاثر ڪيو هو، جو بقول لطيف سائين جي:

"نهائينءَ کان نينهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري!"

سندن ذات سان ايڏي والهانه عقيدت هئي، جو گهر ٻار ۽ دنيا جا ڪيئي، ڪم ڪاريون ڇڏي، سندن حاضري ۽ ديدار ضرور ڪندو هوس. چاهي مينهن هجن، طوفان هجن، سيارو هجي يا گرمي هجي، جيسين سندن ديدار نه ڪندو هوس، تيسين بي قراري هوندي هئي!

رب سائينءَ کين ٻاجهاري دل سان نوازيو هو. هو سنڌ واسين جي دردن جو دارون ۽ مسيحا هئا سندن شيرين گفتاري، ايڏي ته مسحور ڪن ۽ سحر انگيز هئي، جو جيستائين پاڻ ڳالهائيندا رهندا هئا. تيستائين دل پئي چاهيندي هئي، ته پاڻ ڳالهائيندا ئي رهن ۽ مان سندن چپن مبارڪن مان نڪتل لفظ جي چاش چکيندو ئي رهان!

سندن ذات گهڻ پهلو هئي، جيڪڏهن انهن تي روشني وجهبي، ته ڪابه اهڙي ڪنڊ خالي ناهي، جتي سندن ذات پوئتي رهيل هجي، پاڻ سدائين علم ۽ ادب جي مشعل کي دست مبارڪ ۾ کنيو، اڳتي وڌندا رهيا. اهڙيءَ طرح علمي ۽ ادبي دنيا ۾ ڪافي خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. سندن چوڻ هو ته، "جيسين خدمت نه ڪبي، تيسين مخدومي، ڪو وڏو منصب نه آهي." دراصل اها خدمت ئي آهي، جيڪا انسان کي مخدوم بنائي ٿي.

سندن زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي خدمت جو صلو، سنڌي ادبي بورڊ، جهڙو بين الاقوامي ادارو آهي، جنهن لاءِ پاڻ اربي ڇڏيائون ۽ پنهنجي هڙون- وڙون، ادبي بورڊ ۽ ادبي بورڊ جي ننڍڙن- ننڍن ڪل پرزن (ملازمن) مٿان هڪ ايڏو وڏو احسان ڪيائون، جو رهندي حياتي تائين هڪ يادگار ڪارنامو رهندو، جو گريجوئٽي ۽ پينشن رائج فرمائي، مسڪين ملازمن جي ٻچن جو مستقبل روشن ڪري ڇڏيائون. بورڊ جي احاطي ۾ سندن دست شفقت سان لڳايل ٻوٽا، اڄ وڏي ويجهي وڻ ٿي ويا آهن ۽ ان جا ميوا، پنهنجن نميل ٽارين سان، سندن ذات کي ياد ڪري، نيازمندي ۽ عقيدت جي طور نميا پيا آهن، ائين ٿو لڳي، ڄڻ ميويدار وڻ، جهڪي سندن ذات جي عڪاسي ڪري رهيا آهن.

پر اڄ جڏهن اسين سندن بنيءَ تي نذرانه عقيدت جا گل پيش ڪرڻ لاءِ پهچون ٿا ته اتي به گلاب جا گل، هر ايندڙ جي آجيان لاءِ ترڙيل نظر ايندا آهن. قليليءَ جا ڪنارا کين اڄ به ياد ڪن پيا!

"ڪٿا منجهه قرار، هئا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي، ڳاهه فراق جي ڪيا ڏارون ڏار،
نه ڄاڻان ٻيهار، ڪير ملندو ڪنهن سان!"

"عبرت" ١٩ آگسٽ ١٩٩٣ع

Gul Hayat Institute

جيڪڏهن قسمت ڪنهن انسان کي نوازيو آهي، اوچي منصب تي ويهاريو اٿس، عوام ۾ سندس مڃتا ۽ هجي، مالي لحاظ کان خوشحال ۽ هجي ۽ هر لحاظ کان خودمختيار ۽ هجي ۽ پوءِ ۽ منجهس برداشت، صبر، سهپ جو مادو هجي ته اها سندس عظمت ۽ تهذيب جو اهڃاڻ آهي.

تازو سنڌي ادبي بورڊ جو معاملو اخبارن ۾ تمام گهڻو آيو هو. مسئلو ڇا ۽ هو ان جي گهرائيءَ جي مون کي خود خبر نه آهي پر مخدوم صاحب جي وات مان هڪ ۽ گهٽ لفظ نه آيو، نه ته جنهن منصب جي مخدوم صاحب جن جي شخصيت هئي، ان لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرميني وڏي ڳالھ نه آهي، ڀلا جنهن جي صلاح سان وفاقي ۽ صوبائي وزارتون ٺهيون هجن، ان لاءِ هي ڪهڙي ڳالھ آهي؟ ان کان اڳ ۽ ڪنهن زماني ۾ بورڊ کي حيدرآباد شهر ۾ آفيس لاءِ جاءِ گهربي هئي، مخدوم صاحب سول لائنس وارو بنگلو بورڊ کي وڪڻي ڏنو، سو ۽ جنهن قيمت ۾ پاڻ چار سال اڳ خريد ڪيو هئائون، ان قيمت ۾. اڳتي هلي سندن مخالفن انهيءَ ڳالھ تي اعتراض ورايو ته پاڻ مٿان ميٺ ۾ بورڊ کي پئسا موٽائي ڏنا ۽ گهر واپس ورتو. پنهنجن مخالفن کي ڪنهن زبان سان ۽ برو ڀلو ڪو نه چيائين. سياست ۾ مختلف قسم جي بيان بازي اڄڪلھ عام آهي، ليڪن مخدوم صاحب جن جو اڄ تائين ڪوبه اهڙو بيان نه آيو هوندو. جو ڪنهن جي دل آزاري ٿي هجي. مخدوم صاحب عام محفل ۾ ۽ لفظ اهڙا توري تکي ڳالهائيندو هو، جو ٻڌڻ وارو اڇرج ۾ پئجي ويندو هو. اهڙو تهذيب يافته، سلڇڻو ۽ نفيس ماڻهو هن صديءَ ۾ مشڪل پيدا ٿيو هوندو.

## سوانح حيات:

مخدوم طالب المولىٰ جن جو پورو نالو محمد زمان هو، سندن والد جو نالو مخدوم غلام محمد هو، پاڻ سنڌ جي مشهور روحاني سرور گادي جا سورنهان گادي نشين هئا. سندن خاندان مان مخدوم فخرالدين صغير پهريون بزرگ هو، جنهن چوڏهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري سنڌ جي قديم شهر "هالا ڪنڊي" (جو هاڻ، هالا پراڻا سڏجي ٿو) ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ان ساڳئي زماني ۾ متعلوي ساداتن جي جد اعلىٰ سيد حيدر شاھ بن سيد مير علي شاھ پڻ هرات کان اچي هالن پراڻن ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي، جنهن جي اولاد شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحه آهي.

مخدوم فخرالدين صغير، مخدوم نوح رحه جي ڏاڏي مخدوم اسحاق جو ڏاڏو هو، پاڻ خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق رضه جن اولاد مان آهن، ان ڪري صديقي پڻ سڏجن، مخدوم نوح جي معتقدن جو تعداد ان زماني ۾ نو لک چيو ويندو هو، ان ڪري "نو لکي گودڙي" پڻ سڏجي. حضرت مخدوم نوح رحه جي سجاده نشين جا نالا هن ريت آهن.

(١) مخدوم امين محمد (پهريون) ولد مخدوم نوح رحہ
وفات (١٦٤٠)- پيدائش (١٥٤٥)

(٢) مخدوم ابوالخير ابو محمد ولد مخدوم امين محمد (پهريون)
وفات (١٦٠٦)- پيدائش (١٥٧٢)

(٣) مخدوم عبدالخالق ولد مخدوم ابوالخير
وفات (١٦٧٠)- پيدائش (١٦٢١)

(٤) مخدوم محمد زمان (پهريون) ولد مخدوم عبدالخالق
وفات (١٧٠٥)- پيدائش (١٦٤٥)

(٥) مخدوم ميرمحمد (پهريون) ولد ميان مٺن ولد ميان ميرمحمد ولد مخدوم ابوالخير
وفات (١٧٣٦)- پيدائش (١٦٨٧)

(٦) مخدوم محمد زمان (ٻيو) ولد مخدوم مير محمد (پهريون)
وفات (١٧٧٠)- پيدائش (١٧٠٧)

(٧) مخدوم مير محمد (ٻيو) ولد مخدوم محمد زمان (ٻيو)
وفات (١٧٨٨)- پيدائش (١٧٦٦)

(٨) مخدوم محمد زمان (ٽيون) ولد مخدوم مير محمد (ٻيو)
وفات (١٨٠٧)- پيدائش (١٧٦٦)

(٩) مخدوم مير محمد ٽيون ولد مخدوم محمد زمان (ٽيون)
وفات (-)- پيدائش (-)

(١٠) مخدوم امين محمد (ٻيو) ولد ميان پنيلڏو ولد ميان مٺن ولد مخدوم محمد زمان (ٻيو)
وفات (١٨٣٧)- پيدائش (١٧٩١)

(١١) مخدوم محمد زمان (چوٿون) ولد مخدوم امين محمد (ٻيو)
وفات (١٨٥٢- پيدائش (١٨١٨)

(١٢) مخدوم امين محمد (ٽيون) ولد مخدوم محمد زمان (چوٿون)
وفات (١٨٨٦)- پيدائش (١٨٣٨)

(١٣) مخدوم محمد زمان (پنجون) ولد مخدوم امين محمد (ٽيون)
وفات (١٩١٣)- پيدائش (١٨٦١)

Gul Hayat Institute

(۱۴) مخدوم ظهيرالدين ولد مخدوم امين محمد (ٿيون)
وفات (۱۹۲۷)- پيدائش (۱۸۳۶)

(۱۵) مخدوم غلام محمد ولد مخدوم ظهيرالدين
وفات (۱۹۴۴)- پيدائش (۱۸۸۶)

(۱٦) مخدوم محمد زمان (ڇهون) ولد مخدوم غلام محمد
وفات (۱۹۹۲)- پيدائش (۱۹۱۹)

(۱۷) مخدوم امين محمد فهيم ولد مخدوم محمد زمان
(موجوده)

مخدوم طالب المولىٰ جن جي جنم تاريخ ۲٦ سيپٽمبر ۱۹۱۹ع مطابق ۹ محرم ۱۳۳۸ھ آهي. سندن اصل نالو محمد زمان آهي. طالب المولىٰ سندن تخلص آهي. ان کان اڳ پاڻ "بيوس"، "فراقي"، "زمان شاهه" ۽ "طالب" جو تخلص سان شاعري ڪندا هئا. مگر "طالب المولىٰ" مٿن اهڙو ٺهڪي آيو جو اڄ به ڪيترن ماڻهن کي سندن اصل نالي جي ڄاڻ ئي ڪانهي.

## ادبي خدمتون:

۱۹۳٦ع ۾ پاڻ انجمن علم و ادب. جو پايو وڌايون. جنهن جي سهاري هيٺ ڪيتريون ئي ادبي ڪانفرنسون به ٿيون. ان کان پوءِ پاڻ هالن ۾ الزمان پريس پڻ قائم ڪيائون ۽ هفتيوار اخبار "پاسبان" ۽ "الزمان" ڪيترو وقت نڪتيون. ۱۹۵۰ع ۾ هالن مان سندن سرپرستيءَ ۾ ماهوار ادبي رسالو "فردوس" جاري ٿيو جيڪو سنڌي ادب جو هڪ ميجيل رسالو ثابت ٿيو. ۱۹۵۲ع ۾ ستيان شهر مان. ماهوار سنڌي رسالو "طالب المولىٰ" مخدوم صاحب جي سرپرستي سان ماستر جمعي خان "غريب" جي ادارت ۾ جاري ٿيو. ۱۹۵٦ع ۾ حيدرآباد مان مخدوم صاحب جي سرپرستيءَ ۾ "شاعر" نالي ماهوار رسالو پڌرو ٿيو. ۱۹۵۷ع ۾ پاڻ سنڌ جي شاعرن جي جماعت "جمعيت الشعراءَ) جا صدر چونڊيا ويا. ۱۹۵۴ع ۾ "اداره روح ادب سنڌ" جو بنياد رکيائون، جنهن سهاري هيٺ فيبروري ۱۹۵۵ع ۾ هالن ۾ هڪ مخصوص انداز ۾ راڳ جي ڪانفرنس ٿي ۽ ماهوار رسالو "روح ادب" جاري ٿيو.

نومبر ۱۹۵۵ع ۾ بزم طالب المولىٰ جو بنياد پيو. جنهن جا پاڻ سرپرست ٿيا. "بزم طالب المولىٰ" جي پاڻ ڪڏهن به ڪنهن جي مالي مدد قبول نہ ڪيائون. هن وقت سڄي سنڌ ۾ بزم طالب المولىٰ جون ۳۰ کان به وڌيڪ شاخون آهن. ۱۹۸۰ع واري ڏهاڪي ۾ بزم "طالب المولىٰ" تمام فعال نموني سان ڪم ڪيو ۽ ڪيترا سال تہ هر مهيني ۾ هڪ طرحي مشاعرو منعقد ٿيندو هو ۽ هڪ ئي طرح تي بزم طالب المولىٰ جي سڀني شاخن ۾ هڪ ئي ڏينهن ۽ هڪ ئي ٽائيم

۽ موسيقارن جي سرپرستي ۾ ڪندا رهندا هئا، ڪيترين ئي موسيقيءَ جون ڪانفرنسون ۽ مقابلا ڪرائي فنڪارن کي انعام ڏئي سندن همت افزائي ڪندا رهندا هئا. مصري فقير ۽ حسين بخش ”خادم“ سندن درباري فنڪار هئا.

## تعليمي خدمتون:

مخدوم خاندان جون تعليم جي ميدان ۾ خدمتون سنڌ ۾ ڪنهن کان ڳجهيون نه آهن. مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا، سروري اسلاميه ڪاليج هالا، طالب المولىٰ هاسٽل، سنڌ طبيه ڪاليج، طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو ۽ کپري جي هاءِ اسڪول جي هاسٽل مخدوم صاحب جي تعليمي خدمتن جو هميشه اعتراف ڪندا رهندا.

## آخري اکر:

اسان جي ملڪ، قوم ۽ سماج جو هي مهاپرش ۽ محسن انسان هاڻ جيئن ته اسان ۾ ڪونهي، مهذب قومن هميشه پنهنجي عظيم شخصن کي سڃاتو آهي ۽ انهن سان پنهنجا پيوند پختا ڪيا آهن ۽ انهن جي جاري ڪيل شين کي نئين ولولي ۽ جوش سان جاري رکيو آهي. سنڌ ۽ سنڌي قوم جنهن دور مان هن وقت گذري رهي آهي شايد اهڙو نازڪ دور اسان جي قوم مٿان اڳ آيو هجي جو قوم جي بقا ۽ وجود به خطري ۾ هجي، هر طرف واڳون وات ڪوليو ويٺا هجن ۽ قوم اگهور ننڊ ۾ هجي. ان وقت اسان جي قوم ڪيترن سماجي، سياسي ۽ معاشرتي سير ۾ گهيريل آهي، ليڪن سڀ کان اهم مسئلو تعليم جو مسئلو آهي. سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ هن وقت اسڪولن جو تعداد ڪٿي ڳاڻيٽي جي حساب سان وڌيو آهي، ليڪن تعليم جو معيار جنهن سطح تي آهي اها ڳالهه ڪنهن کان به ڳجهي ناهي، خاص طور ويجهڙائي ۾ استادن جي جيڪا ڀرتي ٿي آهي، اها لڳي ٿو ته ڪنهن منظم طريقي سان رٿيل منصوبي تحت ٿي آهي جو اهي ماڻهو جيڪي ٻئي ڪنهن ڌرتي جي قابل نه هجن، اهي ماستر ڀرتي ڪيا ويا آهن. اسڪول ته اسڪول پر وڏن تعليمي ادارن جي حالت به ڪنهن کان ڳجهي ڪانه آهي، ايتري قدر جو حڪومت وٽ يونيورسٽين کي ڏيڻ لاءِ گرانٽ به نه آهي.

هن مقابلي واري دور جڏهن ڪوٽا سسٽم به پنهنجو مدو پورو پيو ڪري، نج ڪاري جو دور آهي (Privatisation) ڊگري جي وقعت هڪ پني کان وڌيڪ نه وڃي ٿيندي، اها ئي قوم اڳتي هلي سگهندي، جيڪا تعليمي ميدان ۾ اڳيان هوندي. شهرن ۾ ته اڄ ڪلهه (Private) اسڪول ڪلي پيا آهن پر ٻهراڙي جي ويچارن ابوجهه سنڌي ٻارن جو اڳتي هلي ڇا ٿيندو؟ نجي سطح تي ڪا به اميد ڪانهي ته ٻهراڙيءَ ۾ ڪو پرائيويٽ (Private) اسڪول هلي سگهي، ان ڪري سماجي تنظيمون پڻ هي ڪم ڪري سگهن ٿيون.

مخدوم جن تي مضمون لکندي آئون هيءُ ڳالهه ان ڪري لکي رهيو آهيان ته مخدوم خاندان

[illegible]

"طالب المولى تعليمي فائونڊيشن" (Talibul Maula Education Foundation) جو بنياد [illegible]

وجهون ۽ [illegible] طور تي [illegible]
ٿين ٿا ۽ اهڙا ڪيترا تعليمي فائونڊيشن [illegible]
انگلش ميڊيم [illegible]
طور تي هن جو استعمال لاءِ [illegible] ١٠ [illegible] سگهجي ٿو ۽
صرف هن ڪلاس ٥٠ ٻارن کي معياري تعليم مهيا ڪئي [illegible] ۹٠٠٠ [illegible] جي
پنهنجي پيرن علائقن جي ٻارن کي تعليم ڏئي سگهجي ٿي وقت سان گڏ هن تعداد وڌائي سگهجي ٿو.
ڇاڪاڻ ته مخدوم خاندان جي اثر رسوخ جي ڪري حڪومت [illegible] مدد ڪري سگهجي
ٿي ۽ ان کان علاوه بين الاقوامي رفاهي ادارا به هن وقت حڪومت کان وڌيڪ NGO's (غير
حڪومت تنظيمون) کي مدد ڏيڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيڻ پسند ڪن ٿا.

پنڌرهن روزه صورت ميگزين، ١ - فيبروري ١٩٩٣ع

Gul Hayat Institute

* پرايو آسرو ڪرڻ يعني ناڪامي.
* ڇڱي وات نه ولڻ انڌائي، ڇڱي ڳالهه نه وٺڻ ٻوڙائي، ڇڱي گفتگو نه ڪرڻ گونگائي، ڇڱي رهاڻ لاءِ نه وڃڻ منڊائي، ڇڱي هاڃ ۾ هٿ نه وجهڻ ٽنڊائي، ڪمائي نه ڪائڻ محتاجائي ۽ نڪاح پڙهي سان نه ملڻ ڪلڙائي آهي.

(حضرت مخدوم طالب المولىٰ)

امر منظور هالا

# مخدوم محمّد زمان "طالب المولىٰ"

## انسان دوست ۽ ادب دوست

ڪائنات جو ڪاروان روان دوان آهي، سج پنهنجي مقرر وقت تي طلوع ۽ غروب ٿئي ٿو، چنڊ پنهنجي مقرر وقت تي جڳ کي جڳمڳائي ٿو، صبح، شام ۽ رات جو ڦيرو جاري آهي، سيارو ۽ اونهارو پنهنجي مقرر وقتن تي هن جڳ کي سرمائي ۽ گرمائي رهيا آهن. مگر هي سڀ قدرت جا ڪارساز دنيا ۾ ٿيندڙ شور ۽ غل کان بي پرواهه آهي، هنن کي نه ڪنهن جي عروج سان ۽ نه زوال سان، نه ظالم سان نه مظلوم سان، نه چڱي سان نه بُري سان، نه روئڻ سان نه کلڻ سان ۽ نه ترقيءَ سان نه تباهيءَ سان ڪا دلچسپي يا واسطو آهي. روزانو سوين ماڻهو هن فاني دنيا مان لڏيو ابدي دنيا ڏانهن آباد ٿيندا وڃن. موت برحق آهي، جو گهڙو گهڙيو آهي اهو ضرور ڀڄڻو آهي، پر ڪي موت اهڙا هوندا آهن جيڪي تاريخ ساز هوندا آهن، جن جي موت تي سڄو ڏيهه رت جا ڳوڙها ڳاڙيندو آهي. ڪن انسانن جو موت ڪين هميشه تاريخ ۾ امر ڪري ڇڏيندو آهي ته ڪي انسان وري جيئري ئي امر هوندا آهن. اهڙن ئي امر انسانن مان مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ رحه به هڪ هو.

اها هڪ حقيقت آهي ته خالق ڪائنات انسان کيماديت ۽ روحانيت جي آميزش مان تخليق ڪيو آهي ۽ انهن ٻنهي قوتن مان جيڪا به ان جي وجود تي غالب اچي ٿي اها ئي ان جي ذات جي سڃاڻپ بڻجي وڃي ٿي. روحانيت جو غلبو جوهرِ ايمانيءَ ۾ نکار پيدا ڪري ٿو ۽ انسان جي درجن کي بُلند ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو. جڏهن ته ماديت ان کي پستيءَ جي غار ۾ ڌڪي ڇڏي ٿي. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ رحه به اهڙو ئي شخص هو جنهن جي پوري زندگيءَ تي روحانيت غالب رهي جيڪا موروثي هئي.

هِن حوس ۽ انڌ جي دؤر ۾ ماڻهوءَ جي ڪردار جي پرک مختلف زاوين ۽ معيارن کان ٿئي ٿي. ماڻهو هوندڻ نه پنهنجي اندر ۾ فرعونيت جا سمورا جراثيم پالي ٿو. هُن جي خواهشن جي ڪئنواس تي سموري ڪائنات چنيل آهي. هُن جي پاڻ وڏائڻ، حڪمراني ڪرڻ ۽ برتر ڄاڻائڻ جي وحشي ارادن جي پورائي جي ضد ۾ سموري انسان ذات هجي ٿي. پر پوءِ جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي دل ۾ پاڻ جهڙن ٻين انسانن لاءِ درد محسوس ڪري ٿو. جڏهن ٻين انسانن جي لڙڪن

مخدوم صاحب جا هوئش ته لکين مريد سر ساهه گهوريندڙ هئا پر سندن شاعريءَ جا مداح به پنهنجو مٽ پاڻ هئا. هڪ دفعي جميعت شعراءِ سنڌ طرفان لاڙڪاڻي ۾ مشاعرو هو. مردن سان گڏ عورتن جو به هڪ وڏو انگ پنڊال ۾ موجود هو. مخدوم صاحب ڪنهن مجبوريءَ جي ڪري منتظمين کي جلدي گهرائڻ لاءِ چيو. مخدوم صاحب شعر پڙهڻ شروع ڪيو. خاموشي ٿي وئي. مخدوم صاحب جيئن ئي پنهنجو شعر ختم ڪيو ته پنڊال ۾ موجود سڀ حاضرين ۽ ناظرين به روانا ٿيڻ لڳا. اجان ڪافي وڏا شاعر ۽ مهمان خصوصي ويٺا هئا مگر ماڻهن جي پنڊال خالي ڪرڻ ڪري منتظمين کي مجبوراً پروگرام کي ختم ڪرڻو پيو. انهيءَ مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مخدوم صاحب جي شاعريءَ جا مداح مخدوم صاحب کي ئي ٻڌڻ لاءِ آيا هئا.

مخدوم صاحب ادب دوست هئا ۽ هميشه نوجوان اديبن جي رهنمائي ۽ حوصله افزائي ڪندا رهندا هئا. سندن چوڻ هو ته اگر اڄ جي نوجوان جي خاص طور تي نوجوان اديبن جي رهنمائي ۽ حوصله افزائي نه ڪبي ته هو ٻيا خراب ڪم ڪرڻ، هٿيار کڻڻ ۽ چوري ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا.

مخدوم صاحب جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو اگر هتي آئون ذڪر ڪرڻ لڳان ته پوءِ ان تي به ڪيترائي ڪالم لکجي پون پر مختصر اهو ته پاڻ علم و ادب جي فروغ لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هفتيوار ۽ ماهوار اخبارون ۽ رسالا شايع ڪرايا. ڪيترائي ورهيه سندن خرچ تي ادبي محفلون ۽ مشاعرا ٿيندا هئا. ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمون سندن مالي ۽ اخلاقي مدد تي هلنديون هيون. راڳ ڪانفرنس، مزاحيه ڪانفرنس، سگهڙ ڪانفرنس ۽ ڪيترين ئي ادبي ڪانفرنسون سندن مالي ۽ اخلاقي تعاون سان سندن صدارت ۾ ٿيون. سنڌي ادبي بورڊ کي ترقي وٺرائڻ ۽ اُن ادبي بورڊ جو جيڪو تذڪرو آهي اهو مخدومصاحب جي ئي مرهونِ منت آهي. ٻين ڪيترن ئي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادبي ادارن جو حال اسان جي سامهون آهي. سنڌي ادبي بورڊ سرڪاري هئڻ جي باوجود مخدوم صاحب اُن اداري کي گلشن بنائي ڇڏيو. مخدوم صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڪيترائي ناياب ڪتاب شايع ٿيا.

مخدوم صاحب تقريباً سترهن ڪتابن جو مصنف آهي. پاڪستان سرڪار کيس سندن علمي ۽ ادبي ۽ سماجي خدمتن جو قدر ڪندي ”تمغهٔ پاڪستان“ جو اعزاز ڏنو.

مخدوم صاحب سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. بزمِ طالب المولىٰ سنڌ طرفان ١٥- اپريل ١٩٨٨ع تي هڪ عظيم الشان ادبي ڪانفرنس ۾ مخدوم صاحب تقرير ڪندي چيو هو ته: ”جنهن معاشري ۾ احساس محروميءَ جا ڪارڻ وڌيل هوندا، اتي ٻوليءَ کي هر وقت خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو. ان ڪري اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ تحفظ لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻو آهي ۽ پوئتي منهن نه موڙڻو آهي.“

مخدوم طالب المولىٰ رحه پنهنجي وڏي فرزند ۽ درگاهه حضرت مخدوم نوح عليه رحمت جي

Gul Hayat Institute

اکين ڏٺو احوال

# مخدوم طالب المولىٰ ادبي سيمينار

شام جا ساڍا پنج ٿيا هئا، جو اسان هالن جي بس اسٽاپ تي بلولائين مان لٿاسون. سنڌ جي اڀرن دڪاندارن جيان هالن جا دڪاندار اسان کي سڏڻ لڳا: اچو سائين، اچو! ڇا کپي سائين؟ جنهن ۾ دڪاندار کان گذرياسون، هنن جي سڏن اسان جو پيڇو پٺي ڪيو. مون ڏٺو ته اسان جي بي توجهيءَ جي ڪري دڪاندارن پنهنجون چنجهون اکيون ڪندي اهو تاثر پئي ڏنو ته اسان جا کيسا خالي هئا ۽ اسان ۾ پئسن جي بوءِ ئي ڪانه هئي، جنهن ڪري هو هڪ ٻئي کي ڏسي، ٺهڪ ڏئي رهيا هئا.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي ڇهين ورسيءَ جي موقعي تي شريڪ ٿيڻ لاءِ، سندن فرزند مخدوم جميل الزمان ڪراچيءَ مان فون تي اسان کي دعوت ڏني هئي. ان ڪري مان ۽ ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ بنا انهيءَ دعوت نامي جي هتي جي پهتا هئاسون، جنهن ۾ پروگرام ڏنل هوندو آهي، پروگرام جي پوريءَ طرح واقفيت نه هئڻ ڪري، اسان ٿورو پريشان ٿياسون پر ايترو سوچيوسون ته پهرين مخدوم صاحب جي اوطاق تي هلجي، جتان سڀ خبر پئجي ويندي، اسان ٽانگي واري کي چيو ته اسان کي مخدوم صاحب جي اوطاق تي وٺي هل. ٽانگي واري اسان کي اشارو ڪندي چيو ته "هاڻي ايڏانهن هليا وڃو، اهي سڀ مخدومن جون اوطاقون آهن." ٽانگي مان لهي اڳيرو وڃي ڏٺوسون ته پوليس جا جٿا لائينون ڪيون بيٺا هئا، جيڪي وزيراعظم پاڪستان محترم بينظير ڀٽو جي پروٽوڪول لاءِ اڄ گڏ ٿيا هئا، پوليس کان گذري، اسان اوطاق جي ٻاهرئين وڏي دروازي تي پهتاسون. دروازي تي بندوقن بردار پهريدار بيٺو هو. جنهن ڏسندي ئي مون کي چيو ته "مٿي اگهاڙي وارو ماڻهو اندر نٿو وڃي سگهي." مون ڏٺو ته ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ پنهنجي مٿي تي ٽوپ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي. مون وري رومال ڪڍي مٿي تي رکي ڇڏيو. مخدوم صاحبن جي اها روايت رهي آهي ته مٿي اگهاڙو اندر اوطاق ۾ نٿو اچي سگهي. چون ٿا ته اڳي سڄي هالا شهر ۾ مٿي اگهاڙي ڪرڻ تي پابندي هوندي هئي. پر جيئن جيئن وقت گذرندو ٿو وڃي، تيئن تيئن پابنديءَ جو دائرو گهٽبو ٿو وڃي. هن وقت مخدوم صاحبن جي ڪنهن ۾ اوطاق ۾ مٿو اگهاڙو ڪري هلڻ تي منع آهي. مون ڏٺو ته ايندڙ ويندڙن منجهان ڪو ۾ اهڙو ڪونه هيو، جيڪو مٿو اگهاڙو ڪري هلندو هجي.

اسان اڳيرو وياسون، ته اوطاق جي چوواڻي تي ٻاهه جو مچ پئي ٻريو. هڪڙو نوڪر مقرر ٻيٺو هو جيڪو ڪاٺين جا ڏڪر ٻاهه جي مچ ۾ وجهندو پئي رهيو. سياري جي موسم هئي، اتر جي هوا پئي لڳي. هرڪو آيو ويو هٿ سيڪيو پاڻ کي گرم ڪيو ۽ پنهنجي ماڳ مڪان ڏانهن هلندو پئي رهيو. هن چوواڻي جي ڪٻي هٿ تي مخدوم رفيق الزمان جي اوطاق جو بنگلو هو. جتي انتظامي معاملن سان واسطو رکندڙ مسائل حل ٿي رهيا هئا، اسان جي رهبريءَ لاءِ هڪ خادم آيو اسان کي انهيءَ اوطاق ۾ پهچايو، جنهن کي اناس وارو بنگلو چوندا آهن، هن بنگلي ۾ وڏا ۽ عاليشان ٨- ڪمرا آهن، جن ۾ ڏڏا ۽ گلم وڇايل هئا. جيڪو به مريد يا مهمان هن بنگلي ۾ پهچندو آهي ان کي وقتائتي ماني ضرور ملندي آهي، مريد کي صرف پنهنجو نالو لکرائڻو پوندو آهي. باقي جيترو به وقت رهندو، ڪيس ماني ٽن وقتن جي ملندي رهندي بنگلي جي پر ۾ وڏو بورچي خانو آهي، جتان ماني ۽ چانهه مهمانن جي تعداد موجب تيار ٿيندي آهي. هيءُ بنگلو مخدوم محمد امين فهيم جو سڏجي ٿو پر مخدوم جميل الزمان به هن ئي بنگلي کي اوطاق ڪري استعمال ڪندو آهي. اسان کان اڳ ۾ چار پنج ماڻهو ويٺا هئا، جيڪي ٻاهران آيا هئا. پر اهي سڀ سروري جماعت سان تعلق رکندڙ مريد هئا. جڏهن ته اسان ئي ٻه اهڙا ماڻهو هئاسون، جيڪي مريد ڪونه هئاسون. اسان کي محسوس ٿيو ته هيءُ بنگلو مريدن لاءِ آهي. ڇاڪاڻ ته ڪٿي به اسان کي ڪٽ نظر ڪونه آئي، ان ڪري اسان خادمن کان معلوم ڪرڻ گهريو، ته ڪٿي ٻئي هنڌ به مهمانن جي ٽڪاڻ جو بندوبست ڪيل آهي ڇا؟ ان تي هڪڙو نوڪر اسان کي هن بنگلي کان وٺي ٻئي بنگلي ۾ آيو، جيڪو ان جي پر ۾ هو ته شايد انهيءَ ۾ مهمانن جي ٽڪاڻ جو ڪو بندوبست ڪيو ويو هجي! هيءُ بنگلو نم وارو بنگلو سڏجي ٿو ۽ هن کي مخدوم سعيد الزمان جو بنگلو پيا چون. هن بنگلي ۾ پنجاب کان آيل ٻه معزز مهمان گلم تي ويٺل نظر آيا، واقفيت ڪرائڻ تي معلوم ٿيو ته انهن ٻن مان هڪڙو مهمان پنجاب اسيمبليءَ جو ميمبر هيو، ڪٽ هن بنگلي ۾ به رکيل ڪانه هئي ۽ هيءُ ٻه مهمان هيٺ گلم تي ويٺل هئا، هيءُ ٻئي معزز مهمان به سروري جماعت سان تعلق پيا رکن ۽ مريد هئا. ان ڪري پوريءَ طرح هتي جي آداب کان واقف پئي لڳا. اسان سوچيو ته شايد هيءُ بنگلو به اسان جي رهائش لاءِ نه هجي! ايتري ۾ هڪڙو خادم آيو، جنهن چيو ته هن اسان جي لاءِ معلومات حاصل ڪئي آهي، اسان جي رهائش جو بندوبست ڪنهن ٻئي هنڌ ڪيل آهي. في الحال اسان کي ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو، جيستائين مخدوم جميل الزمان حيدرآباد کان هتي پهچي وڃي. لڳي پيو ته حيدرآباد کان مخدوم صاحب مهمانن متعلق ڪجهه پڇيو هو. ٿورو وقت ويٺاسون، ته ڪارڊن ۽ پاسين جو چوٻول ٿيڻ لڳو. اسان کي به ٻين سيني جيان گيٽ پاسون نه هيون ۽ جن کي گيٽ پاسون ڪونه هيون، انهن کي پاسي واري بنگلي ۾ الڳ رکيو ڏاهري پاسون ۽ ڪارڊ ڏيئي رهيوهو. صبح جو وزيراعظم صاحب سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻي هئي ۽ گيٽ پاسن کان سواءِ سيمينار ۾ شرڪت ممڪن ڪانه هئي، اسان سوچيو ته ٿي سگهي ٿو، ته اسان جون پاسون به اتي ئي موجود هجن! ان ڪري ڏاهري

موجود هو. ذاهري صاحب سروري جماعت جو سنڌ ليول تي سيڪريٽري آهي. اسان ڪانٽس پنهنجن پاسن بابت پڇيو. جنهن تي ذاهري صاحب چيو تہ هن وٽ صرف انهن ماڻهن جون پاسون آهن. جن جو تعلق سروري جماعت سان آهي. اسان وري انهيءَ دائري ۾ ڪونہ ٺهي آياسون. جنهن ڪري اسان واپس نئہ واري بنگلي ۾ وياسون. اسان جي پريشانيءَ کي ڏسندي، الله بخش خاصخيلي، جيڪو شايد اناس واري بنگلي جو ملازم هو، اسان کي چيو تہ اسان کي اناس واري بنگلي ۾ انتظار ڪرڻ کپي جتي ٿوريءَ دير ۾ مخدوم جميل الزمان اچڻو آهي. اسان جون پاسون بہ وٽس آهن، تہ اسان جي رهائش جو بندوبست بہ اهوئي ڪندو. ان کان پوءِ اسان آرام سان اناس واري بنگلي ۾ ويهي رهياسون. هالن ۾ اچڻ جو منهنجو پهريون تجربو هو. ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب اڳ بہ هالن ۾ ڪيترائي ڀيرا مهمان ٿيو هو. پر مخدومن وٽ سندن پهريون ڀيرو اچڻ ٿيو هو، ڇاڪاڻ جو هو بہ مون وانگر مخدومن جي نشست و برخواست کان واقف ڪونہ هيو.

سادي اٺين بجي اناس واري بنگلي ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ صاحب آيو. جيڪو مخدوم جميل الزمان سان گڏ هو، ڊاڪٽر پٺاڻ صاحب ٻن ٽن ڏينهن کان مخدوم صاحبن جي انتظامي ڪمن ۾ رڌل هو، هو آيو، اسان سان مليو ۽ ٻڌايائين تہ اسان جي رهائش جو بندوبست ٿيل آهي، پر ڪنهن ٻئي هنڌ. هن ٻڌايو تہ هتي بنگلن ۾ اهي ماڻهو ٽڪايا ويندا. جن جو تعلق سروري جماعت سان آهي. جڏهن تہ ٻين مهمانن جو ٻئي هنڌ بندوبست ٿيل آهي، انهن مان ڪن کي اسڪول ۾، ڪن کي ڪاليج ۾ ۽ ڪن کي وري ٻين زميندارن جي اوطاقن ۾ ورهايو ويو آهي. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ وٽ نہ رڳو اسان جا ڪارڊ ۽ گيٽ پاسون هيون، پر اتر سنڌ جي ڪيترن ئي ٻين اديبن جا ڪارڊ ۽ پاسون بہ وٽس هيون. جيڪي وقت جي سهٽي سبا نہ هئڻ جي ڪري، انهن ماڻهن کي پهچائي نہ سگهيو هو. ٿوري دير ڪانپوءِ اسان کي ڪار ۾ ويهاري ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ پراڻن هالن ڏانهن روانو ٿيو. پراڻا هالا، نون هالن کان ٽي ميل ڪن پنڌ تي هئا. اسان کي سادي نوين بجي پراڻن هالن ۾ ڊاڪٽر صاحب قاضي شوڪت علي قريشي صاحب جي حوالي ڪري پاڻ موٽيو پوئتي.

قاضي شوڪت علي قريشي هڪ نيڪ انسان، ۽ مهمان نواز دوست آهي. هن رات جو ڪافي مهمانن جي ماني تيار ڪرائي هئي پر اتفاق اهڙو ٿيو، جو رڳو اسان ئي وٽس اچي پهتاسون. هن جنهن جڳهہ ۾ اسان کي رهايو اها سندن والد بزرگوار قاضي غلام محمد قريشيءَ جي لائبريري هئي. صبح جو اسان کي برجستو ناشتو ڪرائي، قاضي صاحب پنهنجي ڪار ۾ سيمينار ڏانهن روانو ڪيو ۽ اهو واعدو بہ ورتائين تہ شام جو موٽي اچي ساٽس ڪچهري ڪنداسون، پر افسوس جو وقت جي تنگيءَ سبب اسان موٽي نہ سگهياسون ۽ ڪانٽس هالن منجهان ئي فون تي معافي ورتي سون.

سادي يارهين بجي اسان هاءِ اسڪول جي دروازي تي پهتاسون، جتي ادبي سيمينار جو

بندوبست ڪيل هو، دروازي جي ڀرسان سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن جو اسٽال لڳل هو. هتان سجايل ڪتابن جو ديدار ڪندي، مهراڻ جو نئون پرچو خريد ڪيم. ان کان پوءِ پنڊال جي مکيہ دروازي تي پهتاسون، جتي مخدوم جميل الزمان مهمانن جو آدرڀاءُ ڪري رهيو هو، هو اسان سان ڀاڪر پائي مليو ۽ هڪڙو ماڻهو ڏنائين جنهن اسان کي پهرين ڪرسين تي آڻي وهاريو. پر جيئن تہ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ کي ادب جي خدمت ڪرڻ جي عيوض، طالب المولىٰ، شيلڊ ملڻي هئي. ان ڪري هن کي مون کان الڳ ڪيو ويو، انهن ماڻهن سان وڃي ملائي وهاريو ويو، جن کي شيلڊ حاصل ڪرڻ جي غرض سان هڪڙي هنڌ گڏ ڪيو ويو هو. اهڙا ست اٺ اديب ۽ فنڪار هئا، جن کي سندن خدمتن جي عيوض ۾ 'طالب المولىٰ' شيلڊ ڏنا ويا هئا.

هڪ بجي گورنر سنڌ حڪيم محمد سعيد صاحب آيو، هن جي اچڻ سان پروگرام جي شروعات ڪئي وئي، پروگرام جي شروعات کان اڳ مخدوم محمد امين فهيم ٻڌايو تہ محترمہ بينظير ڀٽو جي اچڻ ۾ ڪجھ دير ٿي ويئي آهي. پر جيئن تہ اديبن کي مقالا پڙهڻا آهن، جنهن لاءِ چڱو وقت درڪار آهي، ان ڪري اسان پنهنجو پروگرام گورنر سنڌ حڪيم محمد سعيد جي صدارت ۾ شروع ٿا ڪيون. پروگرام ڪلام پاڪ جي تلاوت سان شروع ٿيو. ان کان پوءِ نعت شريف پڙهي وئي. بعد ۾ ادبي مقالن جي نشست جي باقاعده شروعات ٿي. هن نشست ۾ مقالن وارن سان گڏ شعرن پڙهڻ وارا بہ هئا، جن طالب المولىٰ جي عقيدت جو اظهار پنهنجي خوبصورت شعرن ۾ ڪيو، برجستي نشست ۾ سٺا مقالا پڙهيا ويا. مقالن جو مواد مخدوم طالب المولىٰ جي سوانح حيات، ادبي خدمتن، شعروشاعري، دوستي احبابي، مرشدي، فقيري ڏانو واري سندن زندگي، انسان دوست محبت ۽ رواداري سان ڪنيو ويو هو پر سراسري طور سڀني مقالن ۽ شعرن ۾ اهو تاثر عيان نظر آيو، تہ مخدوم طالب المولىٰ جي وفات جي ڪري دوست احباب خصوصاً سروري جماعت جا مريد ۽ خادم يتيم ٿي ويا آهن. ڪن تہ پنهنجن مقالن ۾ مخدوم محمد امين فهيم کي سندن يتيميءَ جو احساس بہ ڏياريو. شايد اهو ان ڪري هو جو اها پهرين ورسي هئي، جنهن جي ڪري هن عظيم شاعر جي ادبي خدمتن ۽ سماجي ڪارنامن کان وڌيڪ سندن موت ۽ جدائي جو تاثر محفل تي ڇانيل نظر آيو ۽ انهيءَ تاثر جي ڪري هي ادبي سيمينار روايتي طرح مرثيہ گوئيءَ جو روپ اختيار ڪري ويو.

بيشڪ، عالمن ۽ عظيم روحانيءَ رهبرن جي لاڏاڻي سان هڪ وڏو خال پيدا ٿي پوندو آهي، پر ان کي ڇا ڪري سگهبو، جو حياتي هڪ مقرر مدت کان وڌيڪ ماڻي ئي نٿي سگهجي، پير پيغمبر، الله جا اولياءَ، زندگيءَ جي انهيءَ بي اثباتيءَ جي تعليم ڏيندا ويا ۽ انسان کي خبردار ڪندا ويا تہ فاني زندگيءَ جي پڄاڻي نہ پڇو. انهيءَ ڪري واويلا مچائڻ، شايد روحاني منزل جو تعمير تصور نہ ڪري سگهجي!

سنڌي زندگيءَ جو تصور آهي، تہ جن جا گهر آباد ٿين ۽ ويڙهاوسن، اهم نيڪ انسان ۽ خوش نصيب هوندا آهن. پر مخدوم طالب المولىٰ تہ اهي اعلىٰ نصيب وارو انسان هو، جنهن جو

مون شهر آباد ڏٺو. ڇهه فرزند، اعليٰ تعليم سان سينگاريل، هر ڪنهنجي نه رڳو اوطاق پر بنگلو به. الڳ وڏا صحن، ڪشاده ميدان ڄڃون ٽڪي پون. هرڪو آيو ويو سک سان رات رهيو، ماني ڳڇيو ڪايو پنهنجا ڪم ڪاريون ڪرايو واپس موٽيو وڃي. مون ڪنهن سائل کي بي مراد ڇهري سان ڪونه ڏٺو. اسان سنڌ جي زميندار، نوابن، سردارن، توڙي پيرن ميرن ۽ وزيرن کان پوريءَ طرح واقف آهيون. جنهن جي اوطاق تي لنگهي وڃو. خادم منهن پٽيو ويندا. فضيلت جي ورندي نه ملندي، وڏن درن تان موٽندي اسان ڪنهن جو چهرو مسڪرائيندڙ نه ڏٺو هوندو؟ مخدوم طالب المولىٰ جيتري علمي، ادبي ۽ روحاني منزل پويان روشن ڪري ويو آهي. اوتري پنهنجي پيڙهي به قائم ڪيو ويو آهي. جيستائين انسانيت باقي آهي، طالب المولىٰ زنده آهي. شرط رڳو اهو آهي ته سنڌس پونيئر انهيءَ ٻوٽي جي آبياري ڪندا رهن، جيڪو مخدوم طالب المولىٰ پوکي ويو آهي.

هن سيمينار جي آخري مقالا نويس، ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجو مختصر، مگر جامع مقالو پورو ڪيو، ته هوڏانهن محترم بينظير ڀٽو به پنڊال جي دروازي تي اچي پهتي ته سارو پنڊال سنڌس احترام ۾ اٿي بيٺو. مخدوم امين فهيم سنڌن آدرياءَ ۾ ڪجهه لفظ پيش ڪيا ۽ شڪر ادا ڪندي مختصر طور پيپلز پارٽيءَ سان پنهنجي وفاداريءَ جو يقين ڏياريو. ان کان پوءِ گورنر سنڌ حڪيم سعيد طالب المولىٰ جي علمي تحقيقي ڪم تي مختصر روشني وڌي. هن کان پوءِ محترم بينظير ڀٽو مخدوم طالب المولىٰ جي ڪردار ۽ پيپلزپارٽي سان وفاداريءَ تي ڀرپور روشني وڌي. هن ڪانپوءِ اديبن ۽ فنڪارن ۾ مخدوم طالب المولىٰ شيلڊ ۽ تمغا محترم بينظير ڀٽو پنهنجن هٿن سان ورهايا.

هن پروقار تقريب کان پوءِ مانيءَ تي سڏ ٿيو. ويچارن مهمانن جي ڊوڙ شروع ٿي، انهيءَ طوفان کان بچڻ لاءِ مان ڪرسيءَ جي آڙ وٺي بيٺس. طوفان گذري ويو، ته ڪاڏي جي هال ۾ پهتس. باقي چاندا وڃي بچيا هئا، مگر پوءِ به پيٽ خالي ڪونه رهيو. افسوس آهي ته سنڌي ماٺهو کائيندي پيئندي به بکيا لڳندا آهن. جنرل هيگ لکيو آهي ته: ”خوش نصيب آهي سنڌي قوم جنهن ڪڏهن به ڏڪر جي حالت ڪونهي ڏٺي.“ ڪاش، جنرل هيگ اڄ اچي اسان کي هنن دعوتن ۾ ڏسي! يقيناً اڄ واريون اسان جون حالتون ڏسي هو وري تحقيق ڪندو ۽ انهن ڪارڻن کي ڳولڻ جي جدوجهد ڪندو ته اهي ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا، جو جنهن ڪري سنڌي ماٺهو سٺيي گرهه جي پويان ايترو اٻهرو ٿي ڊوڙي ٿو؟

افسوس مون کي ان وقت ٿيو، جڏهن ويچارن پوليس وارن کي خالي ٿانون طرف ڊوڙندي ڏٺم. ماني ڪاڃي چڪي هئي، پنڊال خالي ٿي چڪو هو، جتي رڳو خالي ٿانو وڃي رهيا هئا. پر خبر نه آهي ته ڪڏهن کان ڊيوٽي تي بيٺل پوليس وارا پنهنجي پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ پنڊال ۾ ڊوڙون پري رهيا هئا. اڄ نه، پر ڪيترن موقعن تي انهن ويچارن سان اها حالت ٿيندي آهي، عرض آهي، ته جتي سوين ديڳيون مهمانن لاءِ رڌجن ٿيون، اتي جيڪڏهن به چار ديڳيون الڳ پوليس عملي لاءِ رڌبيون ته هوند اهو نظارو نظر نه اچي. مون کي يقين آهي، ته انهن پوليس وارن کي به ڪاڏو

٢ـ قبلہ مخدوم طالب المولىٰ جي ياد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ چيئر قائم ڪئي وڃي. ان لاءِ مختلف شخصيتن ۽ ادارن پرزور مطالبا ڪيا آهن.
٣ـ سنڌالاجيءَ ۾ طالب المولىٰ ڪارنر قائم ڪئي وڃي.

Gul Hayat Institute

حضرت مخدوم طالب المولىٰ جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي وزير اعظم محترمه بينظير ڀٽو صاحب جي هٿان مختلف عالمن اديبن ۽ فنڪارن کي مليل ايوارڊن جون تصويرون







نیاز همایوني



ډاکټر در محمد پناڼ



عابده پروین



عبدالڪريم بلوچ



ڊاڪٽر يار محمد جهنجهي



رئيس علي نواز انڙ

Institute



فيروز گل



ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي



مصري ڪاڪا

Gul Haya

انهن سندي ڳالهڙي

# نظم

Gul Hayat Institute

*

خدا جو خوف جنهنجي دل ۾ آهي،
انهي کان خوف کائي ٿو زمانو.
جو باطِل کان ڊڄي حق ٿو ڇڏي ڏي،
اهو سمجهو ته آهي وائي آنو.

*

تميز خير و شر جنهن ۾ نه آهي،
انهي کي ڪيئن ڀلا انسان چئبو.
بدي نيڪي جو جنهن وٽ فرق ڪونهي،
اهوئي آدمي شيطان چئبو.

*

وطن جي لءِ رکو روئڻ سعادت،
زماني لاءِ گريو بدمعاشي.
اکيون حبِ وطن ۾ ٽيون نه آليون،
ته پو چئبيون وزير آب پاشي.

حضرت مخدوم طالب المولىٰ جن جي
ڪتاب "چموٽيون" تان ورتل

Gul Hayat Institute

نیاز همایونی

١١ـ جنوري ١٩٩٣ع

# از جهان بگذشت آن جانِ جهان

## سانحه ارتحال حضرت مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ'

حضرتِ مخدوم عالمتاب در عنوانِ خویش
دستیا رو دوستدارِ خلق در دیوانِ خویش

آنکه مخدومِ زمان می گفت او را خاص و عام
کرد ربّ العزّت آں موصوف را مهمان خویش

عالم و شاعر ادیب و اهلِ دل انسان دوست
محکم آئینِ محبت داشت در ایوانِ خویش

هر کسی را چشم پرنم گشت و آه ازدل بخاست
برکشید ازدهر چوں آن دل نشین دامانِ خویش

هفدهم ماهِ رجب هم روز دوشنبه ازان
سیزده بر چارده صد زیب داد از آنِ خویش

یازده از جنوری سه بانود، یک بانهم
از جهان بگذشت آن جانِ جهان جانانِ خویش

هاتفم گفتا که گفتن باید این نکته نیاز
طالب المولی به جنت شد روان با شانِ خویش

Gul Hayat Institute

# الله جي امانت

## حضرت طالب المولىٰ جي دائمي وڇوڙي ويل

الله جي امانت، الله جي حوالي،
اڳتي ٿئي عنايت، الله جي حوالي.

---

اولاد مال مايا، سائي نہ ڪو ٻيو آ،
خالي ڪفن سوا ٻيو سڀ ڪجھ هتي پيو آ،
سان آ عمل جي دولت الله جي حوالي.

---

عابد هجي يا زاهد، تقويٰ سندو ڪو "طالب"
آ موت جو ملائڪ مرڻي مٿان ٿيو غالب،
شاهه و گدا شرافت الله جي حوالي.

---

عالم اديب، شاعر، قلمڪار يا ڪمانگر،
مخدوم پير مرشد، ڪپتان ڪو ڪمانڊر،
ڪنهن سان نہ ڪا رعايت الله جي حوالي.

---

"طالب" جون دل کي گهائن، ڪي ڪي حسين ادائون،
داور جي در تي دائم دل ٿي ڪري دعائون،
آسان ٿئي عدالت، الله جي حوالي.

---

کهڙي ڪجي حڪايت دل کي نہ آهہ طاقت،
بيوس زبان قلم سان شڪوه نہ ڪا شڪايت،
احساس جي اجابت الله جي حوالي.

---

اي هم سفر عزيزو دنيا جو دم گذر آ،
اڳتي رکيو اچانڪ ڏاڍو ڏکيو سفر آ،
هرڪا اتي جي حاجت الله جي حوالي.

---

منصور موت کان اڳ اهڙي ڪا ڪر تياري،
الله جي اطاعت، مرسل جي پوئواري،
شل ڪا ٿئي شفاعت الله جي حوالي.

---

Gul Hayat Institute

# سائين طالب المولىٰ جي ياد ۾

جن جي لڙڪن کي ڏسي بي چين ٿي ويندا هئا
سي جنازي تي سيئي بي هوش ٿي رئندا رهيا

هو ڏکويل لڙڪ پيو ڳاڙي، اگهي، سائين امين
هو پريان ويٺل اداس آهن رفيق، عاطف، خليق
رت رنا آهن وڇوڙي تي شڪيل، حاجن، جميل
غم توهان جي ۾ ٻڏل عثمان، نويد، انور، شفيق
ذهن تي سائين هزارين يادگيريون پيون اچن
کهڙين يادگيرين جون ويهي ڳالهيون ڪجن

ڪنهن ٻه محفل ۾ اچڻ، مرڪڻ، غريبن سان ويهڻ
يا "مناسب آهي هلجي" چئي خدا حافظ چوڻ
نالي سان محمد زمان ڄمندا ئي رهندا پر سڄڻ
سنڌ ۾ ٻيو "طالب المولىٰ" آهي مشڪل ٿيڻ
سنڌ وارن کي اوهان جي ياد ايندي بار بار
هي غريب پروانو پڻ رهندو سدائين سوگوار.

**ماستر خادم حسين همدم**

Gul Hayat Institute

عزتن جو پاسبان هو طالب المولىٰ
غمزدن جو سائبان هو طالب المولىٰ
دل سنڌ ۾ روئي پڪاري ٿي سدا
هر ڪنهين تي مهربان هو طالب المولىٰ

---

اڄ دل اداس آهي ڪنهن کي خبر تہ ڇا ٿيو
طوفان اندر ۾ آهي ڪنهن کي خبر تہ ڇا ٿيو
دل دل نہ رهي طالب المولیٰ کان سوا
هر هڪ نراس آهي ڪنهن کي خبر تہ ڇا ٿيو.

**علي احمد شاهہ ساقي سروري**

زماني جو امين آهي فقط هي طالب المولیٰ
زماني جو خليق آهي فقط هي طالب المولیٰ

ٿيو هڪ طالب المولیٰ نہ ٿيو ٻيو طالب المولیٰ
زماني جو رفيق آهي فقط هي طالب المولیٰ

زماني مان ڪڏهين هي ڪونہ ويندو طالب المولیٰ
شفيق آ طالب المولیٰ سعيد آ طالب المولیٰ

قيامت تائين زنده آهي منهنجو طالب المولیٰ
نويد آ طالب المولیٰ جميل آ طالب المولیٰ

تون محبوب زمان آهين ۽ آهين طالب المولیٰ
محمد مصطفیٰ ۽ مرتضیٰ جو طالب المولیٰ

*

ڏسو هي اوهان جي سوا بي سهارو
زمانو ڪري ويو مون کان ڪيئن ڪنارو
اوهان جي ڪري آئون جيئرو رهيس پي
اوهان کان سوا آئون اُڏارو اُڏارو

خدائي لم يزل جو پنج تن جو طالب المولیٰ
خدائي وحده جو خاص بندو طالب المولیٰ
مگر مون کي ڇڏي ويو منهنجو پنهنجو طالب المولیٰ
خبر ڪهڙي تہ مون سان هيئن ڪندو ڪو طالب المولیٰ

Gul Hayat Institute

زماني ۾ ڪروڙين آيا ۽ ڪيئي ڪروڙين ويا
ڪروڙين ڪيئي ايندا پيا ڪروڙين ڪيئي ويندا پيا
مگر منهنجو ڏٺي سائين نہ توجهڙو وري ايندو
گهٽئي مئي خانہ لهندا پيا گهٽئي ساقي پيارهندا.

...ام رسول راز سروري

## آه! طالب المولىٰ

خدا کي ٿيو پيارو اڄ پيارو طالب المولىٰ
ويو وڇڙي اسان کان روح وارو طالب المولىٰ
حيات آهن ڪئي جن علم ۽ انسان جي خدمت
وڏو هو بي سهارن جو سهارو طالب المولىٰ.

...ل الله فدا چانڊيو

## نذرانهٔ عقيدت

مِلئين مطلوب سان طالب مگر محمد زمان سائين
سُڃو هالا سندو ٿي ويو شهر محمد زمان سائين

نہ پرجي خال سگهندو تنهنجو سالها طالب المولىٰ
ادب سنڌي جي ڪئي خدمت تو اعلىٰ طالب المولىٰ
پيا لکندا توتي مضمون ڪئي رسالا طالب المولىٰ
لڙيا اکڙين مان تو لئہ لڙڪ آلا طالب المولىٰ
روئن تولا پيا شُعرا جا ولر محمد زمان سائين.

ادب جي ڪافي خدمت ڪيئي شرافت تنهنجي سياست هئي
غريبن شاعرن سان پڻ محبت تنهنجي عادت هئي
اپرندڙ شعرا جي اصلاح اها تنهنجي عنايت هئي

ڪڏهن ڪائي نہ ڪنهن اديب جي توسان شڪايت هئي
سنڌي ٻوليءَ جا سورهہ دادگر محمد زمان سائين.

جماعت سروري جا اي سچڻ سالار وڃڙي وئين
مون جهڙن نيم شُعرا جا اجها آڌار وڃڙي وئين
سچي آ سنڌ کي صدمو سنڌمہ سرڪار وڃڙي وئين
مِنا مُشاعرن ۽ محفلن مهندار وڃڙي وئين
ڪري تنهنجي ڪو پوري ڪيئن ڪٿر محمد زمان سائين.

اَڪرَ هي سڀ لکي تنهنجو عقيدت ۾ اچاريا ٿمہ
وڇوڙي ۾ تنل پنهنجا جگر ۽ دل ٿي ٺاريا ٿمہ
اچين مون جي سائين هي پنبڻ پنهنجا سنواريا ٿمہ
لڙڪ تنهنجي لاءِ سائين هيءَ سموري رات هاريا ٿمہ
ٻُڌي ريڊيو تان هي تنهنجي خبر محمد زمان سائين.

خبر هرگز نہ هئي اهڙي عيادت ڪاڻ اچٽو هو
لڪائڻ پاڻ تي ڪو دست شفقت ڪاڻ اچٽو هو
اوهان جي اڳڻ اصلاح جي تہ بيعت ڪاڻ اچٽو هو
ٿيڻ مون شامل شُعرا جميعت ڪاڻ اچٽو هو
هُجو ها ڪاش! ڪجهہ ڏينهڙا اگر محمد زمان سائين.

**علي محمد مجروح**

## نذرِ طالب المولىٰ

شاعر هو، باڪمال هو، اهلِ وفا بہ هو
هر دل جو غم شناس، ڪرمِ آشنا بہ هو

هو تاجدار شعرِ غزل، پاسبانِ فن
جنهن جو خيال سهڻو، سخن دلربا بہ هو

Gul Hayat Institute

مانيٺو جڻ تہ قرب جو مهراڻ پيو وَهي
چيڙيو ڪنهن سازِ دل، تہ هُو آتش نوا بہ هو

مون سان مليو جنهن بہ تہ مُرڪي مليو سدا
هو منهنجو دلنواز منهنجو همنوا بہ هو

"مسند نشين" تہ ملڪ ۾ آهن گهڻائي پر
هو هن "غريبِ شهر" جو غم آشنا بہ هو

ڪنهن سان ڪنهن نہ پاڙو هن پوليو جهان ۾
هو خوش بيان هو صاحبِ صدق و صفا بہ هو

اُن جي نظر سياستِ دوران کان باخبر
هو ناز جنهن تي سنڌ کي سو رهنما بہ هو

مون کي تہ جڻ هو ماري ويو پيو چوان بہ چا
هو منهنجي آس، منهنجي ڏکن جي دوا بہ هو

مشڪل ۾ اُن جي ذات چپر ڇانوَ پئي لڳي
هُو رڻ تتي ۾ صبح جي ٿڌڙي هوا بہ هو

مجروح وري ڪا طالب الموليٰ جي ڳالھ ڪر
محفل ۾ پنهنجي ڪنهن جو جلوه نما بہ هو.

الحاج رحيم بخش "قمر"

Gul Hayat Institute

## پيرِ طريقت اعليٰ حضرت پير روشن ضمير مخدومنا سلطان الشعرا قبلہ مخدوم محمد زمان صاحب "طالب الموليٰ" جن جي وصال تي

خدا رحمت ڪري تنهنجي مٿان، اي طالب الموليٰ،
اُتم سنڌي ادب ٿيو تو هٿان، طالب الموليٰ.

سُٺي ارشاد، "ارجع" جو، چيو "لبيڪ" تو لاڻ،
ٿئين، "الله" ڏي راول روان، اي طالب الموليٰ.

قمر جي، شمس، تارن جي دعا دائم ڏٺيءَ جي در،
ٿئي "فردوس" ۾ تنهنجو مڪان اي طالب المولىٰ.

سنڌءِ افسوس ۾ ڪاري، فلڪ پوشاڪ اُف پاتي،
رُنا توليءِ زمين و آسمان، اي طالب المولىٰ.

وڻن، ٻوٽن، گلن، غُنچن رُنو تنهنجي جدائي ۾،
پکين، تارين تي ڪئي آه و فغان، اي طالب المولىٰ.

محمّد ﷺ مصطفيٰ صلؐ عليٰ جي عشق، الفت ۾،
لکيا اشعار تو اعليٰ عيان، اي طالب المولىٰ.

گلستانِ وطن سان نت رکيو تو نينهن ٿي نرمل،
تون ٿي باغ ادب جو باغبان، اي طالب المولىٰ.

تون آهين سنڌ جو "سعدي" تون آهين سنڌ جو "حافظ"،
مان توکي سنڌ جو "جامي" چوان، اي طالب المولىٰ.

ٻلاري بوبڪر رضه جي باغ ۽ گلشن جو گل آهين،
۽ نرمل نوح جو نوري نِشان، اي طالب المولىٰ.

"فهيم" تنهنجو سدا فائق، "جميل" تنهنجي ڪيا جلوا،
"خليق" تنهنجو ڏئي خوشبو ميان اي طالب المولىٰ.

Gul Hayat Institute

# هڪ روشن مينار جو نہ رهيو!

## سائين طالب المولىٰ جي وداع وقت غم جا تاثرات

مينهن ڳوڙهن جو زمين تي پرنجي آهي پيو
ڪو ٻڌائي آسمان ڏاڍي اسان سان ڇا ڪيو؟
وقت پنهنجي جو وڏو ڏاڍو چڱو ماڻهو ويو
هيڏي ڌرتي جو، ۽ ڌرتي کان وڏو، اُبَ کان وڏو.

جنهن جي شخصيت جو عالمِ انتها اعليٰ هُيو
ڪائناتِ آدميت طالب الموليٰ هيو

هر عمل جنهن جو اَمر ۽ فعلُ لافاني هيو
ٻول مِٺڙا بي بدل ۽ قول لاثاني هيو!
سنڌ جي تهذيب هئي ۽ ساه هو ساڻيه جو
ناميارو نانءُ جنهن جو ڏيلُ هو هن ڏيه جو

جنهن جي محفل معرفت جو هو مڪمل ميڪده
علمِ ۽ انسانيت جو دل نشين دانش ڪده

خُسروانِ وقت پڻ جنهن وٽ هلي ايندا رهيا
قيصر و ڪسريٰ زماني جا جتي جهڪندا رهيا
جاڻي دانشور سيئي گوڏا ڀڃي ويندا رهيا
جنهن جي عظمت جي اڳيان فرعون پڻ نمندا رهيا

اهل ثروت هٿ ٻڌي جنهن جا قدم چُمندا رهيا
آگهِي ۽ فڪر جا موتي جتان مِلندا رهيا.

شعر جنهن جا، بيت جنهن جا، ڪافيون جنهن جون ڪمال
عارفانا جنهن جا نڪتا، جنهن جا گفتا لازوال
عزم، همت، استقامت ۽ متانت جو مثال
حُرمت انسان جو پيڪر، آدميّت جو جمال

صلح ڪل هئي ذات اُن جي فڪر جنهن جي روشني
هو سفير آگهي هو، هو نقيب زندگي

سنڌ جهڙو خوبصوت، چنڊ جهڙو خوبرو
وادي مهراڻ جي عزت، وطن جي آبرو
ڇا ٻڌايان مان؟ اوهان سڀني ڏٺو هو روبرو
هو جهان ۾ سرخُرو جنت ۾ هوندو سُرخُرو.

شال هئي هئي! منڙي ماڻهن جو پوي ڪاڻي نہ ڪال
’طالب المولىٰ‘ جو هاڻي هٿ پريندو ڪير خال؟

قوم ساري طالب المولىٰ! جي ڏکَ ۾ ٿي يدالُ
آھ ڪڙڪيو سنڌ تي ايڏي وڏي غم جو وبال
ڏک سهڻ ايڏو وڏو، نازڪ دلين جي لئي محالُ
پر قضا آڏو اچڻ جي ناهي ڪنهن کي پي مجال

گلبدن جي لحد تي، گل پاڻ ٿيندا شرم سار
جنهن ڪري آندو مان ’جوهر‘ ڳاڙهي ڳوڙهن جو آ هارُ.

**موسيٰ ڪليم**

٢١- ڊسمبر ١٩٩٣ع
شام جا ٣

طالب المولىٰ تنهنجا تنبورا ٿا وڄن
ناچو ناچ ٿا ڪن ڇير ٻڌي ڇن ڇن
تند ٻڌي تنهنجي جهومي تن ۽ من
تنهنجي هن اکرن ماري وڌو مون کي

طالب المولىٰ تند تنواري علم جو ٿيو آغاز الا
ڪُتبن ۾ ڪئين رنگ لڪيل هئا
ظاهر ٿيا سي راز الا- او طالب المولىٰ

تنهنجي صورت تنهنجي سيرت
فهيم آهي تنهنجي مورت
تنهنجو ۽ همراز الا او طالب المولىٰ

Gul Hayat Institute

پيار جي تون پرواز ڪرين ٿو
شينهن وانگي شهباز ڪرين ٿو
هٿ ۾ کڻي تون ساز الا او طالب المولىٰ

تو وٽ آهي علم جي دولت
لفظن جو آ خوب خزانو
ڪليم ڪي ڪر آواز الا او طالب المولىٰ

فقير محمد رمضان "مسڪين" سروري (سرهاري)

# سلام

## قبله طالب المولىٰ سائين جن جي شان ۾ نذرانهءِ عقيدت

روح رهبر رهنما اي طالب المولىٰ سلام،
خوش ادا ۽ خوشنما اي طالب المولىٰ سلام.

جو سنڌ محفل ۾ آيو ويو ٿي هڪدم معتقد
ها سنڌ گفتا مٺا، اي طالب المولىٰ سلام.

مهربان تون خادمن تي ۽ مريدن تي هُئين
تنهنجا تن سان رابطا اي طالب المولىٰ سلام.

خُلق سان تو ملڪ پنهنجو هو ڪيو بس قربدار
دل جا دلبر دلربا، اي طالب المولىٰ سلام.

سُهڻي صورت سهڻي سيرت سان فضيلت ماب هئين،
ابتدا کان انتها اي طالب المولىٰ سلام.

ڏُوم شعر و سخن جي هر هنڌ آهي تو سندي،
اي ادب جا پرجهلا اي طالب المولىٰ سلام.

تو ڪيو قابو قلم سان آهي ٻولي کي مٺا،
تنهنجي جذبن کي سدا اي طالب المولىٰ سلام.

Gul Hayat Institute

ڪونہ ورتي ڪو ڪنهين کان زندگي ۾ انتقام،
تو رکيا هي حوصلا اي طالب المولىٰ سلام.

تنهنجو ويهڻ ۽ اٿڻ سڀ کان نرالو نامور،
مرحبا صد مرحبا، اي طالب المولىٰ سلام.

تو وٽان "مخمور" "مائل" "خادم" و "محبوب" ٿيا،
فيض هي توکان مليا اي طالب المولىٰ سلام.

تنهنجي رحلت تي لکين آيا ڪَهِي تنهنجي ڪڪين،
دوست دشمن ٿيا ڪٺا اي طالب المولىٰ سلام.

جاءِ جنت ۾ هجي تنهنجي منا اي جانِ من،
هي آهي دل جي دعا اي طالب المولىٰ سلام.

سروري "مسڪين" تنهنجي ئي طفيل مان ٿيس،
منهنجا محسن مهلقا اي طالب المولىٰ سلام.

**سائل آزاد**

مهر محبت قرب جو ڪردار هو
روح جي راحت اکين جو ٺار هو
لار ماڪيءَ کان مٺي گفتار هو
"طالب المولىٰ" سراپا پيار هو

عشق مولا ۾ سدا سرشار هو
باطريقت پير هو پڳدار هو
سرورين جو قافلي سالار هو
"طالب المولىٰ" سراپا پيار هو

پاڻ پنهنجي وقت جي سرڪار هو
مال و زر هوندي نہ دنيا دار هو

Gul Hayat Institute

هو سخي بر بحر جو پينار هو
"طالب المولىٰ" سراپا پيار هو

حسن آڏو عشق جو اظهار هو
مهلقا محبوب جو حبدار هو
طالبِ ديدِ رُخِ انوار هو
"طالب المولىٰ" سراپا پيار هو

جيسين پنهنجي دلرُبا کان ڌار هو
آشنا درد، فراق، پيار هو
خود مسيحا برهه جو بيمار هو
"طالب المولىٰ" سراپا پيار هو

محفلن جو مور هو سينگار هو
اهلِ دل اهلِ نظر جو يار هو
فن ادب ۽ علم جو پيندار هو
"طالب المولىٰ" سراپا پيار هو.

امداد علي "امداد" سروري

## مرثيه

### حضرت قبله مرشد محمد زمان طالب المولىٰ جن جي ياد ۾

منهنجا مرشد تنهنجي غم تي ڇا لکي سگهندو قلم
تنهنجي رحلت جو ٻڌي خاموش ٿيا اهل علم
ختم ٿي ويو سنڌ جو هڪ باب علمي با هشم
سنڌ کي ڇا هند کي آهي رسيو رنج و الم
تون وڃين غمگين هالا جو سمورو شهر ٿيو
بس خوشا قسمت اسان کي من ملي رهبر پيو.

Gul Hayat Institute

ياخدا مرشد امين سائين جي دل تون شاد ڪر
پائرن ڪي قرب الفت ۾ سدا آباد ڪر
تن تي هر ڪنهن حال ۾ لطف و ڪرم "امداد" ڪر
بس سندم غم درد جي فرياد جو تون داد ڪر
ڪر ڪرم هن خاندان تي دائمي رب العُليٰ
پنهنجي طالب کي ڪجئُن تون جاءِ جنت ۾ عطا.

(آمين)

**شبير هاتف**
۱۵- جنوري ۱۹۹۳ع
ڪويت

جهڙو امين منهنجو محمد زمان هو — جهڙو ذهين منهنجو محمد زمان هو
جهڙو حسين منهنجو محمد زمان هو — جهڙو متين منهنجو محمد زمان هو
جهڙو خليق منهنجو محمد زمان هو — جهڙو رفيق منهنجو محمد زمان هو
جهڙو شفيق منهنجو محمد زمان هو — جهڙو انيق منهنجو محمد زمان هو
جهڙو سعيد منهنجو محمد زمان هو — ۽ خوش نويد منهنجو محمد زمان هو
جهڙو جميل منهنجو محمد زمان هو — جهڙو شڪيل منهنجو محمد زمان هو
جهڙو عقيل منهنجو محمد زمان هو — جهڙو خليل منهنجو محمد زمان هو
جهڙو نجيب منهنجو محمد زمان هو — جهڙو عجيب منهنجو محمد زمان هو
جهڙو عظيم منهنجو محمد زمان هو — جهڙو فهيم منهنجو محمد زمان هو
جهڙو ڪريم منهنجو محمد زمان هو — جهڙو حليم منهنجو محمد زمان هو
جهڙو حبيب منهنجو محمد زمان هو — جهڙو قريب منهنجو محمد زمان هو
جهڙو شريف منهنجو محمد زمان هو — جهڙو لطيف منهنجو محمد زمان هو
جهڙو امير منهنجو محمد زمان هو — جهڙو فقير منهنجو محمد زمان هو

Gul Hayat Institute

اهڙو نہ ماڻهو آهہ نہ هو هن جهان ۾
پنهنجو تہ هوندو پاڻ ئي مٽ هُن جهان ۾
اهڙي جو شي وڃائي سو ڪنگال ڇو نہ ٿئي
ڪنگال ٿئي تہ حال مان بي حال ڇو نہ ٿئي
هاتف ڦريو تہ خير پر اي سنڌ واسيو!
احساس ڪو اٿو تہ اوهان ڇا وڃائيو!

خانزاده سمیع الوری
نوشهرو فیروز سندھ

# نذرِ عقیدت

## حضرت مخدوم طالب المولیٰ

شاعرِ بے مثل ھے تو صاحبِ ادراک ھے
ظاھر و باطن میں بھی تو واقعی بے باک ھے
دُور رس تیری بصارت اور بصیرت بھی عمیق!
فکر بھی تیری زمیں سے لے کے تا افلاک ھے

طالب المولیٰ ھے تو اور طالبِ عقبیٰ ھے تو
بزرگانِ دین حق کا واقعی شیدا ھے تو
تو ھے سجادہ نشیں مخدوم سرور نوح کا
اھلِ دل، اھل نظر سے پوچھئے کہ کیا ھے تو

تونے سندھی شاعری کو اک نیا بخشا شعور
'کافیوں' میں بھر دیا تو نے تصّوف کا سُرور
اور غزل کو اک نیا اُسلوب دیکر تا ابد
کر دیا ھے شاعری کو آشنائے رنگ و نُور

Gul Hayat Institute

## ڪافي

ٿل: ونجارا ته ورن ڏي پنهنجر جيڏيون!
ڏينهن ڏٺي ڏٺا جن جي

اکڙيون انهي بار ڏي ڏاڍو ٿيون ڪي ڏسن
روز بندر تي پيهندي منهنجا نيڻ لڙسن
ويهي ڪينرن جي واعدا شال پرين پورا ڪن!
پيڙا پاجهارن سندا اوري ماڻ اچن!
پاڻ ته ڪين پلي ويا! مورهنون نشا مولن
طالب مولا سپرين اوري شال اچن!

مخدوم طالب المولیٰ
١٩-١٢-١٩٥٦ع

Gul Hayat Institute